# شاهہ لطيف جي شاعري

Gul Hayat Institute

# شاهه لطيف جي شاعري

(وڌايل ۽ سنواريل)

تنوير عباسي

Gul Hayat Institute

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
2000ع

Roshni Book No. 97

# شاھ لطيف جي شاعري

ليکڪ: تنوير عباسي

وڌايل ۽ سنواريل ايڊيشن © جنوري 1995ع
وڌايل سنواريل ڇاپو: ٻيو © روشني 2000ع

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: (سڪندر نقوي "جهانيان")
عبدالبرادرس، ليزر ڪمپوزنگ سسٽم، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ: القادر پرنٽنگ پريس، رنڇوڙ لائين، ڪراچي.
ڇپائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ.

قيمت: 150.00 رپيا

ٽائيٽل ڊزائين
فتاح منگي

Gul Hayat Institute

**SHAH LATIF JEE SHAIRY**

By: TANVEER ABBASI

Composed by Abdul Brothers, Laser Composing System, Hyderabad.
Printed by Al- Qadir Printing Press, Karachi.
Published by Roshni Publication, Kandiaro, Sindh.
Revised Edition Second

# ارپنا

جيجل امڙ عائشہ گل حسن جي نالي

❖

محمد ابراهيم جويي جي نالي
(سچو عشق پيدا نہ ٿيوي، توڙي ڇني هووي ڏاڙهي)

❖

رشيد ڀٽيءَ جي نالي

Gul Hayat Institute

❖ هن ڪتاب جا اڳ ڇپيل ڌار ڌار جلد مٿين شخصيتن ڏي ارپيا ويا آهن.

# فهرست


= پهرئين ناشر پاران پيش لفظ 9
- نئين گڏيل ڇاپي جو مهاڳ 11
- ٻئي گڏيل ڇاپي جو مهاڳ 12
- مهاڳ 14
- مهاڳ 15

## شاھ لطيف جي شاعري

1. شاھ لطيف جي شاعريءَ جو ادبي پس منظر 21
2. شاھ لطيف جي شاعريءَ جو سياسي ۽ تاريخي پس منظر 56
3. شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ سماجي ۽ اخلاقي قدر 68
4. شاھ لطيف جي عوامي شاعري 103
5. شاھ لطيف جي شاعريءَ جي موسيقي 127
6. شاھ لطيف جي عکسي شاعري 149
7. شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ رنگن جو اپياس 190
8. شاھ لطيف جي اهڃاڻي شاعري 223
9. شاھ لطيف جا سورما ۽ سورميون 272
10. شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ زورائتو اچار 279
11. ساڃن، سونهن، سرت 286
12. سرگهاتو جو اپياس 291


Gul Hayat Institute

## ليکڪ جا ڇپيا ڪتاب

رڳون ٿيون رباب
(شاعري)

شعر
(شاعري)

جي ماريا لَءِ موت
(ترجمو)

ٻاراڻا ٻول
(چونڊ ۽ ترتيب)

سج تري ۾ هيٺان
(شاعري)

جديد سنڌي شاعري
(چونڊ ۽ ترتيب)

خير محمد هيسباڻيءَ جو ڪلام
(تحقيق ۽ ترتيب)

نانڪ يوسف جو ڪلام
(تحقيق ۽ ترتيب)

هيءَ ڌرتي
(شاعري)

ترورا
(چونڊ نثر)

سچل سرمست (انگريزي)
(ترتيب)

مٿهن ٽنين مشعل
(خاڪا ۽ يادگيريون)

تنوير چئي
(شاعريءَ جو گڏيل مجموعو)

Gul Hayat Institute

# ناشر طرفان پيش لفظ

شاهہ عبداللطيف ثقافتي سوسائٽيءَ جو هيءُ پهريون ڪتاب پڙهندڙن جي اڳيان قرب ۽ نياز سان پيش ڪجي ٿو.

سنڌي زبان ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي زندگي، ڪلام ۽ پيغام تي اديبن، عالمن ۽ محققن جا تحقيقي مقالا، مضمون ۽ ڪتاب شايع ڪرڻ هن سوسائٽيءَ جو اولين ۽ بنيادي فرض آهي. نہ رڳو سنڌي زبان ۾ پر اردو، انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ ڪتاب شايع ڪري، سنڌ جي هن سدا حيات شاعر کي سڄيءَ دنيا جي علمي ۽ ادبي مرڪزن ۾ متعارف ڪرائڻ پڻ سوسائٽيءَ جو مکيہ مقصد آهي، جو تہ شاهہ روشنائيءَ جي انهن بلند ۽ بالا منارن مان هو، جيڪي سڄيءَ انسان ذات جا رهبر آهن.

تنوير عباسي اسان جي اول درجي جي بهترين اديبن مان آهي. هن شاهہ صاحب کي نئين نموني، ۽ نظرياتي نقطہءِ نظر کان پيش ڪيو آهي. ٻڪ، محنت، جفاڪشي، پروردگار تي توڪل ۾ پاڻ تي ڀاڙڻ، پيٽ ۽ آسائش سان گڏ معاشري سان محبت ۽ ان جي ترقي ۽ خوشحاليءَ جي جستجو، هن ڪتاب جي مضمونن جو مقصد آهي. اسين ڏاڍو خوش ٿياسون جو تنوير صاحب روايتي انداز واري ادب کي ڇڏي، هيءُ نئون ۽ تحقيقي ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي. شاهہ عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي اهڙي قسم جا ڪتاب ڇپائڻ گهري ٿي، جيڪي نئين نموني ۾ مستقبل جي خيال کان لکيل هجن.

ڪراچي جي مشهور مهتاڻي خاندان هن ڪتاب جي اشاعت ۾ اسان جي مدد ڪئي. دادا منگهارام مهتاڻي سنڌ جو وڏي دل ۽ وسيع نگاهہ رکندڙ شخص هو. سنڌي ادب ۽ فنون لطيف سان ۽ ثقافت جي ترقيءَ لاءِ پنهنجن

يونين کي امداد ڏيڻ جي وصيت ڪري ويو آهي. سنڌس پاڻ مسٽر دولت مهتاڻي، جو اسان جي سوسائٽيءَ جو بنيادي ميمبر آهي، دادا منگھارام جي ياد گيريءَ ۾ هن ڪتاب جي اشاعت لاءِ سوسائٽيءَ کي خاطر خواهہ امداد ڏني، تنهن لاءِ اسان سنڌس شڪر گذار آهيون. ساڳيءَ طرح اسين محترم غلام رباني آگري سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ جا پڻ مشڪور آهيون جنهن هن ڪتاب جي طباعت ۽ اشاعت جي ڪم جي علم سان محبت خاطر شروع کان آخر تائين نگراني ڪئي. اسان اميد ڪريون ٿا تہ هن ڪتاب جي اشاعت وسيلي سنڌي زبان جي علمي ۽ ادبي سرمائي ۾ خاطر خواهہ اضافو ٿيندو ۽ تنوير عباسيءَ جي مثال کي ڏسي اسان جا ٻيا اديب، عالم ۽ لکندڙ پڻ اڳتي قدم وڌائيندا.

سيد غلام مصطفيٰ شاهہ

چيئرمين

شاهہ عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي

ڪراچي - سنڌ.

8 مارچ 1976ع

Gul Hayat Institute

## نئين ڇاپي جو مهاڳ

هيءُ نئون ڇاپو، جيڪو روشني پبليڪيشن طرفان شايع ٿي رهيو آهي، ان ۾ ٻه نوان مضمون (شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ زوراڻو اڇار - سا ڄڻ سونهن سرت) وڌايا ويا آهن ۽ هڪ ٻن غلطين کي سڌاريو پڻ ويو آهي، جن ڏي مهربان پڙهندڙن ڌيان ڇڪايو. ان کان سواءِ سڄي مواد کي ٻيهر ترتيب ڏئي، مضمونن کي موضوع وار ترتيب سان رکيو ويو آهي.

ڪتاب کي نئين سر ڪمپيوٽر تي نهايت خوبصورتيءَ سان ڪمپوز ڪيو ويو آهي. ڪتاب جي سونهن ۽ سوڀيا لاءِ مان 'روشني پبليڪيشن' جو ٿورائتو آهيان.

تنوير عباسي

سرمد جو گهر

خيرپور

24 جولاءِ 1994ع

Gul Hayat Institute

ڳاڙيل ڇاپي ۾ شامل آهي.

اڃا به منهنجو اپياس جاري آهي. اميد آهي ته هن ڪان پوءِ به شاهہ، سچل ۽ ساميءَ تي ڪم ڪندو رهندس.

مان محترم فيروز احمد جو ٿورائتو آهيان جو هو صاحب منهنجي هن ڪتاب جي ٽنهي جلدن جو ڳاڙيل ڇاپو شايع ڪري رهيو آهي. هن 'ڳاڙيل ڇاپي' ۾ عالمن، اديبن توڙي عام پڙهندڙن ڪي سيئي مضمون هڪ جلد ۾ موجود ٿي ملندا، ان ڪري هو هن ڪتاب مان چڱيءَ طرح لاڀ حاصل ڪري سگهندا.

تنوير عباسي

سرمد جو گهر

خيرپور

15 اپريل 1989ع

Gul Hayat Institute

# مهاڳ

"شاهہ لطيف جي شاعري" جو پهريون جلد، 1976ع ۾ شايع ٿيو هو. ادبي حلقن طرفان ان کي پسند ڪيو ويو، ۽ شاهہ لطيف کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي قدرن ۾ هڪ قدم اڳتي سمجهيو ويو. ان جي مهاڳ ۾ مون لکيو هو تہ، "اسان جي سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾، خاص ڪري شاهہ لطيف وٽ اٿاهہ شاعرائيون خوبيون آهن، جن جو مون فقط ڇهن عنوانن هيٺ اڀياس ڪيو آهي. اهڙا ڪيترائي عنوان ٿي سگهن ٿا..."

هن جلد ۾، مون ڪجهہ وڌيڪ اڀياس ڪري، ٽن وڌيڪ عنوانن هيٺ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو اڀياس ڪيو آهي، انهن مان آخري عنوان "شاهہ لطيف جا سورما ۽ سورميون" اصل ۾ هڪ تقرير آهي، جيڪا مون حيدرآباد ريڊيو تان ڪئي، ۽ ان کي پوءِ ٽيپ تان اتاري ڪجهہ سڌاريو ويو. بهرحال اهو مضمون ايڏو اونهو ۽ تفصيلي اڀياس نہ آهي، فقط هڪ تاثراتي تقرير آهي.

محترم دوست الياس عشقيءَ ۽ رشيد ڀٽيءَ اڳي وانگر هن دفعي پڻ ڪيترائي مفيد مشورا ڏنا، جن لاءِ مان سندن ٿورائتو آهيان.

اميد تہ اڳئين جلد وانگر، سنڌي ادب جا شائق ۽ شاهہ لطيف جا شيدائي، هن جلد کي پڻ پسند ڪندا. سدائين ڪان وڌيڪ قمر هن ڪتاب لکڻ لاءِ بهترين ماحول ميسر ڪيو.

**تنوير عباسي**

سرمد جو گهر

خيرپور

20 نومبر 1984ع

Gul Hayat Institute

۽ ذريعا ايجاد ٿيندا رهيا آهن. تنقيد جو فن بيٺل پاڻي نہ، پر وهندڙ ڌارا آهي. ارسطوءَ جي پوئيٽڪس کان وٺي، ايليٽ ۽ آءِ. اي. رچرڊس تائين شعر کي پرکڻ، پروڙڻ، توڙي ان جي خوبين کي سمجهڻ لاءِ نوان نوان اصول ايجاد ٿيندا رهيا آهن. شعر جو باريڪ بينيءَ سان اڀياس جيترو هن دؤر ۾ ڪيو ٿو وڃي، اوترو ڪنهن بہ ٻئي دؤر ۾ نہ ڪيو ويو آهي.

هن ڪتاب تي هڪ اعتراض ٿي سگهي ٿو - اهو هيءُ تہ اڪثر مغربي نقادن جي راين جي روشنيءَ ۾ شاهہ لطيف جي فن کي پرکيو ۽ پروڙيو ويو آهي. جيئن اسان سائنس ۾ ايندڙ نون نون نظرين، توڙي نين نين کوجنائن مان فائدو حاصل ڪريون ٿا، تيئن ادب ۾ بہ ڪري سگهون ٿا. جيئن مغربي سائنسدانن پراڻا ۽ فرسودا نظريا متائي ڇڏيا، تيئن ادب جي باري ۾ بہ آهي. جيئن اسان مغرب جي ايجاد خوردبينيءَ سان گلن، ٻوٽن، توڙي انساني جسم جي باريڪ جوڙجڪ ٿا جاچيون، تيئن ادبي کوجنائن مان فائدو وٺي اسان پنهنجي ادب کي چڱيءَ ريت پرکي، پروڙي ۽ ان مان وڏيڪ حظ حاصل ڪري ٿا سگهون. شيڪسپيئر، خيام يا غالب کي جهڙيءَ ريت گذريل صديءَ ۾ پرکيو ۽ سمجهيو ويندو هئو، انهن شاعرن کي اڄ ان کان مختلف نموني ۾ پرکيو ۽ سمجهيو ٿو وڃي، ڇو تہ شعر کي پرکڻ ۽ ان جي ماڻڻ جا نوان طريقا ايجاد ٿي ويا آهن. جي اسان انهن نون طريقن کان اکيون ٻوٽي ڇڏيون تہ شاهہ لطيف جي ڪيترين ئي خوبين کان بي خبر رهجي وينداسين ۽ سندس شعرن کي چڱيءَ طرح ماڻي نہ سگهنداسين. شاعريءَ کي سمجهڻ، ان جو مزو ماڻڻ، توڙي ان مان حظ حاصل ڪرڻ جا طريقا اڄ بدلجي ويا آهن. قديم چيني شاعري، توڙي ڪلاسيڪي جپاني شاعريءَ جو هائيڪو صدين کان موجود آهن پر سڄو مغرب انهن مان حظ حاصل ڪرڻ ايجا هاڻي سکيو آهي. عڪسي شاعريءَ جي بنياد وجهندڙن ۽ ان جي نقادن، چيني شاعريءَ توڙي جپاني هائيڪوءَ جي نہ فقط اهميت وڌائي ڇڏي، پر مغربي شاعريءَ کي ان جي اثر هيٺ آڻي ڇڏيو.

اسان جي سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾، خاص ڪري شاهہ لطيف وٽ اڻاهہ شاعرائيون خوبيون آهن، جن جو مون فقط چئن عنوانن هيٺ اڀياس

ڪيو آهي. اهڙا ڪيترائي عنوان تي سگهن ٿا، جن هيٺ هن عظيم شاعر جي شعر تي لکي سگهجي ٿو. هيءَ فقط شروعاتي ڪم آهي ۽ في الحال سنڌي ادبين، پارکن ۽ عام پڙهندڙن لاءِ آهي. جي هن لافاني شاعر جون فني ۽ معنوي خوبيون دنيا جي پارکن جي آڏو رکجن ته شڪ ناهي ته وڏو مقام حاصل ڪن. هن ڪتاب لاءِ ڪيترن دوستن صلاحون ڏنيون ۽ ڪيترن ڪتاب ڏنا. انهن مان خاص طرح آءٌ شيخ اياز، رباني، رشيد ڀٽيءَ، الهداد ٻوهيي ۽ الياس عشقيءَ جو ٿورائتو آهيان. شاهه عبداللطيف ثقافتي سوسائٽي ڪراچي جي چيئرمن پروفيسر غلام مصطفيٰ شاهه صاحب ۽ سيڪريٽري مسٽر مظهر يوسف هن ڪتاب جي ڇپائڻ ۾ دلچسپي ورتي ۽ ان کي شايع ڪرڻ لاءِ سڀ سهوليتون فراهم ڪيون. مسٽر ٻريو ناشاد پروف ريڊنگ جو ڪم سر انجام ڏنو. آءٌ انهن مڙني مهربانن جو شڪر گذار آهيان. سيني کان وڏيڪ ٿورا پنهنجي قمر جا، جنهن سوچڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ لاءِ آدرشي ماحول ميسر ڪري ڏنو.

تنوير عباسي
سرمد جو گهر
خيرپور

12 جنوري 1976ع

# شاهہ لطيف جي شاعري

Gul Hayat Institute

هن ڪتاب ۾ آيل بيت مانواري غلام محمد شاهوائيءَ جن واري مرتب ڪيل "شاهه جو رسالو" مان ڏنا ويا آهن. ڏنگين ۾ آيل پهريون انگ ان سر جي داستان، ۽ ٻيو انگ بيت جي نمبر کي ظاهر ٿو ڪري.

Gul Hayat Institute

# شاهه لطيف جي شاعريءَ جو ادبي پس منظر

شاعر، خلائن ۾ پيدا نہ ٿيندا آهن. شعري ادب جي تاريخ جي اونهي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو، تہ هر شاعر پنهنجي دؤر جي سماجي، اقتصادي، سياسي، توڙي ادبي ڌارائن جو اثر قبول ڪري ٿو. شعري ادب جي تاريخ ۾، ڪٿي بہ، ڪوئي بہ خال نہ آهي. شعري ادب جي اوسر هڪ مسلسل عمل آهي، هڪ وهندڙ ڌارا آهي. شعري ادب شروع کان وٺي تسلسل سان ارتقا پذير رهيو آهي. هر ٻوليءَ جا عظيم شاعر، ان ارتقا جي ڏاڪڻ جو هڪ اهم ڏاڪو هوندا آهن. شاهہ لطيف بہ اسان جي سنڌي شاعريءَ جي ڏاڪڻ جو هڪ اهم ڏاڪو آهي. شاعر، جنهن بہ دور ۾ پيدا ٿيندو آهي، تہ سندس چوڌاري، ڪو خاص ادبي، سماجي ۽ ذهني (Intellectual) ماحول موجود هوندو آهي. ان ماحول جي تخليق ۾ ڪانئس اڳ آيل اديبن، شاعرن توڙي ڏاهن جو حصو هوندو آهي. هو پهريان ان ٺهيل ٺڪيل (Ready Made) ماحول کان متاثر ٿيندو آهي. ڪن شاعرن جي ذهني ارتقا ان ماحول کان متاثر ٿيڻ جي حد تائين ختم ٿي ويندي آهي؛ پر عظيم، انوکا ۽ ڪلاسيڪي شاعر اها حد ٽپي، ذهني بلوغت کي پهچي، پنهنجو انفرادي اسلوب ۽ ٽيڪنيڪ گهڙي، پنهنجي دور، توڙي پاڻ کان پوءِ ايندڙ دور تي، پنهنجي انفراديت جي ڇاپ هڻي ڇڏيندا آهن. سندن انفراديت جي ڇاپ، سندن دور جي، توڙي ان کان پوءِ ايندڙ شاعرن تي لڳندي رهندي آهي، ۽ سندن لاڏاڻي کان پوءِ بہ هڪ عرصي تائين قائم رهندي آهي. اهڙيءَ طرح، عظيم، انوکا ۽ ڪلاسيڪي شاعر،

Gul Hayat Institute

شعري ادب، توڙي سماج جي تاريخ کي اڳتي وڌائڻ ۾ هڪ اهم ڪردار ادا ڪندا آهن.

شاھہ لطيف ٻہ انهن تاريخي، عظيم ۽ انوکن شاعرن مان هو. سندس دور ۾ پڻ هڪ ٺهيل ٺڪيل ادبي توڙي ذهني ماحول هو، جنهن کان هو پنهنجي اوائلي عمر، توڙي پنهنجي شاعريءَ جي ابتدائي دور ۾ ضرور متاثر ٿيو هوندو.

شاھہ لطيف جي جمڻ تائين، سنڌي شاعري، پنهنجي اوسر ۾ ڪافي اڳتي وڌي چڪي هئي. ڳاهن، ڳنانن ۽ ڏوهيڙن کان اڳتي هلي، بيت ۽ وائي رواج ۾ اچي ويا هئا. بيتن توڙي واين کي داستانن توڙي سُرن ۾ ورهائڻ ۽ ترتيب ڏيڻ جو طريقو گهڻو اڳ شروع ٿي چڪو هو. سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين جي ٿاٽن، ماڳن توڙي ڪردارن جو اهڃاڻي استعمال ٻہ عام ٿي چڪو هو. جوڳي، ڪاهوڙي، سسئي، مارئي، سهڻي، توڙي ٻيا داستان ۽ ڪردار سنڌي شاعريءَ جو موضوع بڻجي چڪا هئا. شاھہ لطيف جي پس منظر ۾ ڳاهن، ڳنانن، ڀاڳوين، قاضي قادن، شاھہ لطف الله قادري ۽ ميين شاھہ عنات جون شاعرانيون روايتون هيون. خود شاھہ لطيف جو خاندان بهترين ادبي روايتن جو مالڪ هو. ڀاڻ شاھہ ڪريم بلڙيءَ واري جي پونيئر مان هو. مخدوم نوح (معين ٺٽوي)، ميان صاحب ڏني فاروقي، خواجہ محمد زمان لنواريءَ واري جهڙا باڪمال عالم ۽ شاعر سندس صحبتي هئا- مدن ڀڳت جهڙو سنت سندس ساٿي هو. اهو هو مقامي ادبي ماحول، جنهن ۾ سنڌ جو هيءُ ڪلاسيڪي شاعر ساھہ کڻي رهيو هو.

ٻئي طرف فارسيءَ جو زور شور هو. سنڌ جو هر عالم فارسي ڄاڻندو هو. مير علي شير قانع، جيڪو شاھہ لطيف جو هم عصر (سهيوڳي) هو، تنهن پنهنجي ڪتاب "مقالات الشعراء" ۾ ڪيترن ئي سنڌ ڄاون فارسي شاعرن جو ذڪر ڪيو آهي. خود شاھہ لطيف، مولانا روميءَ جي مثنويءَ کي پنهنجي سفر جو ساٿي ڪري ڪندو هو. سنڌ ۾ ڪيترن ئي فارسي شاعرن جي ڪلام کي پڙهيو ۽ پڙهايو ويندو هو. گنج واري نسخي ۾ ڪيترائي فارسي شعر آهن، جن جي باري ۾ روايت آهي، تہ اهي شاھہ لطيف آڏو، سماع جي محفلن ۾ ڳايا ويندا هئا.

فارسيءَ سان گڏ، ان وقت جي سنڌ ۾، عربيءَ جو پڻ زور هو. مدرسن

Gul Hayat Institute

۾ قرآن شريف سان گڏ عربيءَ جا ڪتاب پڻ پڙهايا ويندا هئا. شاهہ لطيف جي ئي دور جي ڪيترن سنڌي عالمن عربيءَ ۾ ڪتاب لکيا. ان اثر هيٺ، شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾، جاءِ بجاءِ نہ فقط قرآن شريف جون آيتون ۽ حديثون حوالي طور ڏنيون آهن، پر ان سان گڏ ڪي ئي عربيءَ جا پهاڪا ۽ چوٽيون پڻ ڪتب آنديون اٿائين.

شاهہ لطيف جي دؤر تائين، ننڍي کنڊ جي شاعري پڻ اوُسر جي چوٽ تي پهچي چڪي هئي. سنسڪرت ۽ ان کان پوءِ اپڀرنش ۽ هنديءَ جو ادب، ويدن، اپنشدن، مهايات ۽ رامائڻ کان ٿيندو، ڪرشن ڀڳتيءَ ۽ رام ڀڳتيءَ کان اڳتي هلي، 'نرگن واد' تائين اچي پهتو. هندي ادب ۾ ٻڌمت جي "ناٿ پنٿي" تحريڪ جو اثر پڻ سمائجي ويو هو. ڪاليداس، تلسي داس، ميران ٻائي، هيم چندر، چندر بردائي، ملڪ محمد جائسي، عبدالرحيم خان خانان، ڪبير ڀڳت، دادو ديال ۽ ٻيا شاعر پنهنجو وارو وڄائي چڪا هئا.

گنج جي نسخي ۾ پڻ ڪيترائي هندي دوها ۽ ڀڄن شامل آهن، جن جي باري ۾ روايتون آهن تہ اهي شاهہ لطيف جي سماع جي محفلن ۾ ڳايا ويندا هئا. شاهہ لطيف جي اڪثر سوانح نگارن، هندستان جي ٻن ڳوين "اٽل" ۽ "چنچل" جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي شاهہ لطيف جي سماع جي محفلن ۾ ڳائيندا هئا. ممڪن آهي تہ گنج جي نسخي ۾ آيل هندي ڪلام ۾ انهن ٻن ڳوين جي ذريعي شاهہ لطيف جي محفل تائين پهتا هجن.

اهي چار ڌارائون هيون، جيڪي شاهہ لطيف جي وقت ۾ وهي رهيون هيون. هڪ عربيءَ واري مذهبي ڌارا، ٻي مقامي ڌارا، جيڪا شاهہ لطيف کان اڳ وارن سنڌي شاعرن تي مشتمل هئي، ٽين فارسيءَ واري ڌارا، ۽ چوٿين ننڍي کنڊ جي ادبي ڌارا، جيڪا سنسڪرت، اپڀرنش ۽ هنديءَ جي ادبي روايتن جي اثر هيٺ هئي. گنج ۾ انهن چئني روايتن جو ڪلام بہ ملي ٿو، تہ فارسي غزل بہ ملن ٿا، تہ عربي آيتن ۽ حديثن وارا بيت بہ، تہ هندي ڀڄن ۽ دوها بہ موجود آهن.

شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ جي اوائلي دور ۾ انهن سڀني ادبي لاڙن جو اثر قبول ڪيو، ۽ پوءِ سندس شاعريءَ اڳتي هلي، بلوغت کي پهچي، انهن

Gul Hayat Institute

سيني روايتن کي پنتي ڇڏي پنهنجو نرالو ۽ انوکو رستو گهڙي، انهن ٻنهي روايتن جي ميلاپ سان ڪلاسيڪي ادب ۾ پنهنجو انفرادي مقام پيدا ڪيو.

هن مضمون جو مقصد انهن اهڃاڻن ڏي اشارو ڪرڻ آهي، جيڪي شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ ان ادبي ماحول جي اثر طور ملن ٿا، جيڪو ڪانئس اڳ، يا سندس حياتيءَ ۾ سنڌ ۾ موجود هو، جنهن کان پوءِ هو پنهنجي اوائلي عمر ۽ پنهنجي شاعريءَ جي شروعاتي دور ۾ متاثر ٿيو.

## مذهبي ۽ عربي اثر

شاهہ لطيف جو جنم هڪ مذهبي خاندان ۾ ٿيو. ان خاندان جي رغبت قرآن مجيد ۽ حديث شريف سان رهندي ٿي آئي. شاهہ لطيف جي باري ۾ اهو بہ مشهور آهي تہ هو سفر ۾ قرآن مجيد جو نسخو ساڻ کڻندو هو. شاهہ لطيف جي رسالي جي پوئين دؤر جي قلمي نسخن جي شروعات ٿي "اول الله عليم" سان ڪيل آهي. ان کان پوءِ "مڃ محمد ڪارڻي" ۽ ان کان اڳتي هلي، "وحده لا شريڪ لہ" جو اقرار ڪندي، ڪثرت ۽ وحدت جو فلسفو سمجهايو اٿائين.

ان کان سواءِ شاهہ لطيف پنهنجي بيتن ۾ ڪيترين ئي قرآن مجيد جون آيتون، حديثون، توڙي عربي چوڻيون حوالي طور ڪم آنديون آهن، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو تہ هن کي قرآن مجيد، حديث، توڙي عربي ٻوليءَ تي ڪافي عبور هو. ڪوبہ ماڻهو، بنا معنيٰ ڄاڻڻ جي، عربيءَ جا اهي لفظ استعمال نہ ٿو ڪري سگهي.

گهڻن بيتن مان هيٺ ڪن بيتن جون فقط اهي سٽون ڏجن ٿيون، جن ۾ شاهہ لطيف عربيءَ جو استعمال ڪيو آهي:

'اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي.
(ڪليان، ١ ـ ١)

'وحده' لا شريڪ لہ' چئي چوندو آءُ.
(ڪليان، ٦ ـ ٢)

'الست بربڪم قالو بليٰ' ۾ اهائي پار.
(سهڻي، ٢ ـ ٦)

'ڪن فيڪون' ڪانہ هئي نڪا ٻي پچار.
(سهڻي، ٦ ـ ٢)

Gul Hayat Institute

’الفراق اشد من الموت‘ هتي نہ هوندياس.

(سسئي آبري، ٥ - ٩)

’مارايت شيئآ الاورايت الله‘ نيئي اجها اوڏاهين اڏ.

(سسئي آبري، ٥ - ١١)

’و نحن اقرب اليه من حبل الوريد‘ تنهنجو توهين ساڻ.

(سسئي آبري، ٥ - ١٣)

’الله بکل شيء محيط‘ اي آرياڻي آهہ پاڻ.

(سسئي آبري، ٥ - ١۴)

’و في انفسکم افلا تبصرون‘ سوجهي کر سهي.

(سسئي آبري، ٥ - ١٢)

’العشق نارُ الله لموقده،‘ کوري جنّ ڪاٺي.

(سسئي آبري، ٥ - ٥)

’العشق حجاب بين العاشق والمعشوق‘ لاشک ٿي لاهي.

(سسئي آبري، ٥ - ١٧)

’السفر قطع من النار‘ هاري موٽ هتا،
سگ ’صراط المستقيم‘ جو اٿي تان اڳتا.

(ديسي، ٢ - ٢)

’من طلب شيئآ جد وجد‘ آ تو علي شاهہ.

(ديسي، ٢ - ٣)

’من لا شيخ له فشيخه الشيطان‘ ان ريء انداهي.

(ديسي، ٢ - ۴)

’بلا شيخ من يمشي في الطريق‘ اهڙي اوائي.

(ديسي، ٢ - ۴)

’ليل‘ نہ جاڳنّ لک سين، ستيئن رات سڄي.

(ڪوهياري، ١ - ٢)

’اجلس‘ ڪري اٿا توارئو توڏن،
’نوم‘ نوازن ان جي، مرحبا موڏن،
رڙهي رس روڏن ’اليوم سيرو‘ سسئي.

(ڪوهياري، ١ - ۴)

Gul Hayat Institute

'وَلا طقنطو من رحمت الله' پرين چيو پاڻ،
'ان الله يغفر الذنوب جميعا' سچو ايءُ پرياڻ.

(کوهياري، ٢ - وائي)

'الست بربکم' جڏهن کن پيوم،
'قالو بليٰ' قلب سين، تڏهن تت چيوم.

(مارئي، ١ - ١)

جڏهم 'کن فيکون' مون تڏها کون مارئين.

(مارئي، ١ - ٢)

نکا 'کن فيکون' هئي نکو لکَ 'لحم'

(مارئي، ١ - ٦)

'و نحن اقرب من حبل الوريد' وطن ان وينديا س.

(مارئي، ١ - ٩)

'قيد الماء' تيوم هت اٺانگي کهاريان،
'هناک جسمي والفواد لديکم' هيئون هت سندوم.

(مارئي، ١ - ١٠)

'کل شيء يرجع الي اصله' تي جهجان جهانگين کاڻ.

(مارئي، ١ - ١٤)

'وليس کمثله شيء'، پسڻ ناهہ پرين.

(مارئي، ٨ - ٢)

'لم يلد ولم يولد' مارئي کوهم کري.

(مارئي، ٨ - ١)

'الله نور السماوات' جلوو زمينياس.

(کيڏارو، ٥ - ١٠)

'لم يلد ولم يولد' ايءُ تجابت نياءُ.

(کاموڏ، ٢ - ١٠)

'والسوف يعطيک ربک' توسين قادر کيا قرار.

(سارنگ، ٣ - وائي)

'ان الله و تر و يحب الوتر' نيئي بيائي بار.

(آسا، ١ - ٢)

Gul Hayat Institute

’انا عبد‘ معبود تون، ات ڪو شرڪ نہ ڪر.
(آسا، ۱ - ۱۰)

’عجلو بالتوبه قبل الموت‘ ويھ تون وير م لاهي.
(آسا، ۲ - وائي)

’ لم يلد ولم يولد‘ ونءُ اوڏاهين پيھي.
(آسا، ۳ - ۹)

’الذين آمنو و ڪانو يتقون‘ ان پر ايا جي.
(آسا، ۴ - ۴۴)

’ان اوليائي تحت قبائي‘ پهجا پاڻ پراهي.
’لا يعرفهم غيري‘ پرڪي ڪين پسائي.
(آسا، ۴ - وائي)

’فڪان قلب قوسين او ادنيٰ‘، تا نانگا اينءُ نمن.
’ڪل من عليها فان‘، باقي ڪين بچن.
’الله ولي الذين آمنو يخرج هم من
الظلمات الي النور‘ تا اهڙيءَ پَر پُرن.
’خر موسيٰ صعقا‘ جوڳي جَنگ جلن.
’ما زاغ البصر و ماطغيٰ‘ اهڙي روشن رون.
(رامڪلي، ۵ - ۱)

’من له المولي فله الڪل‘ ايءُ پروڙج پنڌ.
(رامڪلي، ۹ - ۲۲)

’من عرف الله ڪل لسانه‘ اهڙائي امين.
(رامڪلي، ۹ - ۲۳)

’ان الله وتر و يحب الوتر‘ وحدت واڳ وڌائين.
’الانسان سري وانا سره‘ ان پر اتائين.
(برياتي، وائي - ۱)

’و تعز من تشاء و تذل من تشاء‘ ائين اتائين.
(برياتي، وائي -۲)

## مقامي پس منظر

جيئن متي چاڻايو ويو آهي تہ شاهہ لطيف جي وقت تائين سنڌي شاعري

Gul Hayat Institute

اسين سڪون جن ڪي، سي سا اسين پاڻ،
هاڻي وڃ گمان سهي، سي تو سپرينَ.
(شاهہ ڪريم)

اسين سڪون جن ڪي، سي اسين پاڻ،
هاڻي وڃ گمان، سهي سڃاتا سپرين.
(شاهہ لطيف، آسا، ۴ - ۸)

پاڻيءَ مٿي جهوپڙا، مورک اڄ مرن،
دانهون ڪن مَنَ جيئَن، دم نہ سڃاڻن.
(شاهہ ڪريم)

پاڻيءَ مٿي جهوپڙا، مورک اڄ مرن.
ساها اوڏو سپرين، لوچي تان نہ لهن.
دم نہ سڃاڻن، دانهون ڪن مَنَ جان.
(شاهہ لطيف، سسئي آبري، ۱۰ - ۹)

شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري کان پوءِ، شاهہ لطف الله قادري ٻيو اهم شاعر هو، جنهن جي شاعريءَ جي اثر جا اولڙا شاهہ لطيف جي شاعريءَ تي پيا. شاهہ لطيف، شاهہ لطف الله قادريءَ جي وفات کان ٻارنهن سال پوءِ ڄائو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي راءِ موجب "اهو ناممڪن آهي جو شاهہ لطف الله جهڙو عارف شاعر، جو ڪاٽئس ٽورو اڳ ۾ ئي گذريو ۽ ساڳئي قادري طريقي جو بزرگ هيو، جنهن سان شاهہ لطيف وابستہ هو. تنهن جي سالڪانہ سوانح ۽ عارفانہ بيتن کان شاهہ صاحب غير واقف رهيو هجي." (4) سندس راءِ موجب، "بيتن ۾ لفظن، فقرن، يا مصراعن جي 'تڪرار' يا 'وراڻ' جو باني مباني شاهہ لطف الله قادري آهي. شاهہ عبداللطيف جي رسالي ۾ انهيءَ جدت جو عڪس جاءِ بجاءِ نظر اچي ٿو." (5)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب ڪيترائي اهڙا بيت ڏنا آهن، جن مان شاهہ لطف الله قادريءَ ۽ شاهہ لطيف جي ڪلام جي مماثلت ظاهر ٿئي ٿي. ڪيترن هنڌن تي شاهہ لطيف جا محاورا، اصطلاح، تان جو سٽن جون سٽون ساڳيون شاهہ لطف الله قادريءَ واريون آهن. ڪيترن هنڌن تي ائين محسوس ٿو ٿئي، تہ ڄڻ شاهہ لطيف، شاهہ لطف الله قادريءَ جون مصراعون ڪٺي، انهن تي تضمين ڪئي آهي، يا انهن سٽن جي پران پنهنجا بيت ڏنا اٿائين. ڊاڪٽر نبي بخش خان

Gul Hayat Institute

بلوچ جي تحقيق جي نتيجي طور، اهڙن ڏنل تمام گهڻن بيتن مان ڪي ٽورا هتي ڏجن ٿا، جن تي شاهہ لطف الله قادريءَ جو اثر چٽو ۽ پڌرو آهي:

جِتِ راهہ گم ٿئي، ور سا ڪاري رات،
هي پڻ وجي وسري، هَن هنهين جي تات.

(شاهہ لطف الله قادري)

ور سا ڪاري رات، جنهن ۾ راهہ گم ٿئي،
نہ ڪا هَن جي تات، هي پڻ وجي وسري.

(شاهہ لطيف)

پير نہ پوءِ پڪا، جت سَٽسين سينه گڙن،
سا جوءِ ڏوري آئيا، سَنها جت منجهن.
ڪاهوڙي ان پند جون، ڳجهان ڳجهيون ڪن،
او پينا تت وحن، جت حرف حڪايت ناهہ ڪيو.

(شاهہ لطف الله قادري)

پير پراٿا ڪيترا، سڪا منهن سندن،
سا جوءِ ڏوري آئيا، سونهان جت منجهن،
ڳجها ڳجهيون ڪن، تنهان پراهين پند جون.

(شاهہ لطيف)

ورهہ وهامي راتڙي، تان تان سنياسين.

(شاهہ لطف الله قادري)

جنهن ڪارڻ جوڳي ٿيا، جان جان سو نہ پسن،
تان تان سنياسين، ورهہ وهامي راتڙي.

(شاهہ لطيف)

مون پوربي نہ پچيا، جوڳي جاڙ ڪري،
سڏيون سنديون سچڻين، هيون جن ڳري.

(شاهہ لطف الله قادري)

مون پوربي نہ پچيا، جوڳي جاڙ ڪري،
هيون جن ڳري، سڏيون سنديون سچڻين.

(شاهہ لطيف)

Gul Hayat Institute

جون جايون بہ ٿوري مفاصلي تي هيون. ميين شاهہ عنات جي عمر 65 کان 70 جي هئي، جو شاهہ لطيف ڄائو ۽ ڀٽائي صاحب جي عمر 18 کان 23 سالن جي هئي جو شاهہ عنات وفات ڪئي. (6)

اهي بہ روايتون آهن، تہ ٻنهي شاعرن جون ملاقاتيون ۽ ڪچهريون بہ ٿيون. ٻنهي هڪ ٻئي سان روح رهاڻيون ڪيون. دل جا حال اوريا. شاهہ لطيف کي مارئيءَ جي بيتن ڏيڻ جي ترغيب شاهہ عنات ڏني، ۽ شاهہ عنات کي سسئيءَ جي بيتن ڏيڻ ڏي لاڙو شاهہ لطيف جي ڪري ٿيو.

انهن روايتن کي درگذر ڪري بہ، جيڪڏهن ٻنهي شاعرن جي شاعريءَ جو اڀياس ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ شاهہ لطيف تي لازمي طرح شاهہ عنات جي شاعريءَ جو اثر پيو آهي. شاهہ لطيف جي ڄمڻ وقت، ميون شاهہ عنات پنهنجي شهرت جي بلندين تي پهچي چڪو هو. سندس شاعري رچي چڪي هئي. شاهہ عنات وٽ، سنڌي شاعري، قالب توڙي روح جي لحاظ کان بلوغت تي پهچي چڪي هئي. سرن ۽ داستانن جي ورڇ، وائيءَ جو موضوع آهر داستان جي ٻيجاڙيءَ ۾ اچڻ، ڪلياڻ، سامونڊي، سريراڳ، مارئي، ليلا چنيسر توڙي ٻيا ڪيترائي موضوع شاهہ عنات جي شاعريءَ ۾ اڳ ئي موجود هئا، جن کي شاهہ لطيف اڳتي هلي، پنهنجو ڪيو، ۽ اهي ئي موضوع، شاهہ لطيف جا مرغوب موضوع ٿي پيا.

شاهہ لطيف جي شاعريءَ تي، ميين شاهہ عنات جي شاعريءَ جي اثر جي باري ۾ پڻ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جن ڪافي باريڪ بينيءَ سان اڀياس ڪيو آهي، ۽ ٻنهي شاعرن جي ڪلام مان اهڙا شعر ڳولهي ڪڍيا اٿائون، جن ۾ شاهہ لطيف ۽ شاهہ عنات جي ڪلام ۾ هڪجهڙائي ملي ٿي ۽ شاهہ لطيف جي شاعريءَ تي، شاهہ عنات جي شاعريءَ جو اثر ظاهر ٿئي ٿو:

الست ارواحن کي، جڏهن جاڳايو جبار.

(شاهہ عنات)

الست ارواحن کي، جڏهن جاڳايو جليل.

(شاهہ لطيف)

ٻَکي ڏيندا ٻاجهہ جي نهاري نارون.

(شاهہ عنات)

Gul Hayat Institute

ٻَڪي ڏيندا ٻاجهہ جي آيا سور ڏٺي.

(شاهہ لطيف)

آءُ ٻڌ تنهين کي چنڊيا، کہ اکڙين سين.

(شاهہ عنات)

چنڊيان کِہ اکين، پيرين وجهان هٿ.

(شاهہ لطيف)

سوئي سارين سومرا، جو پائر جو پنهوار.

(شاهہ عنات)

سَتي سي ئي ساريا، جي پائر جا پنهوار.

(شاهہ لطيف)

ڳٽين پرين رنام، اوگڻ رسي سيکو.

(شاهہ عنات)

اوگڻ رسي سيکو، ڳٽين پرين رنام.

(شاهہ لطيف)

رهي نہ رتيءَ جيتري، ڏني جن ڏنار،
تون تنين سي گهار، اوڏا اڏي پکڙا.

(شاهہ عنات)

ويني جني وٽ، ڏکندو ڏور ٿئي،
تون تنين سين کٽ، اوڏا اڏي پکڙا.

(شاهہ لطيف)

رندا جني رهڙيا، محبت پائي من،
تني سندي سٽ کي، صراف ئي سکن،
سي ڪي هٽ نہ وڃن، ان جو گهر ويني ئي اکهيو.

(شاهہ عنات)

محبت پائي من ۾، رندا روڙيا جن،
تن جو صرافن، اٺ توريو اگهائيو.

(شاهہ لطيف)

چوٽا تيل قليل سين، واسيتگن ويڙهيائون.

(شاهہ عنات)

چوٽا تيل چنبيلئا، ها ها هو هميش.

(شاهہ لطيف)

Gul Hayat Institute

جوڳي ٽڙن جهرڪڻو، جڻ چوڏهينءِ ماهه چنڊ.

(شاهه عنات)

چوڏهين ماهه چنڊ جڻ، ڪيو ساميءَ سهائو.

(شاهه لطيف)

ٻانهي ٻانهوٽي، ڪنيزڪ ڪيچين جي.

(شاهه عنات)

ڪنيزڪ ڪيچين، ٻانهوٽن ٻانهي.

(شاهه لطيف)

آءَ ڪولي آهيان ڳل ٻوءِ، تون سچائج سات ڏٺي.

(شاهه عنات)

ڪولي ٽيان ڳل ٻوءِ، جي سچاڻان سات ڪي.

(شاهه لطيف)

آئي اٺ جهڪيا، مهري مزمانن.

(شاهه عنات)

مزمانن مهري آئي، جهوڪيا جهوڪ ٻر.

(شاهه لطيف)

آئين جي ورن واريون، وڃيو سڀ موٽي.

(شاهه عنات)

وڃو سڀ وري، آئين جي ورن واريون.

(شاهه لطيف)

تتي ڪوسي ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي.

(شاهه عنات)

تتي ٿڌي ڪاهه، ڪانهي ويل وهڻ جي.

(شاهه لطيف)

جٺان ڪهڙي تان ڪهڙ، اوڙان ئي تڙ ٽئي.

(شاهه عنات)

ڪنهن جنهن ڪهڙ ڪهڙي، جڻ اوڙان ئي تڙئو.

(شاهه لطيف)

سڄڻ هتڙا ڏور، مونکي مينهن ميڙئا.

(شاهه عنات)

جي پرين هتڙا ڏور، سي مونکي مينهن ميڙئا.

(شاهه لطيف)

Gul Hayat Institute

مٿي ڏنل بيتن ۾ ڪافي مماثلت آهي. ٻولي، محاورا ۽ اصطلاح، لوڪ ڪهاڻين جا ڪردار، ڳاڻا ۽ انهن جو اهڃاڻي استعمال، ٻنهي شاعرن وٽ هڪجهڙو آهي. شاهہ عنات جو شعر پڙهي معلوم ٿو ٿئي تہ "ٻڪي ٻاجهہ جي"، "سجڻ سوڀارا"، "ڪنہ ڪيڙڻ"، "اکين سين ڪِهہ چنڊڻ"، "پاٽر جا پنهوار"، "ڳٽين رسڻ"، "اوڏا پکڙا اڏڻ"، "رندا روڙڻ"، "چوٽا تيل قليل جا"، "چوڏهينءَ جي چنڊ جيان جَهرڪڻ"، "ٻانهي ٻانهوٽي ۽ ڪنيزڪ"، "ڳولي گل ٻوءِ"، "ساٽ ڏٽي"، "مزمانن جو مهري جهڪائڻ"، "ورن وارين جو موٽي وڃڻ"، "تتي تَڏيءَ ڪاهڻ"، ۽ "اوتڙان تڙ تيڻ" جا محاورا ۽ اصطلاح، شاهہ لطيف کان اڳ استعمال ۾ آيا هئا.

ساڳيءَ طرح ڪلياڻ، سسئي، مارئي، مومل راڻي توڙي ٻين لوڪ ڪهاڻين جي ڪردارن، ڳاڻن توڙي ماڳن جي اهڃاڻي استعمال جو وجود بہ شاهہ عنات وٽ ملي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي انهن وڏن شاعرن کان سواءِ، ٿي سگهي ٿو تہ ڪي ٻيا بہ اهڙا شاعر هجن، جن جو اثر شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ جي اوائلي دور ۾ قبول ڪيو هجي. اها سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ ڪيترائي خال آهن. ڪيترا اهڙا شاعر آهن جن جو سڄو ڪلام ادبي ميدان ۾ نہ آيو آهي، ان ڪري ممڪن آهي تہ شاهہ لطيف کان اڳ واري دور جي ڪن ٻين سنڌي شاعرن بہ شاهہ لطيف جي شاعريءَ تي اثر ڇڏيو هجي، پر اهو فقط تڏهن ئي ثابت ٿي سگهندو جڏهن سنڌي شاعريءَ جي سلسلي جون سڀ گم ٿيل ڪڙيون ڳولي لڌيون وينديون.

اڄ کان ويهہ پنجويهہ سال اڳ، شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي پس منظر جي باري ۾ ڪهڙي خبر ڪانہ هئي. شاهہ لطيف جي وجود کي، سنڌي شاعريءَ جي تاريخ جو هڪ عجب ۾ وجهندڙ معجزو سمجهيو ويندو هو. جڏهن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهہ لطف الله قادريءَ ۽ ميين شاهہ عنات تي تحقيق ڪري، شاهہ لطيف جي شاعريءَ تي انهن جي اثر کي نروار ڪيو، ۽ ان کان پوءِ شري هيري ٺڪر قاضي قادن تي کوجنا ڪئي تہ سنڌي شاعريءَ جي ارتقا جون ڪڙيون ملنديون آيون، ۽ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو پس منظر اڀري آيو.

ان ڏس ۾ سراج، برٽش ميوزم ۾ رکيل ڪن قلمي نسخن جي چنڊڇاڻ ڪئي آهي، جيڪي ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل آهن. انهن قلمي نسخن

Gul Hayat Institute

مان سراج کي اهڙا بيت ڳولي ڪيا آهن، جيڪ شاهہ جي رسالي ۾ موجود آهن. اهي برٽش ميوزيم وارا ديوناگري لپيءَ ۾ لکيل قلمي نسخا. شاهہ لطيف جي ڄمڻ کان بہ اڳ جا لکيل آهن. (7) سراج جي تحقيق موجب هڪ بيت هيءَ آهي.

ماٺڪ مٺ ڪيوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو،
تيلائين ٿيوم، اڳونڌرو عالم ۾.

سراج جي راءِ موجب ان قلمي نسخي ۾ آيل بيت شاهہ لطيف کان اڳ جا آهن، ۽ ائين ٿو لڳي تہ شاهہ لطيف انهن بيتن تي تضمين ڪئي آهي، يا اهي اصل ٻين شاعرن جا آهن، جيڪي ٻين ڏارين بيتن وانگر شاهہ جي رسالي ۾ شامل ٿي ويا آهن.

سراج ۽ هيري ٺڪر جي تحقيق مان معلوم ٿئي ٿو تہ ديوناگري لپيءَ ۾ سنڌي ادب جو هڪ وڏو خزانو موجود آهي، ان ڪري اسان جي عالمن ۽ محققن لاءِ ان لپيءَ جي ڄاڻ رکڻ ضروري آهي. لازم آهي تہ ديوناگري لپيءَ جي قديم نسخن جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وڃي، ۽ ان ۾ موجود سنڌي ادب کي موجوده صورتخطيءَ ۾ منتقل ڪيو وڃي، جيئن اسان جي ادبي تاريخ جي سلسلي جون ڪڙيون ملنديون وڃن. ڇوتہ ديوناگري لپي بہ صدين کان سنڌي ادب کي محفوظ ڪرڻ جو ذريعو رهي آهي.

شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي مقامي پس منظر جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ سرن جي ورڇ شاهہ لطيف کان بہ اڳ، شاهہ لطف الله قادري ۽ ميين شاهہ عنات وٽ موجود هئي. قاضي قادن، شاهہ لطف الله قادري، ميين شاهہ عنات، توڙي ان کان اڳ وارن سنڌي شاعرن جي مقامي روايتن کي، شاهہ لطيف، پنهنجي ذات ۽ ڏانوَ سان سوڌي، سنواري، اجاري، ڇلي ۽ گهڙي، چوٽ تي پهچايو؛ قاضي قادن سنڌي شاعريءَ جي عمارت لاءِ ڪوتائي ڪئي، شاهہ ڪريم ان جي پيڙهہ رکي، شاهہ لطف الله قادريءَ ۽ ميين شاهہ عنات اوساري ڪري ان جو ڍانچو تيار ڪيو، ۽ شاهہ لطيف ان کي رنگ روپ ڏئي چٽسالي ڪري ان کي خوبصورت بنايو.

هيري ٺڪر جي لکڻ موجب "ساهتڪ ڪيتر ۾ ڪرامتون نہ ٿينديون آهن." (8) شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي مقامي پس منظر جي هن اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيئن سنڌي شاعري ارتقا جون منزلون طئہ ڪندي، شاهہ لطيف وٽ پنهنجي چوٽ تي پهتي.

Gul Hayat Institute

## ننڍي کنڊ جي شاعريءَ جو اثر

ننڍي کنڊ جو علم ادب ۽ ان جي تاريخ هزارين سال پراڻي آهي. ويدن، مهاڀارت، رامائڻ ۽ اپنشدن هتان جي ماڻهن کي متاثر پئي ڪيو آهي. سنسڪرت ۽ ان کان پوءِ پالي ۽ اپڀرنش ۽ هندي ٻولين سنڌي فڪر ۽ علم ادب تي پنهنجو پنهنجو اثر ڇڏينديون رهيون آهن. خود سنڌي زبان جي اوسر ۾ انهن ٻولين جو اثر شامل رهيو آهي. موهن جي دڙي کان وٺي، سنڌ تي ٻڌمت جو اثر رهيو آهي. عربن کان اڳ سنڌ تي ٻوڌين ۽ برهمڻن جي حڪومت رهي آهي. ڪرشن ڀڳتي، رام ڀڳتي، ناٿ پنٿي ۽ نرگن واد، هندي ادب ۽ خاص ڪري شاعريءَ جون اهم تحريڪون رهيون آهن. اهي شاعرانيون تحريڪون، سنڌ ۾ به پهتيون. ڊاڪٽر جميل جالبيءَ جي راءِ موجب، برصغير ۾ خالص مقامي روايتون هندي هيئتن، وزنن ۽ راڳن ۽ راڳڻين تي ٻڌل آهن، انهن ۾ شاهہ لطيف به شامل آهي. (9) جوڳي ۽ سامي سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڦرندا رهيا. ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ انهن جو ذڪر اچڻ لڳو. جوڳين جو ذڪر قاضي قادن کان ٿيندو شاهہ لطيف تائين پهتو. شاهہ عنات ته جوڳين جي ڌار ڌار فرقن جو بيان پڻ ڪيو آهي. (10)

سنڌ جي شروعاتي شاعري 'ڳاهون' آهن. اهي 'ڳاهون' ڏوڏي چنيسر جي داستان جي باري ۾ آهن ۽ سومرن جي دور جون چيون وڃن ٿيون. انهن جو موضوع وطن دوستي ۽ بهادري آهي ۽ اهي سورمن جي تعريف ۾ چيون ويون آهن. جنهن دؤر ۾ سنڌ ۾ اهي ڳاهون چيون ٿي ويون، ان ئي دور جي قريب هندي ادب ۾ "ويرگاٿا ڪال" شروع ٿي چڪو هيو. (وير= سورمو، بهادر. گاٿا= ڳائڻ.. ڪال= دور-زمانو) ان دؤر جي هنديءَ جي انهن شعرن کي به "گاٿا" چيو ويندو هو. (11) جيڪو ڪن سورمن جي تعريف ۾ چئو پئي ويو. "ڳاهہ" ۽ "گاٿا" ساڳيو لفظ آهي.

سنڌي شاعري شروع کان هندي ڇند جي ٽيڪنيڪ تي ارتقا ڪندي رهي، ۽ پوءِ اڳتي هلي، سنڌي شاعرن ان ۾ نواڻ پيدا ڪري، دوهي مان بيت، وائي ۽ پوءِ ڪافي ايجاد ڪئي. ماترائن جي گهٽ وڌ ڪرڻ، قافيي جي سٿاءَ ۽ وراڻيءَ واري مصرعي ۾ ماترائن توڙي قافيي جي ترتيب سان، وائيءَ، ڪافيءَ

Gul Hayat Institute

بيت پڙهي، لکي ٿو، تہ شاهہ لطيف متي ڏنل هيم چندر جي بيت جو اثر قبول ڪيو آهي:

پکو آئون نہ چوان، ماريو تان وسهان،
ڪانڌ منهن ۾ ڏڪڙا، سيڪيندي سونهان،
تہ پڻ لڄ مران، جي هونس پٺ ۾.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لکڻ موجب "ڪبير، گرو نانڪ، دادو ديال، سمن، تلسي، رحمان، ڪالو وغيره جا هندي دوها سنڌيءَ ۾ عام مروج ۽ مقبول هئا. ڀٽائي صاحب جهڙي اهلِ دل ۽ عارف وٽ بہ انهن جو قدر هو. ڀٽائي صاحب وقت بوقت انهن دوهن کي دهرايو، ۽ انهيءَ ڪري اهي دوها ڀٽائي صاحب جي رسالي ۾ 'سر بيراڳ هندي' هيٺ، هڪ اهم باب جي صورت ۾ قلمبند ٿيا." (18)

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾، سُر رامڪليءَ ۾ ناٿ پنٿي جوڳين جو ذڪر، ۽ انهن جي فلسفي جي اپٽار آهي. ناٿ پنٿي، ٻڌمت جي ٻجرياني سڌن کان پوءِ آيا. ان تحريڪ جو باني، گرو گورکناٿ آهي، جنهن مهاتما ٻڌ جي وفات بعد ٻڌمت ۾ آيل بت پرستيءَ جي لاڙي کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي. مهاتما ٻڌ جي اصلوڪي تعليم ۾ بت پرستي نہ هئي. شاهہ لطيف، سُر رامڪليءَ ۾ گرو گورکناٿ جو نالو ورتو آهي:

لنگ ڪديائون لانگ، موتي ڪن نہ مسحو،
جا اسلاما اڳي هئي، سا سڻيائون ٻانگ،
سڀ وڃائي سانگ، گڏيا گورکناٿ کي.

اها "اسلاما اڳي واري ٻانگ" مهاتما ٻڌ جي تعليم آهي، جنهن ۾ بت پرستي نہ آهي، ۽ جنهن جي تجديد گرو گورکناٿ ڪئي.

ڊاڪٽر محمد حسن جي تحقيق موجب "ناٿ پنٿي، مسلمانن جي اچڻ ۽ رابطي کان متاثر نہ ٿيا. پر هندستاني مسلمانن تي ان جو ڪافي اثر پيو. اڃا تائين مسلمان فقير، گيڙو ڪپڙا پائي، لمبيون جهوليون لڙڪائي، سارنگي وڄائيندي، ڳوٺ ڳوٺ راجا ڀرتريءَ جا گيت ڳائيندا وتندا آهن." (19)

ناٿ پنٿي جوڳين جي شڪل شبيهہ ۽ پوشاڪ جي باري ۾ هو صاحب لکي ٿو تہ، "ناٿ پنٿي جوڳي، ڪن ۾ وڏا سوراخ ڪري، ڳورا ڪنڊل ۽

وٺي، جوڳين جو ذڪر سنڌي شاعريءَ ۾ ملي ٿو. ۽ شاهہ لطيف وٽ تہ گورڪناٿ جي نالي وٺڻ سان گڏ ناٿ پنٿي جوڳين جي شڪل شبيهہ، عادتن ۽ اطوارن ۽ پوشاڪ جو اهڙو چٽو ذڪر ملي ٿو جو پائنجي ٿو تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي راءِ صحيح آهي، ۽ جوڳ تحريڪ جو نقشو شاهہ لطيف اکئين ڏٺو ۽ انهن جوڳين سان ڪچهريون ڪيائين، جيڪي ڪن چيرائي، وڏا والا پائي، گيڙو رتي لباس ۾ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڦرندا هئا.

ڊاڪٽر موتي لعل جوتوانيءَ لکيو آهي تہ شاهہ لطيف ڀڳتي تحريڪ ۾ حصو ورتو. (23)

شاهہ لطيف جتي اسلام جي تاريخي ڪردارن ڪي اهڃاڻ جي حيثيت ۾ استعمال ڪيو آهي، اتي گورڪناٿ ڪان سواءِ سري رامچندر ڪي بہ اهڃاڻ جي حيثيت ڏني اٿائين. ۽ هندي شاعريءَ ۾ رام ڀڳتي تحريڪ جي اهم شاعر تلسيداس جي رامائڻ ڪان بہ متاثر ٿيو آهي، جنهن جو ذڪر اڳتي ايندو. هتي شاهہ لطيف جي شعر مان بہ ستون ڏجن ٿيون، جن ۾ هن 'رام' جو نالو اهڃاڻ طور استعمال ڪيو آهي:

تکيا تاڪيائون، وٺا رمندا رام ڏي.
روح ۾ رهين رام، ڀهر ڀولن ڪي ڀٺو.

جيئن تندي ڪند ۾ اهي شاعراڻيون تحريڪون سنڌ جي اوير يا 'پورب' طرفان آيون، ان ڪري شاهہ لطيف 'پورب' جو ذڪر پنهنجي بيتن ۾ ڪيو آهي:

پوربيا پوري وٺا، آسڻ اڄ صبوح،
ڪستوري خوشبوءِ آهي آديسين ۾.

پورب ماريائس، ڪنهن در ڏيان دانهڙي،
متيون ڏيندي لوڪ کي، چري پاڻ ٿياس،
جنين نہ جيهاس، مان لئن لڳي تن سين.

ڀڳت ڪبير، هندي ٻوليءَ جو هڪ مٿاهون شاعر هو. هو مٿاهين شاعر هئڻ سان گڏ عوامي شاعر پڻ هو. هن جي شاعري پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل طبقن ۾ هڪ جيتري مقبول هئي. سندس شاعري بہ، سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ وانگر عام ماڻهوءَ جي ٻوليءَ ۾ بہ هئي، تہ ان ۾ هڪ پيغام بہ سمايل هو. سندس شاعريءَ ۾ آسپاس جي ماحول سان مطابقت

Gul Hayat Institute

شاهہ لطيف جو هيٺيون بيت قدري ڪبير جي متئين دوهي سان مشابهت ٿو رکي:

اڄ پڻ ڪھڙي ڏانهن، واڏوڙڪي منهن،
ويچ ورائي ٻانهن، چوري چاڪ چڪائيا.

شاهہ لطيف تي ڪبير جي اثر جي باري ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو تہ: "ڀٽائي صاحب جهڙي اهل دل ۽ عارف، درويش ڪبير جي هن موحدانہ نظريي جي حقيقت ۽ جاذبيت کي محسوس ڪري ان کي پنهنجو ڪيو." (24)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي متئين حوالي مان ظاهر آهي، تہ شاهہ لطيف، ڀڳت ڪبير ۽ ٻين هندي شاعرن جي ڪلام مان نہ فقط واقف هو، پر انهن جي ڪلام مان ڪنهن حد تائين متاثر بہ ٿيو.

رامائڻ، هندو ڌرم جو هڪ اهم ڌرمي ڪتاب آهي، پر ڌرمي ڪتاب هئڻ سان گڏ شاعريءَ جو هڪ حسين ڪلاسيڪي شاهڪار پڻ آهي، جنهن ۾ ڪردار نگاري، واقعہ نگاري، تشبيهون، استعارا، سڀ ڪمال جا آهن. سنسڪرت، جڏهن هندستان جي عام طبقن ۾ مروج نہ ٿي سگھي، تہ ان ڪتاب کي هنديءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جي ضرورت پيش آئي، ۽ تلسيداس ان کي هندي ويس پهرايو.

تلسي ڪرت رامائڻ ۾، سري رامچندر، جڏهن چانڊوڪيءَ رات ۾، باغ ۾ سڻ ڪندي پهريون دفعو سيتا کي ڏسي ٿو، تہ ان منظر کي، ۽ سري رامچندر جي چنڊ سان گفتگوءَ کي، تلسيداس هن ريت ٿو بيان ڪري:

"اوير طرف چنڊ اڀريو – رام ڪيس سيتا جي مک جهڙو ڏسي خوش ٿيو. پوءِ من ۾ ويچار ڪيائين تہ هيءُ چنڊ سيتا جي مک جي برابر ناهي."

"کاري سمنڊ ۾ تہ هن جو جنم – وري ان سمنڊ ۾ پيدا ٿيڻ جي ڪري زهر سندس ڀاءُ، ڏينهن ۾ هو بدصورت ٿو رهي ۽ ڪاري داغ وارو آهي. ويچارو غريب چنڊ سيتا جي مک جي برابر ڪيئن ڪري سگھي ٿو."

"وري اهو وڌي گھٽي ٿو – ۽ وچڙيل ونين کي ڏک ڏئي ٿو. اي چنڊ تو ۾ گھڻائي عيب آهن." (25)

رامائڻ جي متئين شعرن پڙهڻ بعد لڳي ٿو تہ شاهہ لطيف جا سُر ڪنيات

Gul Hayat Institute

وارا بيت "تو ۾ ناهي پيشاني پرينءَ جي"، "تون اڄو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرا"، "ڪڏهن ايرين سنهڙو، ڪڏهن ايرين ڳچ" تلسيداس جي مفهوم کي گهڻو ويجهو آهن.

يڳت ڪبير جو هڪ دوهو آهي:

ماٽي کهي ڪمهار سي، تو ڪيا روندي موئے،
ايڪ دن ايسا هوئيگا، مئں روندونگي توئے.

شاهہ لطيف جي هڪ بيت ۾ ذري گهٽ ساڳيو مفهوم آهي:

جا پونءَ مٽي سڄڻين، سا پونءَ پرين مون،
ڏگَ لنبا ڏوڙ ۾، ايي ڏٺاسون،
ڏينهن دنيا ۾ ڏون، اتي لوچ لطيف چئي.

ڪبير جو هڪ دوهو آهي:

هنس سواڙ گئي ڪاگ پئي،
اسي لئي جگ مين هوئي.

شاهہ لطيف جو بيت آهي:

ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو،
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانيرن جو.

ڪبير جو دوهو آهي:

چلتي چڪي ديک ڪر، ديا ڪبيرا روء،
دو پاٽن کي بيچ ۾، ثابت رهيا نہ ڪوء.

شاهہ لطيف جو بيت آهي:

جنڊ پيسندي ٿيو، ڪيڏو ڪيس ڪٺن،
کي ڀرڻين ۾ پيمال ٿيا، کي گهمرن ساڻ گهٺن.

ڪبير چيو آهي:

مالا ڦيرت جگ هوا، متا نہ من ڪا ڦير،
سر ڪا منڪا ڇار ڪر، من ڪا منڪا ڦير.

Gul Hayat Institute

پر ۾ پچيائون، عشق جي اسباب کي،
دارون هن درد جو، ڏاڍو ڏسيائون،
آخر والعصر جو، انهين اتائون،
تهان پوءِ آئون، سڪان تي سلام کي.

درميان قعر دريا تختہ بندم کرده اي،
باز مي گوئي کہ دامن تر مکن هوشيار باش.

مون کي مون پرين، ٻڌي وڌو ٻار،
آيا ائين چون، ميڻ پاند پسائين.

•

روميءَ لاءِ فارسيءَ ۾ چيو ويو آهي:

مثنوي و مولوي و معنوي،
هست قرآن در زبانِ پهلوي.

شاهہ لطيف پنهنجي بيتن لاءِ چيو آهي:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

شاهہ لطيف جي مولانا جلال الدين روميءَ سان ڪافي عقيدت هئي. هن پنهنجي ڪلام ۾ ڪيترن هنڌن تي روميءَ جو نالو آندو آهي. جيئن تہ "طالب قصر سونهن سراء، روميءَ جي روءِ." ۽ اهڙي طرح "رومي جي راهہ" ۽ روميءَ جي رهاڻ پڻ چيو اٿائين.

سرمد، شاهہ لطيف جي ڄمڻ کان ٿورو اڳ شهيد ٿيو. سرمد شهيد جو سنڌ سان گهڻو تعلق رهيو ۽ ڪافي وقت ٺٽي ۾ گذاريائين. هو بہ صوفين جي وحدت الوجودي نظريي جو پوئلڳ هيو، ۽ ميان مير سنڌيءَ جو طالب هو. سرمد جي هڪ رباعي آهي:

سرمد در کوچہ شک سير مکن،
فرق درميان حرم و دير مکن،
آداب عبادت بہ عزازيل آموخت،
سجدهٔ يک کن سجدهٔ غير مکن.

Gul Hayat Institute

شاهہ لطيف جو بيت آهي:

عاشق عزازيل، ڀيا مڙيئي سڌڙيا،
منجهان سڪ سبيل، لعنتي لال ٿيو.

مٿئين ايياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ لطيف پنهنجي ذهن جون دريون کليل رکيون ۽ پنهنجي مشاهدي سان گڏ پنهنجو مطالعو بہ جاري رکيو. پنهنجي دور ۾ موجود ادبي ماحول کان پنهنجي شاعريءَ جي اوائلي دؤر ۾ متاثر ٿيو. هن مذهبي ڪتابن، سنڌي ٻوليءَ جي اوائلي شاعرن، برصغير جي ادبي تحريڪن ۽ هنديءَ جي اهم شاعرن توڙي فارسي صوفيائي شاعريءَ جو اونهو ايياس ڪيو ۽ ڪنهن حد تائين انهن جو اثر پڻ قبول ڪيائين.

هن مختلف ڌارائن: مذهبي، مقامي، برصغير جي شاعريءَ ۽ فارسي شاعريءَ جي ميلاپ سان، اهڙي لافاني ۽ حسين شاعريءَ کي وجود ۾ آندو، جيڪا سنڌ جي ماحول، ۽ مزاج جي مطابق هئي - انهن سيني لاڙن جي ميلاپ سان شاهہ لطيف پنهنجو انفرادي اسلوب گهڙيو، جنهن جي ڇاپ سنڌي شاعريءَ تي صدين تائين قائم رهي.

Gul Hayat Institute

# شاھہ لطيف جي شاعريءَ جو سياسي ۽ تاريخي پس منظر

جر تڙ تک تنوار، وڻ ٽڻ وا ئي هيڪڙي،
سيوئي سي ٿيا، سوريءَ سزاوار،
همه منصور هزار، ڪهڙا چاڙهڻو چاڙهڻين.

مون شاھہ لطيف جو هيءُ شعر ان ڪري چونڊيو جو شاھہ لطيف جي شاعريءَ ۾ اسم خاص (Proper Nouns) تمام گهٽ ملندا. سواءِ نير تاريخي داستانن جي ڪردارن جي. اهڙا تمام گهٽ ماڻهو آهن جن کي شاھہ لطيف ان لائق سمجهيو آهي جو انهن جو نالو کڻي. جيئن ابڙو آهي، جکرو آهي، لاکو آهي. پر شاھہ لطيف انهن سيني نالن مان ڪنهن کي بہ اهڙي اهميت نہ ڏني آهي، جو اهي وڻ ٽڻ جي وائي تي وڃن، ۽ جر تڙ تائين انهن جي تک تنوار پهچي. اهو ڇا جي ڪري؟ اهو ان ڪري جو منصور جي شخصيت ئي اهڙي آهي. حسين بن منصور الحلاج، جنهن اناالحق جو نعرو هنيو ۽ پنهنجو سر صدقي ڪيو. تڏهن شاھہ لطيف ٿو چئي تہ اهو منصور هڪڙو نہ هو، جيڪو سوريءَ تي چڙهيو. هزارين منصور آهن. جر تڙ ۾ اهي آهن. وڻ ٽڻ ۾ انهن جي وائي آهي. اها ئي اناالحق جي وائي. تون انهن مان گهڻا ڦاهي تي چاڙهي گهڻا چاڙهيندين.

تہ دوستو، شاھہ لطيف کي ڇا بہ چيو وڃي، گهڻا اختلاف آهن هن جي شخصيت، هن جي خيالن ۽ نظرين جي باري ۾، پر هڪ ڳالهہ تي سڀ متفق آهن. اها هيءَ تہ شاھہ لطيف صوفي هو، وحدت الوجودي هو.

هاڻي اچو تہ ڏسون تہ تصوف جي اها جيڪا وحدت الوجودي شاخ

Gul Hayat Institute

آهي، اها هند ۽ سنڌ ۾ ڪيئن آئي، ان جا ڪهڙا سياسي، سماجي ۽ تاريخي سبب هئا. ان جو ڪهڙو ضرور هو.

وحدت الوجود جو مطلب آهي وجودن (هئڻ) جي هيڪڙائي Unity of Existances. پرين سڀ ۾ آهي. خدا هن ڪائنات کان ٻاهر ۽ الڳ نہ آهي. جيڪي فلسفي جا شاگرد آهن، انهن کي خبر هوندي تہ فلسفي ۾ ٻہ اسڪول Monoism ۽ Dualism آهن. مونو ازم موجب ڪائنات ۽ خدا ٻئي هڪ آهن. خدا ڪائنات کان ٻاهر ڪونهي، ۽ ڊيوئلزم جو مطلب آهي تہ خدا ۽ ڪائنات ٻہ الڳ الڳ شيون آهن. ٻنهي جو وجود هڪ ٻئي کان ڌار آهي.

تہ اهو تصور جيڪو مونو ازم آهي، جنهن کي وحدت الوجود ٿو چئجي، ان ۾ خدا جو وجود هن ڪائنات کان ٻاهر آهي ئي ڪونہ. اها ذري گهٽ وڃي مٽيريلزم تي. تہ هن مٽر ۾ ئي خدا سمايل آهي. ان کان ٻاهر ڪجهہ بہ نہ آهي. بهرحال اهو فلسفو قديم يوناني فلاسافرن وٽ بہ ملي ٿو، تہ قديم هندستاني ڪتابن ويدن، اپنشندن ۾ بہ آهي. قديم هندستاني فيلسوف شنڪر آچاريہ وٽ بہ آهي تہ قديم چيني تائو ازم Taoism ۾ بہ.

منصور حلاج جو ذڪر شاهہ لطيف ڪيو آهي. ان کان پوءِ محي الدين ابن العربي ٿو اچي. اهو ٻهريون عالم ۽ فلاسافر هو، جنهن هن وحدت الوجود جي نظريي تي، قرآن مجيد ۽ حديث شريف مان حوالا ڏئي، باقاعدي هڪ ڪتاب "فصوص الحڪم" لکيو ۽ ثابت ڪيو تہ سڀ ۾ پرين آهي. ڪائنات کان ٻاهر ڪوبہ خدا ڪونهي. سڀ ڪجهہ خدا آهي.

بهرحال، منصور حلاج ئي ٻهريون شخص آهي جنهن کُليو کلايو اناالحق جو نعرو هنيو، ۽ سوريءَ تي چاڙهيو ويو. سڀ کان ٻهريون شخص، جنهن منصور حلاج تي تحقيق ڪئي، ۽ هن جي سوانح عمري لکي، اهو آهي فرينچ اسڪالر لوئي ماسينان.

منصور حلاج جي باري ۾ تحقيق ڪندڙن صاف لکيو آهي تہ هن جو قتل سياسي قتل هو. مذهبي الزامن ۽ فتوائن جو رڳو بهانو هو. هن جي دؤر ۾ امين طرفان غريبن تي جيڪي ڏاڍايون پئي ٿيون، منصور انهن جي خلاف آواز اٿاريو. وقت جي ٻرمار جي خلاف ڳالهايائين ان ڪري وقت جي حڪومت ۽ مذهبي اڳوائن هن کي ڪافر ۽ زنديق ٺهرائي، هن جي خلاف مذهبي فتوٰي لڳارائي، هن کي بي درديءَ سان قتل ڪيو. انهي ئي منصور جي نالي، جنهن

Gul Hayat Institute

جو اصلي نالو حسين بن منصور حلاج هو. شاهہ لطيف چيو آهي:

**همہ منصور هزار، ڪهڙا چاڙهئو چاڙهئين.**

هاڻي اچو ننڍي ڪنڊ تي. مان ان معاملي ۾ ٿورو تفصيل ۾ وڃڻ ٿو چاهيان، تہ برصغير ۾ پهريون پهريون آريا آيا. انهن آرين، جيڪي هتان جا مقامي يا لوڪ ماڻهو هئا، انهن کي اڻ آريو يا اڻ سڌريل چيو. انهن لاءِ تعليم منع هئي. هنن کي ويد ۽ پُران پڙهڻ نہ ڏنائون ۽ چيائون تہ اهي ان لائق ئي نہ آهن جو پڙهي سگهن. انهن کي تمام هيٺئين درجي جو ڪم ڏنائون. پاڻ قابض ۽ حڪمران رهيا. تہ ان وقت حاڪم قوم، ۽ محڪوم قوم ڌار ٿي پئي. حاڪم قوم ٻاهران آيل ماڻهو هئا، تہ محڪوم قوم مقامي يا ملڪي ماڻهو.

ان کان پوءِ گوتم ٻڌ آيو. گوتم ٻڌ ويدن واري يا هندن واري انهيءَ طبقاتي (ڪلاس) سسٽم جي خلاف هڪڙو انقلاب آندو. هن جي تعليم بہ سيڪيولر هئي. هن چيو تہ هن حياتيءَ کان پوءِ ٻي ڪا حياتي آهي يا نہ؛ مان ان لاءِ ڪجهہ بہ نہ ٿو چئي سگهان، پر گهٽ ۾ گهٽ هيءَ حياتي جيڪا توهان کي ملي آهي، انهيءَ کي تہ سجايو ڪريو. انهيءَ کي تہ پاڻ ۾ جنگ جهيڙو ۽ فساد ڪري خراب نہ ڪريو. هڪ ٻئي سان پيار ڪريو. هڪ ٻئي سان مِڻ محبت سان ملو. هڪ ٻئي کان نفرت نہ ڪيو. ڪوبہ شودر گهٽ ڪونهي، ڪوبہ برهمڻ مٿي ڪونهي. اها هئي گوتم ٻڌ جي تعليم.

تنهن کان پوءِ مسلمان آيا. محمد بن قاسم جڏهن سنڌ ۾ آيو، تہ چچ نامو لکي ٿو تہ محمد بن قاسم اچڻ سان سنڌ ۾ ٽئڪس جا ٻہ اگهہ مقرر ڪيا. هڪڙو مسلمانن لاءِ، تہ ٻيو اگهہ غير مسلمانن لاءِ. جيڪي غير مسلم هئا، انهن کي وڌيڪ ٽئڪس ڏيڻي پوندي هئي. اهو هڪڙو Incentive هو، جيئن مقامي ماڻهو مذهب تبديل ڪري مسلمان ٿين. ٽئڪسون بچائڻ جي لاءِ.

بهرحال اها ڳالهہ اتي جو اتي رهي. تنهن کان پوءِ محمود غزنوي آيو. يا ٻيا جيڪي بہ حملہ آور آيا اهي ايندا ويا ۽ واپس ويندا رهيا. تان جو دهلي سلطنت قائم ٿي، ۽ قطب الدين ايبڪ پهريون شخص هو، جنهن اها سلطنت قائم ڪئي ۽ ان کان پوءِ حڪمران مستقل طور دهليءَ ۾ رهڻ لڳا.

مسلمان فاتحن ۽ حڪمرانن پاڻ سان گڏ جيڪي فوجون آنديون انهن

Gul Hayat Institute

تہ ان کي غريب نواز سڏيندا هئا. ڇوتہ هن غريب طبقن کي پنهنجو کيو. اهي غريب طبقا جيکي هئا. سي مقامي ماڻهو هئا. پوءِ چاهي هندو هجن، چاهي مسلمان هجن. هڪڙو طبقو هو پرماري طبقو. جيکي ٻاهران آيا هئا. اهي جابر هئا. ظالم هئا. جيکي زبردست هئا. جن جي هٿ ۾ تلوار هئي. جن جي هٿ ۾ حکومت هئي. جن جي هٿ ۾ پئسو هو، ۽ ٻيا غريب ماڻهو هئا. جن ۾ مسلمان بہ هئا تہ غير مسلم بہ. اهي هئا هتان جا مقامي ماڻهو. جن کي نہ کو هو فوج ۾ عهدو، نہ کا حکومت، نہ زور، نہ پئسو. رڳو پٺي ڦريا رهيا. تہ خواجہ معين الدين چشتيءَ انهن جو پاسو ورتو. ان ڪري ان جو نالو پئجي ويو خواجہ غريب نواز – ۽ اڃا تائين ماڻهو چوندا ٿا رهن تہ:

خواجہ غريب نواز ميري بهي جهولي ڀر دي.

انهن صوفين جو پکو سلسلو هو. قلندر شهباز سنڌ ۾ آيو. خواجہ فريد گنج شکر، جنهن جو گهڻو ڪلام سنڌيءَ ۾ آهي، جو تہ اها پراڻي پنجابي سنڌيءَ سان گهڻي مشابهت ٿي رکي.

نظام الدين اوليا جي دور ۾ تاريخ جو هڪ عجيب واقعو ٿيو. نظام الدين اوليا چشتي طريقي جا هئا. جڏهن مسلمان، هندستان ۾ آيا، تہ ڏٺائون تہ سيئي لطيف فن، هندو مذهب ۾ نہ فقط جائز هئا، پر اهي مذهبي رسمن جو حصو هئا. مثلاً موسيقي ۽ راڳ هنن جي مذهب جو حصو. مندرن ۾ ڀڄن ڳائجن، ساز وڄائجن. شاعري هنن جي مذهب جو حصو. رامايڻ شعر ۾ آهي، ۽ ڀڄن، رام ڀڳتي، ڪرشن ڀڳتي سڄي شعر ۾ آهي. Sculpture يا سنگتراشي هنن جي مذهب جو حصو. ڊرامو هنن جي مذهب جو حصو. جيئن رام ليلا. ۽ ناچ هنن جي مذهب جو حصو، جيئن مندرن ۾ ٿيندو هو. مصوري هنن جي مذهب جو حصو. مسلمانن جو مذهب بياباني سماج (خشڪ سماج) هو. ان جي ڪٽر اڪوائن وٽ شاعري، مصوري، سنگتراشي، موسيقي، ناٽڪ ۽ ناچ سڀ منع هئا. صوفين ڏٺو تہ هن سرزمين تي موسيقيءَ کي خدا تائين پهچڻ جو ذريعو ٿو سمجهيو وڃي، ۽ اها مذهبي تبليغ جو هڪ سٺو ذريعو آهي. ان ڪري چشتين نہ فقط راڳ کي جائز قرار ڏنو، پر ان کي سماع جو نالو ڏئي رائج ڪيائون. (امام غزالي جا خيال پڻ اهڙا آهن.) ۽ سڀني چشتي درگاهن تي قوالي ۽ سماع رائج ٿيا.

Gul Hayat Institute

ٿي وئي، جو اڪبر، هندستان جي تاريخ ۾ پهريون دفعو، غير مسلمانن کي پنهنجي حڪومت ۾ شامل ڪيو. انهن سان شاديون ڪيائين، مذهبي مت ڀيد کي ختم ڪري، هندن ۽ مسلمانن کي هڪ جهڙا حق ڏنائين. سنسڪرت ۽ هنديءَ جي فلسفي ۽ مذهب جي ڪتابن کي فارسيءَ ۾ ترجمو ڪرايائين. هتان جي موسيقيءَ ۽ ٻين فن کي همٿايائين. مسلمانن جي اچڻ کان پوءِ پهريون دفعو مقامي ماڻهن کي ڪجهه حق مليا. ۽ غير مسلمانن کي مذهبي آزادي.

پرماري طبقا، جيڪي ٻاهران آيل سپاهين ۽ مذهبي اڳواڻن تي ٻڌل هئا. انهن جي سياسي توڙي اقتصادي هڪ هٽي ختم ٿي وئي. هن جي هٿن مان چڻ طوطا اڏامي ويا. هن پنهنجي ختم ٿيل هڪ هٽيءَ کي ٻيهر قائم ڪرڻ لاءِ جواز ڳولڻ شروع ڪيا. سڀ کان مضبوط جواز هو مذهب. ڇوته رڳو مذهب جي ذريعي ئي هو مقامي ماڻهن جي ايڪي کي ختم ڪري ٿي سگهيا. جيڪو وحدت الوجودي صوفين جي ذريعي قائم ٿيو هو. تان جو جهانگير جي وقت ۾ هڪ مذهبي اڳواڻ پيدا ٿيو. جنهن جو نالو هو شيخ احمد سرهندي، جنهن کي مجدد الف ثاني به چوندا آهن ۽ امام ربانيءَ جي نالي سان به سڏيو ويندو آهي. ان هندستان جي تاريخ ۾ پهريون دفعو وحدت الوجود جي فلسفي کي رد ڪري وحدت الشهود جو فلسفو دنيا جي آڏو رکيو. هندستان ۾ پرماري طبقي جي ضرورتن هيٺ همه اوست جي فلسفي کي چئلينج ڪرڻ ضروري ٿي پيو. صوفين جيڪا بي تعصبي ۽ مذهبي رواداري قائم ڪئي هئي، ان کي ختم ڪرڻ لاءِ هن لکيو ته غير مسلم جي ذلت اسلام جي عزت آهي. يعني جتي ڪو غير مسلم ڏسو ته ان کي ذليل ڪيو. ان ۾ اسلام جي عزت آهي. هڪ هنڌ لکي ٿو ته جڏهن مان مڪاشفي ۾ وهان ٿو ته منهنجو مقام حضرت ابوبڪر صديق کان وڌي ٿو وڃي. اهو آهي ٻارهون مڪتوب امام ربانيءَ مجدد الف ثانيءَ جو.

اچا ٻيون به عجيب ڳالهيون توهان کي ٻڌايان. ته مجدد الف ثاني چيو ته مئٿميٽڪس يا رياضي هڪڙو فضول علم آهي، ۽ سڄي جو سڄو رد ڪرڻ گهرجي. ٻئي هنڌ چوي ٿو ته فلسفو بيوقوفي آهي. ان ڪري ان جي ويجهو نه وڃو. اهي هئا خيال ان وقت جي عالم مجدد الف ثانيءَ جا. جنهن تاريخ ۾ ڪردار ادا ڪيو انهن ماڻهن جي لاءِ، جن جي هٿان ڦرلٽ جو سامان ڦرجي

Gul Hayat Institute

ويو هو. جيئن ڪنهن ڪان طوطا ڇڏائجي ويندا آهن ۽ وري پنهنجي اقتدار کي حاصل ڪرڻ لاءِ ٻي چين تي ويا هئا.

هلندي هلندي تاريخ اچي اورنگزيب تي پهتي. اورنگزيب کان پوءِ مغلن جي زوال جو ئي دؤر آهي جنهن ڏاري، شاهہ لطيف ڄائو. هيءَ سڄو پس منظر مون ان ڪري ڏنو، جيئن توهان سمجهي سگهو ته شاهہ لطيف جي ڄمڻ وقت ڪهڙيون حالتون هيون. ان کان اڳي ڇا ٿيو، تصوف ڇا هو ۽ ان وقت ڪهڙا ڪهڙا Forces هئا. ڪهڙيون ڪهڙيون طاقتون هيون جيڪي هڪ ٻئي سان زور آزمائي ڪري رهيون هيون.

اورنگزيب اچڻ سان مجدد الف ثانيءَ فلسفي ۽ نظرين مطابق حڪومت قائم ڪئي. هن ان ڳالهہ کي سامهون رکيو ته اسلام جي عزت غير مسلم جي ذلت ۾ آهي. ان ڪري هن حڪم جاري ڪيو ته غير مسلم جڏهن به ٽئڪس ڏئي ته ان جو هٿ هيٺان هجي، ۽ ٽئڪس وٺندڙ مسلمان جو هٿ مٿان. يعني اتي به ان جي ذلت ٿئي. پئسا ڏيڻ وقت به. ٻيو تنهن کان پوءِ، برصغير جي تاريخ ۾ پهريون دفعو اورنگزيب جي ئي وقت ۾ شيعا سني فساد ٿيا. هن ڏکڻ هندستان جي شيعا حڪومتن کي به برداشت نہ ڪيو. ان کان اڳ ۾ نندي ڪنهِ ۾ ڪڏهن به شيعا سني تعصب جو نشان نہ ٿو ملي.

هاڻي وڏي ڳالهہ، جو اورنگزيب جو ڀاءُ دارا شڪوهہ وحدت الوجود جي فلسفي جو مڃيندو هو. هن هڪڙو ڪتاب لکيو "مجمع البحرين" تمام ننڍو ڪتاب آهي. ٽيهن صفحن جو.

ان ۾ هو هڪ هندو عالم جي حوالي سان لکي ٿو ته:

"وحدانيت ڪنهن به مذهب جو ٺيڪو ڪونهي." هن انهيءَ ڪتاب "مجمع البحرين" ۾ اسلامي فلسفي ۽ هندي فلسفي، ٻنهي ۾ ساڳيون Common ڳالهيون کولي ڏنيون آهن. مثلاً روح جي باري ۾. عالم برزخ جي باري ۾. يا جسم جي باري ۾. جيڪو به مسلم فلسفو آهي يا هندو فلسفو آهي ان ۾ اختلاف آهي ئي ڪونہ. هن گيتا ۽ اپنشدن جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. هو مريد ۽ شاگرد هو ميان مير سنڌيءَ جو. ميان مير سنڌي، جنهن جو مقبرو لاهور ۾ آهي، ۽ اڃا تائين اتي هن جو ميلو لڳندو آهي. ميان مير سنڌي، سنڌيءَ جو مشهور اساسي شاعر قاضي قادن جو ڀائيجو هو. اهو داراشڪوهہ

Gul Hayat Institute

مون هن کان اڳ توهان کي ويدن جا شلوڪ ٻڌايا. تہ اسلام جي اچڻ کان پوءِ هندي شاعريءَ ۾ هڪ تحريڪ پيدا ٿي، ان کي چيائون نِرگن واد. نر معنيٰ نہ، گن معنيٰ خاصيت يا Attribute واد معنيٰ ازم. Non Attributism يعني خدا کي ڪابہ شڪل ڪونهي. مطلب تہ جيئن اسلام ۾ آهي، تيئن هن نظريي موجب بت پرستيءَ کان منع ٿيل آهي. اها وحدانيت واري نرگن واد واري تحريڪ اڳ ۾ پيدا ٿي چڪي هئي شاهہ عبداللطيف کان.

شاهہ لطيف، پنهنجي دؤر ۾ انهن فلسفن، وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود کان واقف هو. انهن ٻنهي جي وچ ۾ جيڪو Clash يا تصادم هو، اهو اجا تازو هو. سرمد ۽ دارا جي شهادت کان شاهہ صاحب فقط ٻارنهن سال پوءِ ڄائو.

تنهن کان پوءِ شاهہ عنايت جهوڪ واري جي شهادت جو واقعو ٿيو. شاهہ عنايت جهوڪ واري کي پير حسام الدين راشديءَ سنڌ جو پهريون سوشلسٽ سڏيو آهي. هن اها تحريڪ شروع ڪئي تہ بابا ملڪ موليٰ جو آهي. جيڪو کيڙي سو کائي. کنهن بہ جاگيردار کي حق نہ آهي جو بٽئيون وٺي. هارين کان پئسا وٺي يا ٽئڪس لاڳو ڪري. هن ٽئڪسن ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ۽ مان سمجهان ٿو تہ دنيا جي تاريخ ۾ پهريون دفعو اجتماعي زراعت Collective Farming جو بنياد رکيو. ان تي جاگيردارن، مغل حڪمرانن جي مدد وٺي، شاهہ عنايت ۽ ان جي مريدن کي گهيرو ڪيو. ڇہ مهينا جنگ هلي، ۽ آخر شاهہ عنايت کي دغا سان شهيد ڪري سندس سِسي دهليءَ جي مغل شهنشاهہ ڏي موڪلي وئي. اهو واقعو تڏهن ٿيو، جڏهن شاهہ لطيف اڃا ويهن ٻاويهن سالن جي ڀرم جوانيءَ ۾ هو.

شاهہ لطيف جو همعصر ۽ سندس جگري دوست، خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو نقشبندي طريقي جو هو، ۽ امام رباني مجدد الف ثانيءَ جي مسلڪ تي. پر هن جون شاهہ لطيف سان خاص رهاڻيون هيون. هو امام ربانيءَ جي تعليم جي خلاف غير مسلمن کي بہ مريد ڪندو هو. اهڙا قول سندس ملفوظات ۾ موجود آهن. سنڌ جي مٽيءَ ۾ سڀ مسلڪ ۽ نظريا پيار ۽ محبت سان رڱجي وڃن ٿا. هن ملڪ جي مٽي ڪٽرپڻي جي ڪٽ کي لاهي، جيءَ کي جرڪايو ڇڏي.

Gul Hayat Institute

هاڻي اچو ڪلهوڙن جي دؤر تي، شاهہ لطيف ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ڄائو. آدم شاهہ ڪلهوڙو، اڪبر جي زماني ۾ هو. عبدالرحيم خان خانان، جيڪو شاعري ۾ ’رحمن‘ جي نالي سان مشهور آهي، جنهن کي بيرم خان بہ چوندا آهن، اهو اڪبر جو سپهہ سالار هو ۽ سنڌ تي حملي ڪرڻ دوران جڏهن هو سکر ۾ آيو تہ آدم شاهہ ڪلهوڙي وٽ آيو ۽ ان کان دعا گهرايائين. پر ملتان جي گورنر آدم شاهہ کي نہ ڇڏيو، ڇوتہ آدم شاهہ هڪ تحريڪ هلائي رهيو هو ڌارين جي خلاف. انهيءَ ڪري آدم شاهہ کي شهيد ڪيو ويو.

آدم شاهہ کان پوءِ آدم شاهہ جو پاڻيو، ميان شاهل محمد ڪلهوڙو، ان کي بہ شهيد ڪيو ويو. ان کان پوءِ ميان دين محمد تنهن کي اورنگزيب پڪڙي گواليار ۽ شايد دهليءَ ۾. ٻن هنڌن تي قيد ڪيو ۽ ويچاري جي سڄي عمر قيد ۾ ڳري وئي. تنهن کان پوءِ ميان يار محمد ڪلهوڙو. اهو گوريلا جنگ ڪندو رهيو مغلن جي خلاف. اورنگزيب جو پٽ معزالدين انهيءَ بہ سنڌ ۾ ڪلهوڙن کي گرفتار ڪرايو. ان کان پوءِ ٻيا چار پنج مغل بادشاهہ ڇهن سالن ۾ ٿيا. آخر مرڪز جڏهن صفا ڪمزور ٿي ويو، تڏهن خدا يار خان جي لقب سان ميان يار محمد سنڌ جي تخت تي ويٺو.

اهو دور آهي، اها تاريخ آهي جنهن جي پس منظر ۾ شاهہ لطيف پيدا ٿيو. اهو اينٽليڪچوئل ماحول آهي ۽ پڳتي تحريڪ، نرڳن واد جي تحريڪ.

ان وقت هڪ خاص تاريخي واقعو ٿيو. اهو هو شاهہ ولي الله جو ڄمڻ. شاهہ ولي الله، جنهن کي محدث دهلوي ٿا چون، ان جڏهن مغل سلطنت جو زوال ٿيندي ڏٺو. هن جي نظر ۾ حڪومت جو زوال معنيٰ اسلام جو زوال. حڪومت بہ دهليءَ جي، مرڪز جي. هن جي نظر ۾ سنڌ ۽ ٻيا حصا ۽ انهن جا عام ماڻهو، يا اتان جون حڪومتون اهم نہ هيون. بهرحال هن چيو تہ ان مرڪز کي مضبوط ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ هن پهريون قدم اهو کنيو جو وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جي فلسفي، يعني محي الدين ابن العربي ۽ امام رباني، ٻنهي جي فڪر کي هڪ ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪيائين. ناڪام ان ڪري ٿو چوان جو اهي ٻئي نظريا، پرمار ڪندڙ ۽ پرمار ٿيندڙ. ڪڏهن بہ هڪ نہ ٿي سگهيا آهن. البتہ مولانا عبيدالله سنڌيءَ، شاهہ ولي الله جي فڪر مان انقلابي ۽ سوشلسٽ عنصر تلاش ڪيا. پر اهي بہ فلسفا الڳ

الڳ ٿي رهيا. هڪ قدامت پسند ملن جو، ۽ ٻيو ترقي پسند، ٻي تعصب صوفين جو.

ٻي ڪوشش جا شاهہ ولي الله ڪئي. اها هيءَ ۽ احمد شاهہ ابداليءَ کي خط لکي گهرايائين ۽ تون هتي اچي اسلام جي خدمت ڪر. ڇوته هتي مغلن جي اسلامي حڪومت ڪمزور ٿي وئي آهي. تون ايندين ۽ اسلام جي فتح ٿيندي. شاهہ ولي الله، شاهہ لطيف جي ڄمڻ کان ٿورو پوءِ 1703ع ۾ ڄائو. ۽ هن شاهہ لطيف جي وفات کان ٿورو پوءِ احمد شاهہ ابدالي کي گهرايو. بهرحال اهو لازمي آهي ته شاهہ لطيف پنهنجي دور جي هن عالم جي فلسفي کان غير واقف هجي، جڏهن روايتون آهن ته شاهہ لطيف جو بهترين دوست جنهن سان سندس روح رهاڻ هوندي هئي، مخدوم ٿارو، جنهن کي مخدوم معين ٺٽوي به چون ٿا، اهو شاهہ ولي الله سان تعلق ۾ هو.

ته شاهہ لطيف جي زماني ۾ ٽي اينٽليڪچوئل تحريڪون هيون. هڪ محي الدين ابن العربي جي وحدت الوجود، ٻي شيخ احمد سرهندي، امام رباني، مجدد الف ثاني جي وحدت الشهود، ۽ ٽين شاهہ ولي الله جي، جيڪا ٻنهي متضاد تحريڪن کي ملائڻ جي ڪوشش هئي، پر شاهہ لطيف ان وحدت الوجودي نظريي کي ٿي ڦهلائيندو رهيو، جيڪو هن ڌرتيءَ جي مظلوم طبقن، محڪوم طبقن، پرمار ٿيل پيڙهيل طبقن جي لاءِ هو، ان ۾ رواداري هئي، مذهبي تعصب کي ختم ڪرڻ لاءِ هو، نفاق کي ختم ڪرڻ لاءِ هو، مختلف طبقن ۾ پيار محبت وڌائڻ لاءِ هو. اهوئي شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو رول Role هو، جيڪو هن پنهنجي دؤر ۾ ادا ڪيو، ۽ هن دور ۾ به اهو ساڳيو ئي رول ادا ڪندي ٿي اچي.

Gul Hayat Institute

(شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي ٽيچرس ائسوسيئشن کي ڏنل ليڪچر.)

شاھ لطيف پنھنجي دور ۾ جن شخصيتن سان رھائيون ڪيون ۽ قرب ونڊيو، انھن ۾ مخدوم معين ٺٽوي، خواجہ محمد زمان لواريءَ وارو، ميان صاحبڏنو فاروقي درازن وارو، چنيھہ فقير ڪھڙن وارو ۽ ميون شاھ عنات نصرپور وارو اھم آھن. انھن بزرگن مان ذري گھٽ سڀ انھي ئي وحدت الوجودي مسلڪ جا پوئلڳ ھئا، جنھن کي شاھ لطيف پنھنجو ڪيو. شاھ لطيف جي شاعريءَ تي جن سنڌي شاعرن جي شاعريءَ پنھنجو اثر ڇڏيو اھي بہ ان وحدت الوجود واري مسلڪ جا ئي آھن. مثال طور قاضي قادن، شاھ ڪريم بلڙيءَ وارو ۽ شاھ عنات نصرپوري.

## مذھبي اخلاقي قدر

سنڌي سماج ۾، شروع کان مذھب کي وڏي اھميت حاصل آھي. اھا شاھ لطيف جي دور ۾ بہ ھئي، تہ اڄ بہ آھي. ھونءَ بہ سرمايہ داري ۽ مشيني دور کان اڳ، مذھب ئي سماجي، اقتصادي توڙي سياسي شعبن تي حاوي رھيو آھي. شاھ لطيف وٽ پڻ اسلام جا مکيہ عقيدا، وحدانيت ۽ رسالت، پنھنجي اھميت سان موجود آھن:

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنھنجي قدرت سين، قائم آھي قديم،
والي واحد وحدہ، رازق رب رحيم،
سو ساراھ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جھان جون.

•

وحدہ لاشريڪ لہ، جان تو چوين ايئن،
تان مڃ محمد ڪارڻي، نرتون منجھان نيھن،
تان تون وڃئو ڪيئن، نائين سر ٻين کي.

•

شاھ لطيف جي دور تائين، صوفيائو مسلڪ ۾ مختلف ۽ ھڪ ٻئي جي ضد وارن گروھن ۾ ورھايل ھو. اھي گروھ ھئا وحدت الوجود ۽ وحدت الشھود. وحدت الوجود جو نظريو قديم ھندي، يوناني ۽ چيني فلسفي ۾ بہ

Gul Hayat Institute

موجود آهي، ۽ ڪن عيسائي دانشورن ۽ شاعرن وٽ بہ ان جا اهڃاڻ ملن ٿا. پر اسلامي فڪر ۾ هو حضرت علي کان ٿيندو، منصور حلاج، شيخ اڪبر، محي الدين ابن العربي ۽ جنيد بغداديءَ تائين ۽ برصغير ۾ سيد علي هجويري، داتا گنج بخش، بختيار ڪاڪي، بابا فريد گنج شڪر، خواجہ معين الدين چشتي اجميري، قلندر شهباز، بلها شاهہ ۽ سلطان باهو وٽ پهتو. شاهہ لطيف ان مسلڪ کي نہ فقط قبول ڪيو، پر ان کي ڦهلائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيائين.

ننڍي کنڊ ۾ مسلمان فاتح جي حيثيت ۾ آيا. حڪومتن جا وڏا عهدا بہ مسلمانن وٽ هئا. صدين جي مسلمان حڪومتن ۾ مقامي ماڻهن کي تمام گهٽ حصو مليو. حاڪم ۽ محڪوم جي وچ ۾ وڏو خال هو. حملي آور قوم ۽ ان جا ڪارندا پاڻ کي خير امت ۽ مقامي غير مسلم رعيت کي گهٽ ذات سمجهندا هئا. وحدت الوجود جي 'صلح ڪل' ۽ 'همه اوست' جي نظرين، غير مسلم رعيت کي بہ اهميت ڏني، ۽ انهن کي ان لائق سمجهيو. جو اهي پنهنجي دور جي بزرگن ۽ درويشن جي حلقي ۾ شامل ٿي سگهن ۽ انهن کان هدايت جي روشني حاصل ڪري سگهن. مٿي ڄاڻايل ننڍي کنڊ جا صوفي بزرگ، مقامي غير مسلم رعايا سان رواداريءَ ۽ محبت وارو ورتاءُ ڪندا هئا ۽ ساڻن هڪ جهڙائي وارو سلوڪ ڪندا هئا. ان ڪري حاڪم ۽ محڪوم جي وچ ۾ جيڪو تعصب جو ويڇو هو، اهو گهٽبو ويو ۽ شڪ، نفرت ۽ بي پروسائيءَ بدران اعتبار، اعتماد، ۽ محبت جي فضا پيدا ٿي. وحدت الوجودي صوفين جي تعليم ايترو اثر ڏيکاريو، جو اڪبر اعظم جي دور ۾، مقامي ماڻهن کي، حڪومت توڙي سياست ۾ ڪافي حصو ملڻ لڳو. ان ڳالهہ جو اثر ان طبقي تي پيو، جيڪو ڌاريون حملي آور هو، ۽ پاڻ کي مقامي ماڻهن کان مٿاهون سمجهندو هو. ۽ ان ڪري ئي صدين کان حڪومت ۽ فوج جي وڏن عهدن تي سندس قبضو رهيو هو. ان طبقي، اقتدار تي پنهنجي هڪ هٽي ختم ٿيندي ڏسي، مذهب جي نالي کي استعمال ڪرڻ شروع ڪيو ۽ تعصب کي هوا ڏني، مقامي رعايا ۽ حاڪمن جي وچ ۾ گهٽيل وِٿيءَ کي وڌائڻ شروع ڪيو. جيئن هو مذهب جي نالي ۾ ساڳئي اقتدار کي ماڻي سگهي، جنهن ۾ صدين کان هن جو ڪوبہ حصي دار نہ هو.

حالانڪہ نبي ڪريم صلعم يهوديءَ جو جنازو لنگهندو ڏسي تعظيم لاءِ

Gul Hayat Institute

اٿي بيٺا هئا. جنهن مذهب جو رسول غير مسلم جي مردي جي بہ تعظيم ڪري، ان جي برعڪس هيءَ مجدد هر زندہ غير مسلم جي تذليل جي ترغيب ٿو ڏئي.

مجدد الف ثانيءَ جي فلسفي وحدت الشهود جو عملي نقشو اورنگزيب عالمگير جي حڪومت ۾ نظر ٿو اچي. جنهن جي اکين ڦوٽڻ سان ئي مغل سلطنت جو زوال شروع ٿيو.

شاهہ لطيف جي دور ۾، ٻنهي فلسفن جي چوپچو هئي. شاهہ لطيف وحدت الوجودي صوفين جا سِر اڏيءَ تي ڏٺا. انهن ۾ سرمد شهيد ڪانئس ٿورو اڳ هو، پر ان جون ڳالهيون اڃا تازيون هيون. شاهہ عنايت جي شهادت جو واقعو سندس ئي زندگيءَ ۾ ٿيو. ڪيس بخوبي خبر هئي، تہ اهو رستو جوکائتو آهي. ان جي آخري منزل ڦاسيءَ جو تختو آهي. متعصب گروهہ ايترو تہ طاقتور ٿي ويو هو، جو خود شاهہ لطيف جي ئي دور ۾ "آءٌ واٽيو نہ آهيان" چوڻ تي، ٻالچند کي، ان وقت جي عالمن جي فتوائن تي زوريءَ مسلمان ڪيو ويو. فتويٰ ڏني وئي تہ انڪار جي حالت ۾ مرتد ڳڻائي، قتل لائق ٿي پوندو. هڪ هندو مائيءَ کان جيڪڏهن ڪو پڇي ٿو تہ "ڇا تون ايمان رکين ٿي؟" ۽ هوءَ جواب ۾ چوي ٿي تہ، "ها- اسين ايمان رکون ٿا." تہ ان کي بہ زوريءَ مسلمان ڪيو ٿو وڃي.(7)

شاهہ لطيف وارو مسلڪ ان جي برعڪس هو. هو لڪم دينڪم ولي دين جو قائل هو. هن آڏو مذهب، محبت ۽ انسانيت جو داعي هو، نہ نفرت ۽ تعصب جو. 'راسخ العقيده' ظاهر داريءَ جا قائل هئا. شريعت جون پابنديون هن آڏو لازمي هيون. صوفين وٽ دل صاف رکڻ وڏيڪ اهم هو. شاهہ لطيف جي پنهنجي دور ۾ شاهہ عنات جي شهادت ٿي. سندس ڄمڻ کان ٿورو اڳ سرمد شهيد ٿيو. ان ڪري شاهہ لطيف کي پليءَ پٽ ڄاڻ هئي تہ اهو رستو جوکائتو آهي. ان ۾ سر جون سٽون ڏيڻيون پونديون. ان هوندي بہ هن نہ فقط ان مسلڪ کي قبول ڪيو، پر ان جو وڏي ۾ وڏو، ۽ بي ڊپو پرچارڪ پڻ ٿي رهيو.

شاهہ لطيف مذهبي فريضن کي صحيح تہ سڏي ٿو، پر انهن کي ڪافي نہ ٿو ڀانئي. هن جو مقصد انهن ظاهر داريءَ وارين ڳالهين کان اڳيرو آهي؛

روزا ۽ نمازون، ايءُ پڻ چڱو ڪم،
پرآو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

ڪن حالتن ۾، عبادت جي ظاهري طريقي موجب ادائگي ضروري نہ ٿو سمجهي:

تن تسبيح من مڻيو، دل دنبورو جن،
سي ستا ئي سونهن، ننڊ عبادت جن جي.

هيءَ سڄي ڪائنات – سورج منڊل ۽ ان جا گرھہ ۽ اپگرھہ ڪير ڌارائون – نيبيولا – ڪٽو Molecule ۽ ان جا اڻا Atoms ۽ اڻن جا ذرا Particles سڀ ڪنهن ازلي اصول جي تحت پيا هلن. هو ان ازلي اصول جا غلام آهن، عبد آهن. اصولن جي پوئواري هنن جي عبادت آهي. انسان جو سمهڻ ۽ جاڳڻ بہ ان ريت ڪن ازلي اصولن جي تحت آهي. ان ڪري انهن جي ننڊ بہ عبادت آهي، جن جو تن تسبيح ۽ من مڻيو آهي.

ان ازلي اصول جي عبديت ۾، انسان، جيڪو غير جاندار چيزن جي اصولن تي هلڻ واري تقدير جي ’جبر‘ کان مٿيرو آهي، ۽ ڪن ڳالهين ۾ ’اختيار‘ جو مالڪ آهي. اهو جڏهن پاڻ کي، پنهنجي اختيار ۽ خودمختياريءَ کي، سماجي ڀلائيءَ توڙي انسانيت جي بهبوديءَ لاءِ ختم ڪيو ڇڏي ۽ پنهنجيءَ ذات توڙي انا کي نابود ڪري، سماج جي ڪُل ۾ پنهنجي جز کي ضم ڪيو ڇڏي، تڏهن ئي هو واقعي ’نماز‘ جي لائق ٿئي ٿو. جي هن جي انا – هن جي انفرادي ۽ ذاتي حيثيت موجود آهي، تہ هن جي نماز نہ آهي.

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان نام نماز،
سڀ وڃائي ساز، تهان پوءِ تڪبير چئُو.

●

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان نام سجود،
وڃائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چئُو.

شاهہ لطيف روزي، نماز ۽ تسبيح کي ڪافي نہ سمجهندي ڪنهن ٻئي فهم کي ضروري ٿو سمجهي، ۽ ظاهر دار ۽ راسخ العقيده جي نماز کي ’وجود وڃائڻ‘ کان سواءِ ادا ڪرڻ کي اجايو ٿو ڀانئي.

انهن ظاهردار ۽ راسخ العقيده ماڻهن ئي سرمد ۽ شاهہ عنات کي شهيد ڪرايو. اهي ظاهر ۾ شريعت جا پابند هئا، پر انهن جي اندر ۾ تعصب، نفرت، دغا ۽ دولاب هئا. اهڙن ماڻهن لاءِ شاهہ لطيف چوي ٿو:

Gul Hayat Institute

مٿين بيتن کي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ڇڻ شاهہ لطيف، سسئيءَ، سهڻيءَ، ۽ مارئيءَ جي مصيبتن جو سبب 'لکيو' يا 'تقدير' ڄاڻايو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ان وقت شاهہ لطيف پنهنجي ذهني ارتقا جي شروعاتي ڏاڪي تي هجي، ڇوتہ شاهہ لطيف جا ڪيترائي بيت جدوجهد جو پيغام ڏين ٿا ۽ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو مجموعي تاثر جدوجهد آهي.

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ تقدير پسنديءَ جو هڪ ٻيو بہ سبب ٿي سگهي ٿو. اهو هيءُ تہ جڏهن سنڌ مايوسيءَ جي ڪکرن ۾ وڪوڙيل هئي، ۽ ڪوبہ اميد جو ڪِرڻو نظر نہ ٿي آيو، ممڪن آهي تہ تڏهن، شاهہ لطيف بہ ان انتهائي ياسيت جو شڪار ٿي ويو هجي. بهرحال شاهہ لطيف جي شاعريءَ جا اهي هڪ ٻئي جي مخالف رجحان تحقيق طلب آهن.

## سماجي اخلاقي قدر

هر سماج جي مهذب هجڻ جي نشاني، ان سماج ۾ عورت جي حيثيت ۽ عورت ڏانهن ان سماج جي رويي مان ظاهر ٿي ٿئي. شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت ڏانهن روش جا ٻہ مختلف دور معلوم ٿين ٿا. هڪ ان وقت جي دور جي جاگيرداري سماج ۾ عورت جي حيثيت، ۽ ٻيو انهن قدرن کان هٽي، عورت جي خود اعتماديءَ ۽ خود اختياريءَ جي نمائندگي ٿو ڪري.

سنڌ ۾ عورت کي هميشہ ثانوي حيثيت ڏني وئي آهي. سنڌي سماج ۾ اها عورت آدرشي سمجهي ويندي آهي، جيڪا نهٺي، نماڻي، نياز نوڙت واري ۽ صبر سان سڀ ڪجهہ سهڻ واري هوندي آهي. زرعي ۽ جاگيرداري سماج ۾، عورت جي حيثيت هڪ وَٿَ" Commodity جي هوندي آهي. عورت کي پنهنجا سمورا جذبا، احساس ۽ تمنائون ختم ڪري، سموري زندگي مرد جي لاءِ قربان ڪري ڇڏڻي پوندي آهي، ۽ سڄي عمر خود اختياريءَ کي ترڪ ڪري، مرد جي ئي خواهشن جي پورائيءَ لاءِ وقف ڪرڻي پوندي آهي.

شاهہ لطيف جون سڀ سورميون، سواءِ سهڻيءَ جي، مرد جي آڏو پنهنجي حيثيت ڪين برابر ٿيون سمجهن.

سسئي، پاڻ کي پنهونءَ جي جُتيءَ برابر بہ نہ ٿي سمجهي؛

Gul Hayat Institute

آهي، پر شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪٿي ڪٿي رڳو عورت لاءِ نہ، پر سڀني لاءِ اهڙو لاڙو ملي ٿو:

نمي ڪمي نهار تون، ڏمر وڏو ڏک،
منجهان صبر سک، جي سنوارڻا سمجهين.

(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۲۱)

ڪر ڪمندن ڪتئو، هارايو هوڙن،
چڪئو نا چوندن، هو جو ساءُ صبر جو.

(يمن ڪلياڻ، ۸ ـ ۱۵)

سنڌي سماج ۾ عورت جو 'ست' هر ڳالهہ کان اهم آهي. غيرت اهو سماجي قدر آهي، جنهن جي ڪري، ڪيترائي سر ڪٽيا ٿا وڃن. ۽ قانون ۾ 'غيرت' سببان ٿيل خون جي سزا ٿي معاف آهي.

ست ۽ غيرت بہ زرعي ۽ جاگيرداري سماج جا قدر آهن. ان سماج ۾ عورت کي پنهنجي ور چونڊڻ جو ڪوبہ اختيار نہ آهي. جيڪو بہ مڙس ڪيس ڏنو ويجي، ان سان سڄي عمر 'وفادار' رهي. ماروئيءَ کي 'ڪيت' سماج طرفان مليو، ۽ هن ان لاءِ ڪوٽن ۾ بہ پنهنجو ست قائم رکيو. سسئيءَ جو پنهون، پنهنجي پسند جو هئو، پر 'ڏيرن' اهو رشتو قبول نہ ڪيو. سهڻيءَ جو ڏم، پنهنجي پسند جو نہ هو، پر سهڻي هڪڙي ٿي سورمي آهي، جيڪا ان جي خلاف بغاوت ٿي ڪري.

'ست' جو تصور پنهنجي پسند توڙي ناپسند جي مڙس سان وفاداريءَ جو تصور آهي. سنڌي عورت کي پنهنجي ور يا مڙس کي پنهنجي پسند موجب چونڊڻ بدران مرداني سماج جي فائدي ۾، ملڪيت، حيثيت ۽ ٻين فائدن جي مد نظر ڪيل فيصلن ٿي پابند رهي سماج طرفان مليل گهوٽ سان وفادار رهڻو ٿو پوي.

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جي انتها نمائائيءَ (نوريءَ) بيوسيءَ ۽ جدوجهد (سسئيءَ) کان وٺي، ڪلم ڪلا بغاوت (سهڻيءَ) جا مختلف روپ ملن ٿا. ٿي سگهي ٿو تہ پهريان سر شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي شروعاتي دور جا هجن ۽ سُر سهڻي، شاهہ لطيف جي شاعرائي عروج جو ڪمال هجي، جيئن علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جو رايو هو.

Gul Hayat Institute

جيتوڻيڪ مسلم سماج ۾، بيوھہ يا مطلقہ کي ٻئي مڙس ڪرڻ جي پوري اجازت آهي، پر سنڌي سماج ۾ اڃا تائين ان ڳالھہ کي معيوب سمجهيو ٿو وڃي.

شاهہ لطيف جو هڪ بيت آهي:

دل جو دلبر هيڪڙو، گهڻا تان نہ ڪجن،
دل ۾ ڏجي هڪ کي، توڙي سو سڪن،
سي چلولا چئجن، جي در در لائن دوستي.

ان بيت ۾ ٻئي ڳالهيون آهن. هڪ زالائي Monogamy بہ آهي، تہ هڪ مڙسائي Monoandry بہ. اهوئي اڄڪلھہ جي سڌريل سماج جو رواج آهي.

## ذات پات

ذات پات جو ويڇو، هند ۽ سنڌ ۾ ايامن کان جاري آهي. آرين پاڻ سان اهي اوچ نيچ ذات جا ويڇا آندا. برهمڻ ۽ شودر ان مذهب جي پيداوار آهن. ٻڌمت ڪجھہ عرصي تائين انهن ويڇن کي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي. ان کان پوءِ اسلام آيو، جنهن ۾ اهي ويڇا نہ هئا، پر پوءِ مقامي روايتن جي اثر هيٺ 'سيد' ۽ 'امتي' پيدا ٿيا. امتين ۾ پڻ اوچ ۽ نيچ ذاتيون پيدا ٿيون. بلوچ اوچي ذات هئا. هنرمند ۽ محنت ڪش، جيئن ڪوري، موچي گهٽ ذات ڀانئيا ويندا هئا. حالانڪہ اهي ويڇا اسلام جي تعليم جي خلاف هئا.

شاهہ لطيف ان اونداهي جاگيرداري سماج ۾، هڪ ورسايل طبقي، ۽ اوچي خاندان (سيد) ۾ پيدا ٿيو. هن پنهنجي وقت ۾ رائج سماجي قدرن کي قبول نہ ڪيو. ذات پات ۽ اوچ نيچ جا هٿرادو ويڇا هن کي نہ آئڙيا. هن چٽي ڏنو:

ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
آريون ابوجهن جون، سيڙ چام سهي،
جو راءِ وٽ رات رهي، تہ جکي تان نہ ٿئي.

(پرڀاتي: ١ ـ ١٠)

شاهہ لطيف وٽ ذات تي ذات نہ آهي، پر 'وهڻ' يعني محنت ڪرڻ وارو ئي عزت لائق آهي. جاگيرداري سماج ۾ پورهيت، ڪمي ۽ ڪاسبي گهٽ ذات سمجهيو ويندو آهي، پر شاهہ لطيف آڏو پورهيت ئي آهي جيڪو ڪجھہ

Gul Hayat Institute

حاصل ڪرڻ (لهڻ) جو حقدار آهي. هڪ ٻيو بيت آهي:

ٿئون نياپو آئيو، راڻي ملان رات،
لڌي سون لطيف چئي، ڪنا ڏاتر ذات،
کهڙي ٻيهن ذات، جي آئيا سي اگهيا.

(مومل راڻو: ٥ - ٥)

هن بيت ۾ شاهہ لطيف نہ فقط سنڌ، پر سڄيءَ دنيا کي 'ٿئون نياپو' ڏنو آهي. اهو نياپو آهي برابريءَ جو نياپو. اهو نياپو آهي مساوات جو نياپو. اهو نياپو آهي انساني هڪجهڙائيءَ جو نياپو. جيڪو ذات پات، اوچ نيچ، ۽ ٻيا فرق ميساريو ڇڏي.

سر ڪاموڏ جو هڪڙو بيت آهي:

ڪوءِ سمين ۽ سومرين، جي اڄڻ اوچي ڳاٽ،
ور سي ڪينجهر ڄائيون، جن تماڃيءَ تاٽ،
راڻن ملا رات، ماڻڪ مي پرائيو.

(ڪاموڏ: ١-٢٦)

اوچيءَ ذات وارين - حاڪماڻي خاندان وارين سمين ۽ سومرين کان وڌيڪ اهميت، عام ماڻهوءَ جي نظر ۾ گهٽ ذات مهاڻين، يعني ڪينجهر ڄائين کي آهي. سنڌي سماج ۾، شاهہ لطيف جي زماني کان وٺي اڄ تائين ڳائڻ وڄائڻ وارن کي گهٽ نظر سان پئي ڏٺو ويو آهي. ڳائڻ ۽ وڄائڻ "خاندان" ۽ "شريف گهرائڻ" لاءِ ممنوع آهي. ڳائڻ وڄائڻ وارن کي شاهہ لطيف جي زماني کان وٺندي اڄ ڏينهن تائين "مڱڻهار" "مڱڻو" "منگتو" "پينو" ۽ "پينار" سڏيو ويندو آهي. گويا جيڪو ڪجهہ فنڪارن کي سندن فن جي عيوض ملي ٿو اهو سندن فن يا محنت جو اجورو نہ پر خيرات آهي، ان ڪري ئي انهن کي "گهرندڙ" يا "مڱڻهار" جو نالو ڏنو ويو آهي. خود شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ مٿيان لفظ فنڪار يا ڳائڻي ۽ وڄائڻي لاءِ استعمال ٿيل آهن، پر شاهہ لطيف، عام ماڻهو جي نظر ۾ ان وقت ۾ ان حقير ۽ ڌڪاريل طبقي کي عظمت جي بلندين تي پهچائي ڇڏيو آهي:

ڏاتار ۽ مڱڻي، ڪونہ وسيلو وچ،
سائي تار تندن جي، سائي چارڻ چت،
جو هتي سو هتِ، سو ويري سو واهرو.

(سورٺ: ٣-٥)

اجتماعيت جو شعور پيدا ٿئي. ان تنهائيءَ جي ڪيفيت کي ٽوڙڻ لاءِ شاهه لطيف چيو آهي ته:

سگهين ڪه سلام کي، ڪرين ڪه نه سلام،
ٻيا در تن حرام، اي در جنين ڏيکيو.
(ڪليان، ٩ - ٣)

شاهه لطيف جي قدرن موجب، محفلون ۽ ڪچهريون روح کي راحت ڏيڻ جو سامان هئڻ گهرجن. اجتماعي زندگي هڪ ٻئي جا غم غلط ڪرڻ خاطر آهي. همدرديءَ درد ونڊڻ سان ڏک وسريو وڃن:

ويٺي جني وٽ، ڏکندو ڏور ٿئي،
تون! تنين سين ڪٽ، اوڏا اڏي پکڙا.
(يمن ڪليان، ٨-٢٦)

اها محفل، اها ڪچهري ۽ اهي ماڻهو، جتي دل آزاري ٿئي، جتي ڪنهن جا درد، وسرڻ بدران وڌيو وڃن. شاهه لطيف اهڙين محفلن کان پري رهڻ جو مشورو ٿو ڏئي:

ويٺي جنين وٽ، ڏکندو ڏاڍو ٿئي،
سا مجلس ئي مٽ، جي حاصل هوءِ هزار جي.
(يمن ڪليان، ٨ - ٢٥)

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي سماج جي محفلن ۽ ڪچهرين کي ڏک درد دور ڪرڻ جو ذريعو ته بنايو ويو آهي، پر شاهه لطيف جي سوچ، اتي ئي بيهي نه ٿي رهي، پر ان کان به ڪجهه اڳيري ٿي وڃي. شاهه لطيف سچ کي اصل شيءِ ٿو سمجهي، جنهن سماج ۾ سچ جي اهميت نه آهي، ان کان پري رهڻ جو تاڪيد ٿو ڪري. هو پنهنجي دور ۾ ڪائي ڪچ کي ئي اگهامندو ۽ سچ کي موٽندو ٿو ڏسي:

اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي،
پلئه پايو سچ، آچيندي لڄ مران.
(سريراڳ، ٣-١٤)

ڪوڙ ۽ ڪچ ذهن تي ايترو ته ڇانئجي ويو آهي، جو 'سچ' جنهن تي هر دور ۾ فخر ڪيو ويندو آهي، ان کي آڇڻ وارو لڄي ٿو ٿئي. انهيءَ

خلاف، انهيءَ وقت جي ’علم‘ (جيڪو فقط ان دور جي تعصبين ۽ پرمارن جي فائدي لاءِ هو.) خلاف سنڌين سڌي ۽ کلم کلا بغاوت جي تلقين ٿو ڪري:

اڪ اٽي ڏار، ونءُ ايتو عام سين،
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهہ اوپار،
منجهان نوچ نهار، پر پنيرو پرينءَ ڏي.

(آساء ٢ - ١٦)

پنهنجي دور ۾ هلندڙ سماجي قدرن تي زندگي گذارڻ سولو ۽ اڻ جوکائتو ڪم آهي. اهي سماجي قدر اها ’واٽ‘ آهن جيڪي فرد کي ان دور ۾ شرافت، عزت ۽ دولت جي منزلن تي پهچائين ٿا. انهن قدرن کان انڪاري ٿيڻ، ۽ ان منافقيءَ واري سماج کي تبديل ڪرڻ وارن کي نيون واٽون گهڙڻيون ٿيون پون. اهي ’نيون واٽون‘ چوته وقت جي رائج قدرن کان نراليون آهن، ان ڪري انهن کي گهڙڻ ۽ انهن تي هلڻ وارن کي وقت جي رائج ’شرافت‘ کان ٻاهر ۽ انهن جي واٽ کي ’ڪُواٽ‘ چئي، انهن تي هر قسم جي مصيبت نازل ڪئي ويجي ٿي ۽ ڪين ”اخلاق کان ٻاهر“ چئي، بدنام ۽ بيڙو چيو ويجي ٿو.

انهن نين واٽن، ۽ سماج جي نظرن ۾ ’ڪواٽن‘ تي هلڻ وارا اهي ٿي آديسي آهن، جيڪي لتاڙيل پيچرن ۽ واٽن تي هلڻ پسند نہ ٿا ڪن، ۽ پنهنجي لاءِ نيون راهون ايجاد ٿا ڪن، ۽ جي اهي ڪنڊن سان ڀريل آهن تہ بہ انهن تي هلڻو آهي.

ويجهو ونءُ مَ واٽ کي، کهج ڏانهن ڪُواٽ،
اجهي منجهان آٽ، آديسي ٿي آءُ تون.

(ڪاهوڙي ٣ - ٣)

’واٽ‘ سڌي سنئين ۽ سولي آهي. ’ڪواٽ‘ ڏکي ۽ تڪليفن سان ڀريل آهي، پر تڏهن بہ شاهہ لطيف ’واٽ‘ کي ويجهو نہ ٿو وڃي - ’ڪواٽ‘ تي هلڻ جي تلقين ٿو ڪري.

شاهہ لطيف جي دور ۾ فارسي، علمي، ادبي توڙي سرڪاري زبان هئي. ماڻهو ”فارسي گهوڙي چاڙهسي“ جا قائل هئا، ۽ فارسي سکڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ فخر ونندا هئا. وقت جي انهن رائج قدرن خلاف شاهہ لطيف آواز اٿاريو ۽ چيو تہ:

Gul Hayat Institute

ڪي ٿي دوست ٿو سمجهي، جيڪي جواني ۽ جون راتيون بہ جاڳي گذارين ٿا،

راتيون جاڳڻ جي، سي آئون ڪندي سيڻ،
جوڀن بہ تي ڏينهڙا.

ان تاريخي تبديلين آڻڻ جي جدوجهد جو پهريون ڏاڪو اوجاڳو تہ آهي، پر اڳتي هلي ان لاءِ سر جون سٽون ڏيڻيون ٿيون پون. حسين بن منصور حلاج، جنهن جي فڪر کي شاهہ لطيف پنهنجو ڪيو، ۽ جنهن لاءِ چيو اٿائين، "همہ منصور هزار، ڪهڙا چاڙهڻو چاڙهين" ان جي واٽ بہ سوليءَ تي اچي انت ڪيو. مخدوم بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙهيو ويو. دارا شڪوهہ ۽ سرمد، ۽ ان کان پوءِ شاهہ عنايت شهيد جي شهادت اڃا تازا واقعا هئا. انهن سڀني کي سماجي تبديلين آڻڻ ۽ فڪر جي واڳ موڙڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ جي ڏوهہ جي سزا ڏني وئي. سزا انهن ڏني جيڪي پاڻ کي راسخ العقيدہ چوندا هئا.

شاهہ لطيف ان ڳالهہ کان پليءَ پٽ واقف هو تہ جنهن بہ هن خطرناڪ واٽ تي پير رکيو، ان کي سڏو 'سوريءَ' جي منزل تي پهچڻو پوندو. ان ڪري ٿي هن ان واٽ تي قدم رکڻ وارن کي اڳ ۾ ئي خبردار ڪيو:

سوري آ سينگار، اصل عاشقن جو،
مڙڻ موٽڻ مهڻو، ٿئا تفاري تروار،
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن جو.

(ڪلياڻ، ۲ - ۵)

سوريءَ سڏ ٿئو، ڪا هلندي جيڏيون،
وڃڻ تن پيو، جت نالو ڳنهن نينهن جو.

(ڪلياڻ، ۲ - ۵)

سختي شهادت جي، نسوروئي ناز،
ڪي رند پروڙن راز قضيئي ڪربلا جو.

(ڪيڏارو، ۲ - ۱۱)

'قضيئي ڪربلا' جو راز بہ اهو هو، جو امام حسين رضہ جن، ان وقت ۾ يزيد جي قائم ڪيل قدرن کي بدلائڻ تي چاهيو.

سر ايمن ڪلياڻ ۾ شاهہ لطيف پتنگن جي تمثيل کي استعمال ڪيو آهي. پتنگ جيڪو مچ تي سر صدقو ٿو ڪري، ۽ آگ ڏسي موٽي نہ ٿو. ان کان سواءِ هن 'موڪيءَ ۽ متارن' جي تمثيل ڏني آهي- متارا، جيڪي 'ڪڙي ۽

Gul Hayat Institute

ڏاڪارين ۽ موڏين جو خاتمو ٿئي. اها شاهہ لطيف جي بين الاقواميت آهي. نہ رڳو سنڌ پر سڄيءَ دنيا ۾ سکر سڪائيءَ لاءِ دعا آهي. سڄي انسانيت جي ڀلائيءَ ۽ بهبوديءَ جي خواهش آهي.

شاهہ لطيف وٽ پاراتو يا بددعا نہ هئڻ جي برابر آهي. هو رقيب (ڪر) کي بہ دعا ٿو ڪري "الا ڪر جيئن، مدي جن جي من ۾" هن پنهنجي سموري شاعريءَ ۾ رڳو ٻن طبقن کي بد دعا ڏني آهي. انهن مان پهريون آهي 'ڏڪاري' ۽ ٻيو 'ملان'- "ملان مرئي ماءِ" ڇوتہ شاهہ لطيف جي سڄيءَ جدوجهد جو مقصد ۽ نصب العين آهي 'سڪار واري سنڌ' ۽ 'عالم جي آبادي'، جن جي آڏو اهي ٻئي طبقا 'ڏڪاري' ۽ 'ملان' وڏي رنڊڪ هئا. ۽ آهن.

شاهہ لطيف وٽ قوميت ئي انتها ناهي، پر اها بين الاقواميت ڏي هڪ مثبت قدم آهي:

سائينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوس مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.
(سارنگ، ۴ - ۱۲)

وطن پرستي هر ملڪ، قوم ۽ ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ اهم موضوع ٿي رهيو آهي. هر قوم جي تاريخ ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي خطري جي حالتن مان گذري آهي، ۽ ان وقت ان قوم، ملڪ يا ٻوليءَ جي سڄاڻ شاعرن، ان قوم کي خطرن کان خبردار ڪري جدوجهد لاءِ تيار ٿي ڪيو آهي. شاهہ لطيف جي حياتيءَ جو شروعاتي دور سنڌ ۾ افراتفري جو دور هو. هڪ طرف ڌارين جي حملن ۽ ڦرلٽ سنڌ جي ماڻهن جي اقتصادي طور تباهہ ٿي ڪيو، تہ ٻئي طرف مذهبي پيشوائن جي تنگ نظري سنڌ جي ماڻهن ۾ نفرت ۽ نفاق جو ٻج ٻئي ڇٽيو. جڏهن تہ اهڙي حالت ۾ سنڌ کي اتحاد ۽ اتفاق جي ضرورت هئي. انهن حالتن ۾ سنڌ اندروني طرح ڪمزور ٿي ٿيندي ويئي.

هڪ سڄاڻ دورانديش ۽ محب وطن ڏاهي جي حيثيت ۾، شاهہ لطيف، سنڌ جي ماڻهن کي وير ورود ۽ نفرت کان پري رکي، انهن ۾ ايڪي، ڀائيچاري، پيار ۽ وطن دوستيءَ جي جذبن پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ان لاءِ هن مارئيءَ جو اهڃاڻ استعمال ڪيو.

زماني ۾ هلندڙ اخلاقي قدرن جي خلاف هئي، پر اڄڪلهہ جي رائج اخلاقي قدرن جي خلاف پڻ آهي. ڪيترن ئي عالمن، تاويلون ڪري ان ڪهاڻيءَ جي روحاني راز کي سمجهائڻ ۽ سلجهائڻ جي اجائي ڪوشش ڪئي آهي. شاهہ لطيف ان لوڪ ڪهاڻيءَ توڙي هر لوڪ ڪهاڻيءَ جي ڪن ڪن ٽانڻ کي روحاني راز سمجهائڻ ۽ تصوف جي نڪتن کي بيان ڪرڻ لاءِ برابر استعمال ڪيو آهي، پر ائين هرگز نہ آهي، تہ ان لوڪ ڪهاڻيءَ توڙي هر لوڪ ڪهاڻيءَ جو هر بيت ڪنهن روحاني معنيٰ ڏي اشارو ڪندڙ آهي ۽ سهڻي ميهار جي لوڪ ڪهاڻي تہ ظاهر ظهور هڪ پرڻيل عورت جي هڪ غير مرد سان عشق جو داستان آهي.

شاهہ لطيف، ان سَر ۾ عورت کي محبت ۽ شادي ڪرڻ جي اختيار، ۽ زيردستيءَ ڪنهن اڻ وڻندڙ مڙس ملڻ تي سماجي قدرن ڏانهن ان عورت جي روش کي بيان ڪيو آهي. ڪوبہ شاعر ڪنهن بہ قصي يا داستان کي سڌو سنئون بيان ڪري سگهي ٿو، پر ان ڪهاڻيءَ يا قصي جي ڪردارن ڏانهن ان شاعر جي روش Attitude ئي اهم هوندي آهي. شاهہ لطيف، سهڻي ميهار جي قصي کي لسي، غير جذباتي، ۽ معروضي Objective يا غير جانبدار طور تي بيان نہ ڪيو آهي. ان لوڪ ڪهاڻيءَ جي هر اهم ڪردار، سهڻيءَ، ميهار، ۽ ڏم مان هر هڪ ڏانهن سندس روش خاص آهي، جيڪا سندس بيتن مان ظاهر آهي. هو نہ فقط پرڻيل سهڻيءَ جو ميهار سان ملڻ پسند ٿو ڪري، پر اڃا بہ اڳتي وڃي، سهڻيءَ کي ميهار کان سواءِ 'ناپاڪ' ٿو سمجهي. عام مروج اخلاقي قدرن موجب سهڻي ميهار سان ملڻ سان ناپاڪ ٿيو پوي، پر شاهہ لطيف جي نظرن ۾، جي سهڻي ميهار سان نہ ٿي ملي، تہ ناپاڪ ٿيو پوي:

ساهڙ ڌاران سوهڻي، تسوري ناپاڪ،
نجاست نام ڪري، ائين جي اوطاق،
هوءَ جي ڪير پياڪ، پاسي تني پاڪ ٿئي.

(سهڻي: ابيات متفرقہ - ۲)

يعني جيئن عام ماڻهو سمجهن ٿا تہ سهڻي ميهار سان ملڻ جي ڪري ناپاڪ ٿي ٿئي. ائين نہ آهي. سهڻي ناپاڪ تڏهن آهي، جڏهن هوءَ ساهڙ کان ڌار آهي. ان سان ملڻ ئي تہ هن جي لاءِ پاڪيزگيءَ جو سبب آهي ۽ ان سان نہ ملڻ ناپاڪ.

Gul Hayat Institute

شاهہ لطيف جي نظر ۾ محبت ٿي هڪ اهڙو جذبو آهي، جيڪو انسان کي پاڪ ڪري ٿو. سماج جي دٻاءَ هيٺ زبردستيءَ سان قبول ڪيل ميلاپ ناپاڪ آهي. ان ناپاڪ ميلاپ کان موت بهتر آهي:

مرج وڻ ميهار، متان موٽين سهڻي،
ساهڙ جا سينگار، متان ڏم ڏيکارين.

(سهڻي، ۴ - ۹)

ان ساهڙ لاءِ ڪيل سينگار رڳو ساهڙ لاءِ ئي آهن. اهي ڏم کي ڏيکارڻا ناهن. اها محبت جي هڪ خاص ادا آهي جنهن موجب عورت فقط پنهنجي پسند واري شخص وٽ ئي هار سينگار ڪري ويندي آهي. ان عورت کي چڱو نہ سمجهيو ويندو آهي، جيڪا غير مرد آڏو هار سينگار ڪيو وتي. اهڙيءَ عورت کي هرجائي سمجهيو ويندو آهي. متئين بيت ۾ شاهہ لطيف ڏم کي غير مرد پائيندي، سهڻيءَ کي خبردار ٿو ڪري، تہ متان ان جي آڏو اهي سينگار پڌرا ڪرين، جيڪي تو ساهڙ لاءِ ڪيا آهن.

ائين بہ ناهي تہ ڏم ان سموري معاملي کان بي خبر آهي. ڏم کي سموري قصي جي پوريءَ ريت پروڙ آهي. هو هر ڳالهہ کي سمجهي ٿو. ان ڪري ئي تہ هو سهڻيءَ کي مهڻا ڏيندو ٿو رهي:

ڏم ڏيهاڻي ڏي، سندا ميهر ميهڻا،
جهلير ٿي جهوليءَ ۾، پلئہ پايو سي،
مر جان چاليهہ چٽي، سڳا سيرين جي.

(سهڻي، ۵ - ۱۲)

تڙ تڪڻ تار گهڙڻ، ايءَ ڪاٺيارين ڪم،
ڏمہ ڏمہ پيرا ڏيہ ۾، ڏي ڏوراپا ڏم،
عقل، مت، شرم، ٽيئي نيہ نهوڙئا.

(سهڻي، ۲ - ۱)

توڙي جو ڏم، ڏينهن ۾ ڏمہ ڏمہ پيرا ڏوراپا ٿو ڏئي، تڏهن بہ سهڻي بنا تڙ تڪڻ جي تار ۾ گهڙيو پوي. هن جي نظر ۾ ڪاٺيارو ٿيڻ جو سبب ميهر سان ملڻ نہ آهي، پر تڙ تڪڻ آهي. هن جي اجهل محبت جي آڏو اوتـڙ توڙي ڪُتڙ - سڀ تڙ آهي. جتان گهڙي، پوءِ ڪري اها ڏکي جاءِ هجي، اتي ئي گهيڙ آهي.

Gul Hayat Institute

شاهہ لطيف جي فڪر جي اها آخري منزل آهي، پنهنجي وقت جي رائج اخلاقي قدرن کان انڪاري ٿي، سماج کي ارتقا جي مٿيري ڏاڪي تي پهچائڻ، ۽ اهڙيءَ طرح، انساني سماج جي ارتقا جي سلسلي کي ابد تائين قائم رکڻ.

## حوالا


(1) قاضي جاويد، برصغير ۾ مسلم فڪر ڪا ارتقا- لاهور 1977ع. صفحو 159.

(2) قاضي جاويد، هند مسلم ثقافت، لاهور، 1983ع صفحو 115.

(3) محمد ابراهيم جويو، شاهہ سچل سامي، حيدرآباد، 1978ع صفحو 53.

(4) ايضا- صفحو 54.

(5) ايضا-صفحو 63.

(6) سارلي ايڇ ٽي، شاهہ لطيف آف ڀٽ. ڪراچي، 1966ع .

(7) محمد ابراهيم جويو، شاهہ سچل سامي، حيدرآباد 1978ع صفحو 67.

(8) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شاهہ جي رسالي جي ترتيب، حيدرآباد / ڀٽ شاهہ 1974ع صفحو 13.


Gul Hayat Institute

# شاهہ لطيف جي عوامي شاعري

انساني تهذيب جي پرهہ ڦٽڻ وقت، انسان جو سمورو سرمايو سڀني لاءِ هئو، پوءِ اهو سرمايو جسماني محنت جو نتيجو هجي يا ذهني پورهئي جو ڦل. ان تي ڪنهن بہ هڪ شخص يا ٽولي جو قبضو نہ هئو. نہ ذهني پورهئي جي پرماريت هئي، نہ جسماني محنت جو استحصال. ان دؤر ۾ ڪاڏو خوراڪ، زمين جي پيداوار توڙي هر قسم جو شڪار سڀني سماج لاءِ هوندا هئا. ان سان گڏ گيت ۽ ناچ پڻ اجتماعي هئا.

اهو دؤر لوڪ ادب جو دؤر هو، جڏهن هڪ شخص جا چيل ٻول هر ماڻهوءَ جي زبان تي هوندا هئا. ڇو تہ انهن ۾ هر ماڻهوءَ جي دل ڌڙڪندي هئي. انهن ٻولن تي ڪنهن هڪ شاعر جو نانءُ نہ هئو، ڇو تہ ٻولن سان ٻول ڳنڍبا ويا، هڪ ٻول هڪ ماڻهوءَ جو تہ ٻيو ٻول ٻئي جو. ايئن انهن گيتن جي پيڙهين تائين ترتيب پئي هلندي رهي. انهن جي تڪميل ۾ ڪيئي ماڻهو حصو وٺندا رهيا ۽ ڪي ئي پيڙهيون انهن کي ڳائينديون رهنديون هيون.

Gul Hayat Institute

اهي گيت هر ماڻهوءَ جي چپن تي هوندا هئا. ڇو تہ اهي سندس ئي سادي، سباجهي ۽ نماڻيءَ ٻوليءَ ۾ چيل هوندا هئا. انهن جي لفظن ۾ ڪا ٺاهہ ٺوهہ نہ هئي. انهن جو موضوع هر ماڻهوءَ جو ڏٺل وائٺل ۽ محسوس ڪيل هو. ان ۾ بيان ڪيل جذبا بہ سندس دل وٽان هوندا هئا. ان ڪري اهي گيت عام ۾ مقبول هئا. ان دؤر جي اها شاعري عوامي شاعري هئي.

وقت جو ڦيٿو ڦرندو رهيو، تاريخ جي گاڏي اڳتي وڌندي رهي، جسماني محنت جي پرماريت شروع ٿي وئي، ناڻو وجود ۾ آيو، موڙيءَ منهن ڪڍيو.

صفا نابود ڪيو وڃي.“ (5)

شاھ لطيف جي زماني ۾ مڪتبن ۾، پڙھيل طبقي، ورسايل طبقن، توڙي انهن جي شاعرن وٽ فارسيءَ جو عام رواج ھئو. پر تڏھن ٻہ مٿي ڏنل ايليٽ جي حوالي موجب فارسي، سنڌ جي ماڻھن جي جذبن ۽ احساسن جي ترجمان ٿي نہ سگھي. سنڌ جا ماڻھو پنھنجا جذبا فارسيءَ ۾ محسوس ڪرڻ نہ سگھيا. فارسي مڪتبن تي مڙھي وئي، پر سنڌي ٻوليءَ شاعريءَ ۾ وري وري ايرڻ لڳي ڪڏھن قاضي قاضن، ڪڏھن شاھ ڪريم تہ ڪڏھن شاھ لطيف جي صورت ۾، اھو سج ڪاپار تي چڙھي آيو.

شاھ لطيف جي دور ۾ ڊاڪٽر سارلي جي لکڻ موجب: ”فارسي طرز ايتري پختي ٿي وئي ھئي جو ان کي ڪڏي نہ ٻي سگھيو ويو.“ ”پارسي گھوڙي چاڙھسي“ چوڻ واري دور ۾ شاہ لطيف چيو تہ:

جي تون فارسي سکيو گولو تان غلام،
اجھو تان آب کھري بکيو تان طعام،
عامن سندو عام، خاصن منجھان ڪين ٿئي.

(آسا - ۴-۲۳)

جنھن وقت فارسي شاعرن جي رسائي درٻارن تائين ٿي ھلي، ۽ سنڌ سميت سڄو ھندستان فارسي شاعريءَ جي اسلوب توڙي موضوعن کي پنھنجو ڪري رھيو ھئو، تڏھن شاھ لطيف نہ رڳو انھن روايتن کي ٽوڙيو پر پنھنجون روايتون قائم ڪري پنھنجي ٻوليءَ جون پاڙون ھميشه لاءِ پختيون ڪري ڇڏيائين.

”لوڪ لھوارو وھي، تون اوڀو وھ اوڀار.“

وانگر وھندڙ درياھ جي سير ۾ اوڀارو ھلي سارلي جي لکڻ موجب: ”پنھنجي دور ۾ قائم ٿيل ذھني سامراجيت کي ٽوڙڻ ۾ ڪامياب ٿيو.“ (1)

شاھ لطيف پنھنجي دور ۾ رائج فارسي زبان ۽ فارسي قالبن کي ڇڏي پنھنجي مقامي ٻوليءَ ۾ ۽ پنھنجي روايتي قالبن بيت ۽ وائيءَ ۾ اظھار ڪيو. اھو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو ھئو.

Gul Hayat Institute

# شاهہ لطيف جي عوامي ٻولي ۽ عوامي لهجو

شاهہ جي دور ۾ عربيءَ ۽ فارسيءَ جو سنڌي ٻوليءَ تي ڪافي اثر ٿي چڪو هو. ڪيترائي عربي ۽ فارسي لفظ سنڌيءَ ۾ اچي چڪا هئا. ان ڪري سنڌيءَ جي شاعرن اهي لفظ پنهنجي شعر و شاعريءَ ۾ استعمال پئي ڪيا. جيڪي عام ماڻهوءَ ۽ سندس ڳالهہ ٻولهہ تائين پهچي چڪا هئا.

جيئن تہ هر ٻولي ڌاريءَ ٻوليءَ جي لفظن کي پنهنجي لهجي ۽ مزاج موجب قبول ڪندي آهي، ان ڪري سنڌي ٻوليءَ پڻ ائين ڪيو. ڪيئي عربي ۽ فارسي لفظ پاڻ ۾ جذب ڪري انهن جي اچار کي پنهنجي مزاج مطابق موڙي ڇڏيائين. عربن کي سنڌ ۾ آئي تيرهن سؤ سالن کان بہ مٿي عرصو گذريو آهي پر تڏهن بہ سنڌ جو عام ماڻهو اڃا تائين سنڌي ٻوليءَ ۾ سمايل عربي لفظن جو اُچار هوبهو عربن جهڙو ڪڏهن نہ ڪري سگهيو. خاص ڪري اهي لفظ جن ۾ ص، ث، ط، ظ، ع ۽ ق جهڙا حرف آهن، انهن لفظن جو اُچار تمام ٿورا ماڻهو ڪوشش ۽ استعمال بعد ئي ڪري سگهن ٿا.

شاهہ لطيف، قرآن شريف جون آيتون، حديثون، ٿوري عربيءَ جون چوڻيون پنهنجي بيتن ۾ استعمال ڪيون آهن، اهڙيءَ ريت جو پڪ ڄاڻي سگهجي ٿو تہ هو عربي چڱيءَ طرح ڄاڻندو هئو. هي بہ روايتون عام آهن تہ ساڻس هر وقت مولانا روميءَ جي مثنوي هوندي هئي. ان مان ثابت ٿيو تہ هو فارسي پڻ ڄاڻندو هئو. پر تنهن هوندي بہ هن پنهنجي بيتن ۾ عربي ۽ فارسي لفظ انهي ئي ڦريل صورت ۾ استعمال ڪيا آهن جنهن صورت ۾ عام ماڻهو اچاريندا آهن. شاهہ لطيف عالمن ۽ ورسايل طبقن جي غير فطري ۽ متڪلف اچارن واري ٻولي ڇڏي عام پسند جيءَ ۽ ڳالهايل ٻوليءَ اُچار ڪتب آندا.

هن عام ماڻهوءَ سان سندس ئي ٻوليءَ ۾ ڳالهايو آهي. سر ليلا چنيسر جو هيءُ بيت پڙهو.

مَ ڪر ڏول ڏلو، ناتو نمائيءَ سين،
ڪونهي ڪمينيءَ جو، بڪر تو بلو،
تنهنجو نانءُ نلو، ولي ويئي آهيان.

(ڏهر-٣-٢٢)

متئين شعر ۾ اصل لفظ "بغير" بدران ان جي سنڌيءَ ۾ عام رائج بگڙيل صورت "بگر" استعمال ڪئي وئي آهي. "غ" جو اچار سنڌي ماڻهن کي نٿو آئڙي، تنهن جي ڪري هو اجا تائين "غ" کي "گ" اچاريندا آهن.

چٽي چنيسر چام سين، ليلا تون نہ لڳاءِ،
"دوس" تنهنجو داسڙو، ڪاند وڏيائي ڪاءِ،
تہ ڍولو ڍڪ سنڌياءِ، عيبن کي آڏو اچي.

(ليلا چنيسر-٢-١٧)

متئين شعر ۾ لفظ "دوس" فارسي لفظ "دوست" جي بگڙيل صورت آهي. سنڌيءَ ۾ "ج" کي ڦيرائي "ز" ڪرڻ بہ عام آهي.

سونا وٽئن صراف سين، پچي ڇڏ بازي،
چاندي ڪٿو چلائيين رپو روازي،
جت ٿيندو قاضي، ات توريندا تجويز سين.

(سريراڳ - ٤-٨)

هن بيت ۾ "رواجيءَ" جي "ج" کي "ز" سان مٽائي سنڌيءَ جي عام ماڻهو واري ڳالهايل صورت "روازي" ڪم آندي وئي آهي. اڄ تائين "رواجي" بدران "روازي" جو اچار سنڌي ڳوٺاڻن ۾ هلندو اچي.

هڪ ٻيو بيت:

دنگي منجهہ درياهہ، ڪين ٻڌي ڪين اُپڙي،
معلم ماڳ نہ اڳئين، ڦلنگي منجهہ ڦريا،
ملاح تنهنجي مڪڙيءَ، اچي چور چڙهيا،
جتي ڍينگ ڍريا، تتي تاري تنهنجي.

(سريراڳ - ٢-١١)

هن بيت ۾ لفظ "فرنگي" مٽائي "ڦلنگي" ڪم آندو ويو آهي.

رسالي ۾ ڪي اهڙا بہ بيت ملن ٿا جن ۾ ڪن لفظن جو اصلي عربي فارسي توڙي بگڙيل سنڌي ٻئي اچار موجود آهن. جنهن مان پتو پوي ٿو تہ شاهہ لطيف اصلي اچارن کان اڻ واقف ڪين هو. هن ڄاڻي واڻي شعر جي رواني، سلاست ۽ موسيقيت قائم رکڻ لاءِ توڙي عام ماڻهوءَ جي لهجي کي استعمال ڪرڻ جي خيال کان اهي بگڙيل صورتون ڪتب آنديون آهن. ان لاءِ

Gul Hayat Institute

هي ٻہ بيت مثال طور ڏسو:

سڙهہ سنوان لاڇو نوان، اولا سندن عاج،
ساٿي سفر هليا، پري جنگ جهاج،
حاصل ڪرين حاج، واحد وڻجارن جي.
(سرير اڳ - ١-١٢)

لڙ لهريون لس ليٽ، جتي انت نہ آب جو،
الله! اُتِ مَ اولين، ٻيڙا متي پيٽ،
جوڪو ٿئي نہ جهاز ڪي، ڦرهي اچي مہ ڦيٽ،
لڳي ڪا مَ ليپيٽ، هن غريبي غراب کي.
(سرير اڳ، ١-١١)

مٿين ٻن بيتن ۾ "جهاز"، (اصلي اچار) ۽ "جهاج" (بگڙيل اچار) ٻئي موجود آهن. هي ٻہ بيت پڙهو:

مان پچنئي سپرين، چت ۾ رکج چيت،
سڙهہ ڏٺاري صاف ڪي، صابڻ ساڻ سپيت،
سامونڊي سچيت، ٿيءُ تہ پهچين پار ڪي.
(سرير اڳ، ١-٣)

سرمو سفيديءَ جو، جڏهن پاتو جن،
تڏهن ڏٺي تن، اڃائي عالم جي.
(آسا، ٤-٤٢)

مٿين بيتن ۾ بہ "سفيد" ۽ "سپيت" - اصلي فارسي اچار، ۽ بگڙيل سنڌي اچار ٻئي موجود آهن. رسالي ۾ اهڙا ڪيترائي بيت ملندا، جن ۾ شاه لطيف عام ماڻهوءَ جو اچار ۽ لهجو استعمال ڪيو آهي. هتي ڪي مثال ڏجن ٿا:

مبي ماڪائي، وڏو وات ولن کي،
خبر ٿي ڪيت ڏٺن کي، وڏوٽا واهي،
ڪرهي ڪاڪت چڏيي، وريس نہ وائي،
چانگي چرائي، وٺي ويچاري وسري.
(ڪليات، ٢-٣٠)

هن بيت ۾ لفظ "طاقت" بدران "ڪاڪت" ڪم آندو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

چت چڙن چوريو، جونک ٿڙم جوءِ،
(سهڻي، ۴-۸)

لفظ "ذوق، بدران" جونک".

وارو ور ولي ويا، جيڏيون ڪري جور،
(ديسي، ۴-۲)

"زور" بدران" جور".

مران جي هن هنڌ وجي مٽ ملير ڏي،
(مارئي، ٦-٩)

"ميت" بدران" مٽ".

ٽي. ايس. ايليٽ لکيو آهي تہ "شاعريءَ ۾ هر انقلاب، عوامي ٻوليءَ ڏانهن موٽڻ آهي. (2) هن جي نظر ۾ احساس جو اظهار عام طبقن جي ٻوليءَ ۾ ٿي سگهي ٿو. (3)

شاهہ ان خيال کان سنڌي شاعريءَ ۾ وڏو انقلاب آندو، جو پنهنجي وقت جي سرڪار ۽ ان جي ورسايل طبقن جي ٻوليءَ کي ڇڏي ان وقت جي عام ماڻهن جي ٻوليءَ ۽ لهجي ۾ شعر چيو.

## شاهہ لطيف جا عوامي ڪردار

شاهہ لطيف کان اڳ وارا دنيا جا عظيم شاعر، ٻوليءَ توڙي محاورن ۽ ماحول جي خيال کان عام ماڻهوءَ کان گهڻو پري هئا. شاعري فقط ورسايل طبقن جي ميراث هئي. شعر ۾ فقط انهن ئي طبقن جي ماحول ۽ امنگن جو اظهار ڪيو ويندو هو. عام ماڻهوءَ جي ٻولي توڙي جذبا گهٽ اهميت وارا هئا ۽ "عظيم" شاعرن انهن کي ڌيان لائق ئي نہ ٿي سمجهيو. "عظيم" شاعرن جي شاعريءَ جا موضوع، سورما، توڙي سورميون يا تہ ورسايل طبقي جي اتسانن مان هوندا هئا يا تہ ماڳهين انسان کان بہ مٿانهان ديويون ۽ ديوتا هوندا هئا.

تلسيداس جي راماڻ ۾ عام ماڻهن جو ذڪر گهٽ، ديوتائن، ديوين، انهن جي محبوبائن، رائين ۽ فوجي سالارن جو ذڪر وڌيڪ آهي. هنن شاعرن وٽ جي عام ماڻهوءَ جو يا ان جي زندگيءَ جو ذڪر يا بيان آهي بہ، تہ ان

کي ثانوي حيثيت آهي. عام ماڻهو يا تہ فوجي جرنيلن جا سپاهي آهن يا تہ ديوين ۽ ديوتائن جا پوڄاري. هنن کي ڪابہ اهڙي حيثيت ناهي جو هو پاڻ وهيڻا هجن، يا هنن کي پنهنجا احساس يا امنگون هجن.

شيڪسپيئر وٽ، اسان کي ايلزبيٿ جي دؤر جي زندگيءَ ۾ پڻ شائلاڪ پاري ظالم يهوديءَ جو، توڙي مٿاهين طبقي جي اميرن، شاهوڪارن ۽ لارڊن جو ذڪر ملي ٿو. هن جي تاريخي ڊرامن ۽ شعرن ۾ هينري ۴، هينري ۵، اوٿيلو ۽ شاهہ ايليا جهڙا بادشاهہ، سيزر ۽ انٿوني جهڙا فوجي جرنيل هن جو موضوع آهن، جن جا ڀڀڪيدار لباس، جن جي چهبيل چٽيل گفتگو ۽ جن جو رعبدار ماحول ئي شيڪسپيئر جي شاعريءَ جي سونهن آهي.

شاهہ لطيف جو زمانو سترهين صديءَ جي آخري ڏهاڪي کان وٺي ارڙهين صديءَ جي وچ تائين آهي. شاهہ ان دؤر ۾ پنهنجي شاعريءَ جو موضوع پنهنجي ملڪ جي عام ماڻهن کي بنايو. هن فارسي زبان جي روايتي ماحول کي ڇڏي، پنهنجي چوڌاري وسندڙ ماحول ۾ اوتهو وڃي ان جي چٽسالي ڪئي. علامہ آءِ. آءِ. قاضي لکي ٿو تہ، "هو (شاهہ لطيف) مهاڻن، ماڇين، هارين، چرخي ڪتيندڙن ۽ شهزادن، سيني کي ساڳيءَ سهوليت سان بيان ڪري ٿو. هو اهڙي جامع نموني ۾ انهن جي محاوري ۽ اصطلاح کي استعمال ٿو ڪري جو ائين ٿو لڳي ڄڻ هو سندن ئي طبقي سان واسطو رکي ٿو." (4)

شاهہ لطيف جي دؤر (ارڙهين صديءَ جي وچ) تائين مغربي ادب ۾ پڻ عام ماڻهوءَ جي ٻوليءَ ۾ شعر چوڻ يا عام ماڻهوءَ جي باري ۾ لکڻ جو تصور ئي پيدا نہ ٿيو هو. ان وقت تائين اوير توڙي اولهہ ۾ شاعري مٿاهين يا وچولي طبقي جي لاءِ هئي. شاعر جي هڪ خاص ٻولي هئي، جيڪا عام ماڻهوءَ جي سمجهہ کان مٿي، فقط پڙهيل ۽ مٿاهين طبقي جي سمجهہ لائق هئي. شاعريءَ لاءِ تشبيهون ۽ استعارا پڻ انهن ئي طبقن جي ماحول ۽ زندگي مان چونڊيا ويندا هئا. لوڪ ادب کان پوءِ سنڌي ادب ۾ عوامي شاعريءَ جو جيڪو رجحان پيدا ٿيو، شاهہ لطيف تي ان جي چوٽ ٿي.

مغربي شاعريءَ ۾ عام ماڻهوءَ جي ٻوليءَ ۾ لکڻ ۽ شعر ۾ عام ماڻهن جي جذبن جي اپٽار ڪرڻ جو تصور شاهہ لطيف کان اڌ صدي پوءِ پيدا ٿيو ۽

Gul Hayat Institute

سهڻي ڪنيار جي ڌيءَ آهي، جنهن جو مٽيءَ، چڪ ۽ آويءَ سان واسطو آهي.

مارئي ٿر جي مارن جي ڇوڪري آهي، جن جي کاڌ خوراڪ "آٽيون ۽ چاڙهيون ڏٿ ڏيهاڙي سومرا." ان نماڻيءَ ڇوڪريءَ آڏو وقت جو بادشاهہ هيٺو ثابت ٿيو ۽ مارئي وطن پرستيءَ جو اهڃاڻ ٿي وئي.

سر ڪاموڏ ۾ شاهہ لطيف سنڌ جي مهاڻن جي نينگر نوريءَ کي سمين شهزادين کان بہ مٿيرو ڪري ڇڏيو آهي.

ڳهاتوءَ جو مورڙو، ميربحر آهي؛ پر ان سان ڳڻ ڳجهڙوءِ ضعيف پڻ آهي.

انهن کان سواءِ ڪاهوڙي، رامڪلي جا جوڳي، ڪاپاٽيءَ جون چرخو ڪتيندڙ، اهي سڀ نماڻن طبقن جا ڪردار آهن.

ڏوٻيءَ جي ڌيءَ، مارن جي ڇوڪري، مهاڻن جي نينگر هن کان اڳ ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جي عظيم شاعرن پنهنجي شاعري جون سورميون نہ ٺهيو پر پنهنجي شاعريءَ ۾ ذڪر لائق بہ نہ سمجهيون.

## شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ عام ماڻهوءَ جي زندگي

شاهہ لطيف شاعريءَ کي نہ فقط پنهنجي سرزمين ڏي موٽايو، پر ان ۾ عام ماڻهوءَ جو بيان پڻ ڪيائين. ٽي. ايس. ايليٽ جي لکڻ موجب؛ "شاعري اهڙو فن آهي جيڪو سختيءَ سان قومي آهي. ڇو تہ هن جو خيال ۽ فڪر سڀني قومن ۾ ساڳيو ۽ عام ٿي سگهي ٿو، پر احساس هر قوم لاءِ عام نہ، پر خاص (Particular) آهي، ۽ شاعري انهن احساسن جو اظهار آهي." اڳتي هلي هو لکي ٿو تہ، "اها طئہ شده ڳالهہ آهي تہ ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ ئي پنهنجا سڀ کان شديد احساس ظاهر ڪري سگهن ٿا. هڪ قوم جي ماڻهن ۾، نفيس ترين ۽ پيچيده ترين جذبا توڙي سادا ۽ اڻ گهڙيل جذبا ڪانہ ڪا هڪجهڙائي رکن ٿا، جيڪا ٻيءَ ٻوليءَ جي ماڻهن جي ساڳي ئي طبقي ۾ نہ ٿي ملي سگهي. ان ڪري عظيم شاعر کي پنهنجي هم وطن لاءِ ۽ هم وطن جي هر ذهني سطح لاءِ لکڻو آهي." (5)

شاهہ لطيف ان لحاظ کان بہ عظيم هو جو هن جي شاعري سندس ديس جي ماڻهن مان هر هڪ لاءِ هئي. ڪهڙي بہ ذهني سطح وارو شخص، عالم،

Gul Hayat Institute

ڏونگر تون ڏاڍو، تو ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين،
مون تن اندر تيئن وهين، جيئن وڻ وڍي واڍو،
ڪرم جو ڪاڍو، نہ تہ پٿر ڪير پنڌ ڪري.

(ڪوهياري، ٢ - ١)

ڪتڻ جا تاڻو، ۽ ناڻارو، اهي بہ ڳوٺاڻيءَ زندگيءَ جو حصو آهن. ناڻاري جي ذڪر وارو هيءُ بيت پڙهي ڏسو، ۽ ان مان حاصل ٿيندڙ فڪر، ۽ ناڻاري جي علامت جو فنڪارانہ استعمال ڏسو:

پلي ڪري آئيو ناڻارو ڏيهاءِ،
پڳي ڪت سڄي ٿي لٽي جاڪ ڳراءِ.

(سامونڊي، ١ - وائي)

ڪنير جي باري ۾ هيٺيان ٻہ بيت پڙهو:

نهائينءَ ڪان نينهن سک منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

(رپ، ٢ - ١٧)

نينهن نهائينءَ ڪان، ڍڪيو ڪونہ ڍڪئين،
ڄر جيري ڇڏيي، ڪيئن پچندا تانءَ،
سندي ڪنيارن، ڪن ڪريجا ڳالهڙي.

(رپ، ٢ - ١٥)

لوهر جي باري ۾ هڪ ٻيو مشهور بيت:

ڪڙي منجهہ ڪڙو، جيئن لوهار لپيٽيو،
منهنجو جيءُ جڙيو، ايئن سپرين سين.

(بروو سنڌي، ٢ - ٥)

هڪ هنڌ ڪوريءَ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

هلو تہ هلون ڪورئين نازڪ جن جو نينهن،
ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مور نہ سکيا.

سر سريراڳ ۾ ٻيڙياتن جو ذڪر آهي:

Gul Hayat Institute

پنهنجي لاءِ جاءِ پيدا ڪيائين ته پنهنجي دل ۾ انهن کي محبوب وانگر رکيائين. انهن سان اٿاهہ پيار جي سبب ٿي هو سندن ايڏو قريب ويو ۽ ان ڪري ٿي پنهنجي شعر ۾ ڪاميابيءَ سان ۽ چٽائيءَ سان انهن جو بيان ڪري سگهيو آهي. ان ڪري ٿي هو عظيم آهي. سندس عظمت ايليٽ جي اصول مطابق سندس مقامي ۽ قومي هجڻ ۾ آهي.

آمريڪي شاعر والٽ وٽمئن لاءِ سڄي آمريڪا هڪ شعر وانگر هئي، (11) ته شاهہ لطيف، وٽمئن کان ٻه صديون اڳي سنڌ کي هڪ لافاني ۽ لازوال شعر بنائيچڏيو.

Gul Hayat Institute

# شاهه لطيف جي شاعريءَ جي موسيقي

شاعري، ثقافت جو مکيه جزو آهي. شاعريءَ ۽ موسيقيءَ جو گهاٽو سنبنڌ رهيو آهي. شروع شروع ۾ ٻئي فن هڪ هئا. موسيقي ۽ شاعري ڌار ڌار وجود نہ رکندا هئا. شاعر ڳائڻو بہ هو. شعر چيا ئي سُر سان ويندا هئا. لوڪ گيت، جيڪا پراڻي ۾ پراڻي شاعري آهي سا بہ ڳائي چئي ويندي هئي. حضرت دائود پنهنجا گيت Psalms بہ سُر سان ڳائيندو هو. يوناني شاعر هومر بہ پنهنجا شعر ڳائيندو وتندو هو. ساڳيو ماڻهو شاعر بہ هو تہ موسيقار بہ. نہ ڳائڻ کان سواءِ شعر جو تصور هو، نہ موسيقار يا ڳائڻي جو ٻولن کان سواءِ ڪو وجود. شعر کي تحت اللفظ پڙهڻ جو تصور ئي ڪونہ هو. ان دؤر ۾ ٻولن جو سُرن سان سنگم هو. نہ رڳو شعر ۽ راڳ گڏ هئا، پر ناچ بہ انهن سان شامل هو. (1) ماڻهو شعر چوندي ڳائيندا، نچندا ۽ جهمريون هڻندا هئا. هو جمالو، جهمر ۽ ٻيا لوڪ ناچ، گيتن جي سهاري سان عجيب ڪيفيت پيدا ڪندا هئا.

"ان ڳالهہ ۾ ٿورو شڪ ٿيندو تہ شاعري ناچ سان ڳوڙهي ڳانڍاپي ۾ رهي آهي، ۽ ٻنهي جو اهو لاڳاپو اڃا تائين موجود آهي - گهٽ ۾ گهٽ ڪن حالتن ۾ چرندڙ عڪس يا حواسن جا عڪس، اچارن جي چرپر سان هلن ٿا - سندن اهو تحرڪ جيڪو شعر کان ناچ تائين پکڙيل آهي؛ اهو ناچ هڪ اهڙي عام چرپر ٿو پيدا ڪري جيڪا اٽل آهي." (2)

سنڌ ۾ لوڪ ناچ ۽ لوڪ گيت جي دؤر کان پوءِ ٻان ۽ پٺ بہ شعر ڳائيندا وتندا هئا. ان کان پوءِ ٽڙ جا بيت، وايون، ڪافيون ۽ سماع جون

ساڳين ماترائن تي ٻڌل يا ساڳئي بحر وزن ۾ لکيل ٻن ڌار ڌار شاعرن جا شعر ڳارائي سگهجن ٿا. جن مان هڪ جا ٻول سٺا ۽ ٻئي جا ٻول ڪچا ڦڪا هجن. جي ڳويو قابل آهي تہ هو سٺا توڙي خراب ٻول ساڳيءَ قابليت سان ڳائي ويندو. ان ۾ ڪمال ڳائڻ جي فن جو ٿيو، نہ شاعر جو.

جي شعر جو "ڳائي سگهجڻ" يا "ڳائڻ لائق هجڻ" ئي مقصد هجي تہ پوءِ اڪيچار فلمي گانا جيڪي ٻار ٻار جي وات تي آهن اهي شاعريءَ جا بهترين مرقعا چئبا. پر ايئن نہ آهي. شاعريءَ جو اصل فن آهي ئي ٻولن ۾، انهن جي لفظن جي جڙت ۾، انهن جي لفظن جي ٻيهڪ ۾، انهن جي اچارن جي لاهہ چاڙهہ ۾ ۽ انهن جي آوازن جي زيرو بم ۾؛ اهي سڀ ڳالهيون گڏجي شاعريءَ جي موسيقي ٿيون پيدا ڪن.

شاعريءَ ۾ جيڪو موسيقيءَ جو عنصر آهي اهو ڳائڻ جي مدد کان سواءِ ئي ظاهر ٿيو پوي، يعني ان شعر کي سر ۾ ڳائڻ کان سواءِ ئي، رڳو وڏي آواز سان پڙهڻ سان مڌرتا ۽ ترنم جو احساس ٿئي ٿو. اهڙا شعر ئي آهن، جن ۾ شاعريءَ جي موسيقي موجود آهي.

پروفيسر آئزڪ لکي ٿو تہ؛ "شعر ان لاءِ آهي تہ اهو ڏاڍيان پڙهجي، رڳو ان ئي طريقي سان شعر جي ردم (موسيقي - لئہ) جو احساس ٿيندو. شاعريءَ جو فن پڙهڻ سان واسطو رکي ٿو، نہ رڳو لکڻ سان." (5)

ان باري ۾ ريني ۽ آسٽن لکن ٿا تہ، "شعر جي اڀياس ڪرڻ وقت اسان کي ٻہ اصول ڌيان ۾ رکڻ گهرجن، جن تي عام طرح ڌيان نہ ڏنو ويندو آهي. اسان کي پهرين پهرين آواز جي عمل ۽ ان جي سٽاءَ ۾ فرق محسوس ڪرڻ گهرجي. (6)

ازرا پائونڊ شاعريءَ جا جيڪي قسم بيان ڪيا آهن، انهن ۾ هڪ قسم (Maloepia) بيان ڪندي چوي ٿو تہ، "اهو شعر جو اهڙو قسم آهي، جيڪو حساس ڪنن واري ماڻهوءَ آڏو پڙهجي، ۽ هو ان شعر جي ٻولي نہ ڄاڻندو هجي، تڏهن بہ ان جي موسيقيت کي محسوس ڪري سگهي. هن جي خيال ۾ اهڙي قسم جو شعر ڪنهن معجزي کان سواءِ ترجمو ڪرڻ ناممڪن آهي. ڪا هڪ اڌ سٽ ترجمو ٿي وڃي تہ واهہ نہ تہ بس." (7)

شاهہ لطيف جي دؤر ۾ سنڌي شاعري لوڪ گيتن، گنان، ڳاهہ جي بيتن

Gul Hayat Institute

ديڳين دوڳ ڪڙهن، جت ڪڙين ڪڙڪو نہ لهي،
اتي طبيبن، چاڪ چڪندا ڇڏيا.

(ڪلياڻ، ۲ - ۲)

مٿي مثال طور ڏنل بيتن ڪي ڏاڍيان پڙهڻ سان موسيقيءَ جو احساس پيدا ٿو ٿئي. هاڻي اچو تہ جاچ ڪريون تہ انهن بيتن يا اهڙي قسم جي ٻين بيتن ۾ اهو موسيقيءَ جو عنصر ڪيئن ٿو پيدا ٿئي، ۽ ڏسون تہ شاهہ لطيف هڪ اعليٰ درجي جي فنڪار جي حيثيت ۾ پنهنجي ٻوليءَ، ان جي مزاج توڙي ان جي اچارن جي لاهہ چاڙهہ ڪي سمجهي انهن جي ترتيب ۽ جڙاوت سان ڪهڙو نہ جادوءَ جو اثر پيدا ڪيو آهي.

لفظ ڪيئن ڪم اچن، ڪهڙو لفظ ڪٿي رکجي جو اچارڻ سان پيو وڻي، ۽ معنيٰ بہ سهڻيءَ ريت ظاهر ٿئي، اهوئي فن آهي. ٽي. ايس. ايليٽ لکي ٿو تہ، "بچڙا لفظ اهي آهن جيڪي جنهن جاءِ تي آندا ويا هجن، تہ اتي ٻين آندل لفظن سان ٺهڪي نہ سگهن." هو چوي ٿو تہ، "مان ان ڳالهہ تي اعتبار ئي نہ ڪندس تہ ڪوبہ لفظ جيڪو پنهنجي ٻوليءَ ۾ چڱيءَ طرح جاءِ وٺي ويو آهي اهو ڪو سهڻو يا بچڙو ٿي سگهي ٿو." اڳتي هلي لکي ٿو تہ، "لفظ جي موسيقي اها شيءِ آهي جيڪا (لفظن جي) ميلاپ ۾ پنهنجو پاڻ ظاهر ٿيو پوي. اها موسيقي ان لفظ ڪان اڳ آندل لفظ ۽ لفظ ڪان پوءِ ايندڙ لفظ جي ميلاپ سان نڪري ٿي." (9)

اچو تہ ايليٽ جي هن لفظن جي روشنيءَ ۾ شاهہ جا مٿي ڏنل بيت پڙهون؛

آما ليما قل قاروها ڳاڳا راڳا جتي،

مٿين سٽ ۾ آما ۽ ليما ۽ قاروها، ڳاڳا ۽ راڳا هڪ ٻئي جي پرسان نہ رکجن تہ جيڪر موسيقيءَ جو اهو جادو ختم ٿي وڃي. جيڪو هن سٽ ڪي ڪمال جي سٽ بڻائي بيٺو آهي.

ٻئي بيت جي سٽ پڙهو؛

آکون ڏاکون سرڪند شاخون جت چوٽا چندن ڪنور.

هن سٽ ۾ آکون ۽ ڏاکون هم قافيہ آهن، ۽ لفظ شاخون بہ انهن سان هم قافيہ آهي، پر وچ ۾ سرڪند جو لفظ آڻي انهن ٻنهي ڪي ڌار ڪيو ويو آهي، ڇوتہ جي يڪو آکون ڏاکون شاخون پڙهجي تہ ساڳئي قافئي جي اچارڻ

Gul Hayat Institute

ايئن نہ جو شعر هجي ڪنهن مانيٽيءَ فضا جو ۽ لفظ هجن ڪڙاڪيدار. چوتہ شعر ان کي چئجي جنهن مان موسيقي ڦاٽي نڪري. (12)

ٽي. ايس. ايليٽ لکي ٿو تہ، ”موسيقيءَ وارو شعر اهو شعر آهي، جتي آواز ۽ لفظن جي موسيقيءَ جي جڙت توڙي معنيٰ جي موسيقيءَ جي سٽاءَ هڪ ٻئي ۾ سمائجي وڃن.“ (13)

آرچيبالڊ مئڪ ليش لکي ٿو تہ، ”اهڙا لفظ بہ آهن جن جي آواز ۾ انهن جي معنيٰ سمايل آهي: لفظن جا آواز نرم مال نہ آهن جو موڙي سگهجن، چوتہ لفظن ۾ آواز ۽ معنيٰ صدين کان سمايل آهن. جن کي ڦيرائي نٿو سگهجي.“ (14)

ازرا پائونڊ لکي ٿو تہ، ”مان انتهائي موسيقيت ۾ يقين رکندو آهيان. اها آهي جذبي سان موسيقيءَ جو هوبهو هم آهنگ هجڻ.“ (15)

پائونڊ ساڳئي مضمون ۾ شعر جو هڪ قسم (Malopoea) ٿو ٻڌائي، جنهن ۾ لفظ پنهنجي رواجي معنيٰ کان سواءِ اهڙيءَ موسيقيت سان ڀريل هوندا آهن، جيڪا سندن معنيٰ ڏي اشارو ڪندي آهي. (16)

ريني ۽ آسٽن لکن ٿا تہ، ”بيو عام خيال آهي تہ آواز کي معنيٰ کان بلڪل ڌار ڪري پوءِ ان جو مطالعو ڪجي. اهو غلط آهي.“ هو اڳتي لکن ٿا تہ:

”آواز کي بذات خود ڪوبہ سهڻو اثر نہ آهي. معنيٰ کان سواءِ ڪنهن بہ موسيقيءَ واري شعر جو تصور نٿو ڪري سگهجي. هر ٻوليءَ جي آواز جي خاڪن جو اثر پنهنجو آهي ۽ هر ٻوليءَ جي اچارن کي پنهنجي سٽاءَ آهي؛ جن ۾ حروفِ صحيح ۽ حروفِ علت جي هڪ ٻئي جي آڏو اچڻ، يا هڪ ٻئي سان لاڳاپي جي ڪري هڪ صوتي اثر پيدا ٿا ڪن. جيڪو معنيٰ کان ڌار نٿو ڪري سگهجي.“ (17)

سنڌيءَ ۾ بہ ڪيترائي اهڙا لفظ آهن، جن جي آواز ۾ انهن جي معنيٰ سمايل آهي. انهن جي اچار مان انهن جي مطلب ڏي ڌيان ٿو ڇڪجي. سر سهڻيءَ مان هيءُ بيت پڙهو:

دهشت دم درياهہ ۾، جت ڪڙڪا ڪن ڪرين،
ٻيحل ٻاندي ٻار ۾، جت لهريون لوڏا ڏين،
سناور ساميا ات، سيٽايا نہ سندين،
جت ويرون واٽ نہ ڏين، ات ساهڙ سير لنگهائين.
(سهڻي: ٢ - ٥)

Gul Hayat Institute

# شاهہ لطيف جي عڪسي شاعري

سڀني لطيف فنن جو پاڻ ۾ لاڳاپو آهي، ڇوته سڀئي لطيف فن انسان جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ڪن ٿا. مصوري انسان جي اکين جي جنت آهي تہ موسيقيءَ جا سر انسان جي ڪنن لاءِ بهشت آهن. شاعري، مصوري، موسيقي توڙي نرتيہ ڪلا، سڀني ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان انسان جي جذبن جي ترجماني ٿئي ٿي. سُر بہ غمگين ۽ سَرَها ٿيندا آهن، تہ مصوريءَ جي رنگن مان پڻ غم ۽ خوشيءَ جا تاثر پيدا ڪري سگهجن ٿا. شاعريءَ ۾ لفظ، رنگن توڙي سرن جو ڪم ڏين ٿا ۽ انهن جي ذريعي ڏک، خوشي، ڪاوڙ، توڙي ٻين جذبن جو اظهار ڪيو وڃي ٿو. مصوري رنگن سان ٿيندي آهي، پر شاعريءَ ۾ مصوري لفظن جي ذريعي سان ڪئي ويندي آهي.

انسان کي ٻاهرينءَ ڪائنات جي ڄاڻ حواسن مان پوي ٿي. حواس ئي آهن جن ذريعي من جو رابطو ٻاهرينءَ دنيا سان آهي. ڪائنات جي رنگن، شين جي شڪل صورت، انهن جو هڪ ٻئي کان مفاصلو ۽ انهن جي چرپر اکين ذريعي معلوم ٿئي ٿي. نڪ ذريعي خوشبو يا بدبو جو احساس ٿئي ٿو تہ ڪَلَ، سخت نرم، ٿڌي ڪوسي، کهري لسي هجڻ جي خبر ڏئي ٿي. ڪَنَ آواز کي جهٽين ٿا تہ زبان شين جي مٺي يا ڪوڙي هجڻ جي خبر ٿي ڏئي. اهڙيءَ ريت اسان کي ٻاهرينءَ دنيا جي جيڪا بہ خبرچار آهي، سا انهن ئي حواسن جو گڏيل تاثر آهي، جيڪي هو اسان جي من کي ٿا ڏين. گلاب جو ڳاڙهو رنگ، ان جي خوشبو، ان جي لسي ۽ نرم هجڻ جو احساس ۽ ان جو ذائقو، ان کان وڌيڪ اسان ان گل جي باري ۾ ڄاڻي نہ ٿا سگهون.

عڪس ان حاصل ڪيل معلومات کي وري ڄاڳائڻ يا پيدا ڪرڻ جو

نالو آهي. هون۽ تہ ڪي ٿي واقعا ۽ نظارا اسان جي لاشعور ۾ موجود آهن، پر انهن کي ٻيهر ياد ڏيارڻ يا ٻيهر پيدا ڪرڻ جو نالو "عڪسي شاعري" آهي.

جيئن مٿي ڇاڻايو ويو آهي تہ اسان جو هر حواس ڪنهن شيء جي مختلف خاصيت کي ڌار ڌار ٿو محسوس ڪري، ان ڪري اسان جي لاء ان شيء جو وجود مڙني حواسن جي گڏيل معلومات آهي. جي شاعريء ۾ ڪنهن بہ شيء جي عڪس پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي تہ اها انهن مان ڪنهن بہ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ، يا مڙني حواسن جي ڏنل معلومات کي وري تصوراتي وجود ۾ آڻڻ جي ڪوشش ٿيندي. ڪنهن اکين ڏٺي نظاري يا واقعي جو ذڪر ڪبو، يا ڪنن سان ٻڌل ڪنهن آواز جو تاثر پيدا ڪبو، يا ڪنهن شيء جي ذائقي جو احساس ڏياربو يا تہ ان جي کهراڻ، لساڻ، گرم يا ٿڌي هجڻ، نرم يا سخت هجڻ، يا ڪنهن چيز جي سرهاڻ يا بدبو جو ذڪر هوندو. 'ويليڪ' ۽ 'وارن' لکيو آهي تہ، "عڪسيت جو موضوع، نفسيات توڙي ادبي اڀياس – ٻنهي سان واسطو رکي ٿو. نفسيات ۾ عڪس جي معنيٰ آهي، گذريل احساسن ۽ محسوسات کي ورِي پيدا ڪرڻ. هرويرو رڳو نظر جي احساس کي نہ، عڪسيت رڳو نظر سان واسطو نہ ٿي رکي، نفسيات جي ماهرن ۽ فيلسوفن ان کي گهڻن ٿي درجن ۾ ورهايو آهي. رڳو ذائقي جا ۽ سنگهڻ جا عڪس ناهن، پر ٿڌي گرم ۽ دٻاء جي حِسن جا عڪس پڻ آهن. ساڪت عڪس ۽ چرندڙ عڪسن ۾ بہ اهم تفاوت آهي." (1)

آء. اي رچرڊس لکيو آهي تہ، "هر ممڪن حواس لاء سندس مطابق هڪ عڪس آهي." (2)

سنڊرس لکي ٿو تہ، "شاعر پنجن حواسن کي ڪاميابيء سان ڇوري، اهڙي معنيٰ ٿو پيدا ڪري، جيڪا انهن مان محسوس ڪري سگهجي ٿي. ان کان پوء هو ڇهون حواس ڪتب ٿو آڻي، جيڪو آهي نون خيالن کي جذب ڪري ترتيب ۾ آڻڻ. نتيجي طور پڙهندڙ نہ رڳو شعر جو تاثر ٿو وٺي، پر پنهنجي حواسن کان باخبر ٿي، شاعر سان گڏوگڏ شاعراڻي سمجهہ ۾ ماڻي ٿو." (3)

مٿين حوالن موجب، شاعريء ۾ عڪس پيدا ڪرڻ جا مختلف طريقا ٿي

Gul Hayat Institute

لکي ٿو ته، "شاعرن، نقادن جي ڳولڻ ۽ سمجھڻ کان اڳي ئي عڪسن جي اهميت کي ڄاڻڻ ۽ انهن کي سڃاڻڻ شروع ڪيو." (6)

عڪس شاعريءَ ۾ ٻهراڻين ئي موجود هئا. نقاد انهن جي باري ۾ خبردار گهڻو پوءِ ٿيا. گهڻو پوءِ انهن جي باري ۾ لکڻ شروع ڪيائون. آمريڪا جو جديد شاعر ۽ نقاد آرچيبالڊ مئڪ ليش عڪس جي اهميت کي سمجھائڻ لاءِ قديم ۽ ڪلاسيڪي چيني شاعريءَ مان مثال ڏئي ٿو. (7)

اڃا ٿورا سال ٿيا آهن جو مغرب جي شاعرن ۽ نقادن جپاني ڪلاسيڪي شاعريءَ جي صنف "هائيڪو" ۾ عڪسن جي اهميت ڳولهي لڌي آهي.

مغرب ۾ عڪسي شاعريءَ جي باقاعدي تحريڪ هلي. ان تحريڪ طرفان هڪ رسالو Imagist به شايع ٿيو. ان تحريڪ جو مهندار ازرا پائونڊ هو ۽ هلڊا ڊولٽل، رچرڊ آرلنگٽن، ايف. ايس. فلنٽ ۽ ٻيا ان سان شامل هئا. هن لکيو ته، "عڪس پيش ڪرڻ جو مقصد اهو نه آهي ته ڪو اسان چترڪار آهيون. اسان کي ان ڳالهہ ۾ يقين آهي ته شاعريءَ کي شين جا پورا ۽ Exact عڪس ڏيڻ گهرجن ۽ اڻ چٽين عام ڳالهين سان واسطو رکڻ نه کپي." هن لکيو ته "عڪسي شاعري رڳو تصويرون پيش ڪرڻ نه آهي، پر انهن تصويرن کي پيش ڪرڻ جو خاص طريقو آهي." (8)

سنڌي، اردو توڙي فارسي شاعريءَ متعلق تنقيدي ادب ۾ محاڪات جو ذڪر آهي. ان جو پڻ عڪس سان واسطو آهي، پر عڪس جي اپياس جو اهو طريقو محدود آهي، جو اهو فقط قدرتي نظارن جي بيان سان واسطو ٿو رکي.

شاهہ لطيف جي شاعريءَ تي بحث ڪندي مرحوم غلام محمد شاهوانيءَ، ارسطو جي حوالي سان محاڪات جو ذڪر ڪيو آهي ۽ مثال پڻ ڏنا اٿائين. (9)

پروفيسر ڪلياڻ آڏوانيءَ پڻ "لفظن ۾ تصوير" جي باري ۾ لکيو آهي. (10)

هن وقت تائين شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي عڪس جي باري ۾ تمام ٿورو لکيو ويو آهي.

هڪ عظيم شاعر ۽ فنڪار ڪائنات کي عام ماڻهوءَ کان ٻيءَ طرح ٿو محسوس ڪري. هو ڪائنات جي ڳوڙهي مشاهدي مان پنهنجي تيز حس سان اهڙا ته تجربا ٿو حاصل ڪري جو انهن کي عام ماڻهو هوندئن ته پهچي نه

Gul Hayat Institute

جنهن ۾ منظر ۽ پس منظر ٻئي چٽا ۽ صاف بيٺا هوندا آهن.

رات سهائي ڀون سنئين، پٽن وڏو پنڌ،
هلندي حبيبن ڏي، ڪرها موڙ نہ ڪنڌ.

(ڪنيات، ١ - ٥)

آسمان تي چوڏهينءَ جو چمڪندڙ چنڊ، هيٺ سڌو سنئون پٽ، جيڪو نظر جي حد تائين پکڙيل آهي، ان سان گڏ اٺ، تيئي شيون اهڙو منظر ٽيون پيش ڪن جنهن جو ڪئنواس وسيع آهي، کليل آهي. انِ ۾ اٺ ۽ سندس سوار جو منظر بہ ايڏو چٽو آهي، جيڏو چنڊ ۽ سنئين پٽ جو پس منظر.

تارن ڀري آڪاس هيٺان گڏ تي ويهي ڪا وڃڙيل پنهنجي محبوب جي باري ۾ ڪيئن ٿي سوچي:

هن تاري هن هيٺ، هت مهجا سپرين،
سڄڻ ماڪيءَ ميٺ، ڳڙائي ڪان لهان.

(ڪنيات، ١ - ٢٣)

هن تاري هن هنڌ، هت مهجا سپرين،
سڄڻ ماڪيءَ منڌ، ڳڙائي ڪان لهان.

(ڪنيات، ١ - ٢٢)

آسمان جو ڪو تارو تہ سپرينءَ جي اڳڻ مٿان هوندو. ان تاري ڏي اشارو ڪندي چوي ٿو تہ او هن تاري جي هيٺان منهنجو محبوب ٿو وسي.

هڪ ٻيو عڪس ڏسو:

ڪنڌيءَ جهليو ڪانهن، عاشق اُبو آهون ڪري،
تو ڪيئن ٻوڙي سوهڻي، ٻيلي منهنجي ٻانهن،
درياهہ توتي دانهن، ڏيندس ڏينهن قيام جي.

(سهڻي، ٧ - ٧)

ضروري ناهي تہ سڀ عڪس رومانوي هجن يا سونهن سوڀيا جو احساس ڏيارين. شاعر جو ڪم آهي حقيقت نگاري. هن ڪائنات ۾ جيڪو ڪجهہ هن جي دل ۾ جذبي کي جاڳائي، ان کي شعر ۾ چٽي، پوءِ اهو خوبصورت هجي يا سادو سودو. ڪمال رڳو سهڻي تصوير چٽڻ ۾ ناهي، پر رڳو "تصوير چٽڻ" ۾ ڪمال آهي. اهڙي تصوير جيڪا پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جي

Gul Hayat Institute

هو اڳتي لکي ٿو تہ، "عڪس کي تصوير وانگر ڪٿڻ ہي معنيٰ آهي، اها غلطي آهي." (14)

آرچيبالڊ مئڪليش لکي ٿو تہ، "شعر ۾ ڪتب آندل عڪس جو شعر ۾ بيان ڪيل جذبي سان لاڳاپو ضروري آهي." (15)

شاعر جو پنهنجو جذبو ئي شاعريءَ ۾ اهم شيءِ آهي، ڇوتہ ڪائنات جو مشاهدو تہ هرڪو ڪري ٿو، پر شاعر ان مان مخصوص قسم جا جذبا ۽ خيال تو حاصل ڪري ۽ پوءِ انهن کي پنهنجي شعر ۾ تو بيان ڪري. جيئن گل ۽ پوپٽ ڪيترن ماڻهن جي نظرن مان گذريا هوندا، پر انهن جي باري ۾ شاعرائو ۽ رومانوي تصور اسان کي شاعرن ئي ڏنو آهي. جذبي يا فڪر کان سواءِ عڪس هڪ خالي ڪوڪو آهي.

جاپاني هائيڪو شاعريءَ جي باري ۾ لکندي وليم ڪوهين بہ "پريل عڪس" (Charged Image) کي شديد جذباتي ڪيفيت جو، هڪ سادي ۽ خارجي عڪس ۾ اظهار سڏيو آهي. (16)

پيٽر جونس عڪسي شاعريءَ جي تعارف ۾ لکي ٿو تہ، "عڪس ٻن قسمن جو ٿي سگهي ٿو. هڪ داخلي ۽ ٻيو خارجي. داخليءَ ۾ ٻاهرين ڪائنات من ۾ سمائجي ۽ گڏجي مسجي ٿي وڃي ۽ پوءِ اهڙي عڪس ۾ ٿي ظاهر ٿئي، جيڪو ان کان (اصل خارجي حقيقتن کان) مختلف آهي.

خارجي عڪس ۾ من ڪنهن ٻاهرئين نظاري کي جذبن ذريعي جهٽيو وٺي. ٻنهي حالتن ۾ عڪس ڪنهن آئيڊيا کان بہ وڌيڪ آهي، ڇوتہ اهو رليل مليل فڪرن جو نتيجو آهي. جيڪڏهن ان ۾ اهي سڀ خاصيتون ناهن تہ اهو عڪس نہ آهي." (17)

شاعرائو عڪس نہ فقط جذبو، فڪر يا احساس آهي، پر پيٽر جونس جي خيال ۾ ان کان وڌيڪ؛ رليل مليل فڪرن جو نتيجو آهي.

شاهہ لطيف جا عڪس ڪنهن نہ ڪنهن خيال، جذبي ۽ ڪنهن نہ ڪنهن احساس سان پريل آهن. هر عڪس وليم ڪوهين جي معيار موجب نہ فقط پريل عڪس آهي، پر جذبي، فڪر يا احساس سان تمتار پڻ. ڪهڙيون ڪهڙيون نہ عجيب گوناگون ڪيفيتون آهن. خارجي حقيقتن کي شاهہ لطيف جي من جهٽي، پنهنجي اندر ۾ رلمل ڪري؛ پوءِ لفظن ۾ چٽيو آهي.

Gul Hayat Institute

هن بيت ۾ امام حسين (رضہ) جي زخمي حالت ۾ هجڻ جو عڪس آهي. هن بيت ۾ رنگن جي استعمال جيڪو دردناڪ نقشو ڪڍيو آهي، اهو ڪيڏو نہ اثرائتو آهي. سونهاري رت ۾ رڱيل آهي، وات جي زخمن مان رت وهي ڏندن کي ڳاڙهونءَ جي گل جان ڳاڙهو ڪري ڇڏيو آهي. سندس اڇي اڇي پڳ جنگ جي ميدان ۾ چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر پئي چمڪي. اڇو رنگ ۽ ڳاڙهو رنگ، امن ۽ جنگ - چنڊ ۽ رات.

سُر سارنگ ۾ رنگن جو ڪمال ڏسو:

سارنگ سائي سٽ، جهڙي لالي لاک جي،
ايئن سي اُڀن انگيا، جيئن سي چِنيءَ چِٽ،
برسيو پاسي پٽ، پرياڻين کن ڪراڙ جا.

(سارنگ، ٢ - ١)

لاک جي لالاڻ جهڙي سارنگ جي سٽاءَ، ڪڪرن ۾ سج جي روشنيءَ جي ڪري ننڍڙا ننڍڙا ڳاڙها ڳاڙها چنيءَ جي چِٽن جهڙا ٽبڪا.

هيءَ هتا نظر جا رنگين عڪس ۽ انهن جا ڪجهہ مثال، پر جيئن مٿي ٻڌايو ويو آهي تہ نظر رڳو شين جي رنگ کي نہ ٿي ڏسي، پر انهن جي چرپر کي پڻ قابوءَ ۾ آڻي ٿي. هيءَ ڪائنات هڪ هنڌ بيٺل، ساڪت يا جامد ۽ چميل ناهي، پر هيءَ ڪائنات سدا بدلجندڙ اٿلندڙ پٿلندڙ ۽ چرندڙ ڪائنات آهي. شاعر جي حساس نظر نہ رڳو روپ ۽ رنگ کي ٿي جهٽي، پر ان جي چرپر (تحرڪ) کي پڻ قابو ٿي ڪري. نظارا فوٽو گراف وانگر بہ ٿيندا آهن، جيڪي چميل ۽ بيٺل (جامد ۽ ساڪت) ٿيندا آهن، تہ فلم وانگر چرندڙ پرندڙ نظارا بہ ٿيندا آهن. شاهہ لطيف جي حساس نظر نہ رڳو نظارن جو روپ ۽ رنگ جهٽيو آهي، پر انهن جو تحرڪ پڻ.

آءِ. اي. رچرڊس بہ چرندڙ عڪسن جو ذڪر ڪيو آهي.

اچو تہ ڏسون تہ شاهہ لطيف وٽ ڪهڙا ڪهڙا چرندڙ عڪس آهن.

سر ڪاموڏ جو هيءَ بيت پڙهو:

هيٺ جر مٿي مجر، پاسي ۾ وڙاهہ،
اچي وچي ۾، تماچيءَ جي ساءَ،
لڳي اتر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي.

(ڪاموڏ، ٢ - ۴)

Gul Hayat Institute

هن ڪائنات جي مشاهدي وقت هر حس کي کليل رکيو آهي؛ ۽ ان مشاهدي جي اظهار وقت ۽ ان جي شاعراڻي بيان ڪرڻ مهل هن انهن سڀني ڪيفيتن جو اظهار ڪيو آهي، جيڪي هن کي مختلف حواسن جي ذريعي سان حاصل ٿيون آهن.

نظري عڪسن، انهن ۾ رنگن روپن ۽ انهن جي تفصيل جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي. هاڻي شاهہ لطيف جي انهن عڪسن ڏي اچون جن کي (Tactile) ڇُهَّجي ٿو ۽ جيڪي ڇهڻ جي حواس سان واسطو ٿا رکن. شاهہ لطيف جيتري ۽ باريڪيءَ سان مشاهدو ڪيو آهي، اوترو ئي ڇتائيءَ سان اظهار ڪيو اٿائين.

سر سهڻيءَ جو هيءُ بيت پڙهو:

سهہ سيارو، پاڻي پارو، ڇت جهڙ جهڪ ۽ جهول،
من اندر ميهار جا، هينئڙي اچن هول.

(سهڻي، ٢ - ١٥)

هڪ ٻيو اهڙو بيت:

سهہ سياري رات، جا گهڙي وسندي مينهن ۾.

(سهڻي، ٢ - ١٦)

هنن ٻن سٽن ۾ شاعر سياري جو ذڪر ڪهڙي نہ ڇٽي نموني ڪيو آهي. سياري جو ڪيڏو نہ ڇتو تاثر ڏنو اٿائين. جهڙي قسم جو ماحول شاعر چاهي، پڙهندڙ جي آڏو پيدا ٿو ڪري سگهي. شاعر پڙهندڙ جي آڏو سياري جي سخت سيءَ جي احساس اڀارڻ لاءِ "سهہ سيارو" ۽ "پاڻي پارو" جا لفظ ڪم ٿو آڻي. ڏڪڻيءَ جو ماحول پيدا ٿو ٿي وڃي. مينهن وسندي تہ سياري جي رات ۾ درياهہ ۾ گهڙڻ، شعر پڙهڻ يا ٻڌڻ واري جي آڏو سيءَ جو احساس اڀريو اچي.

ساڳئي سياري جي سيءَ جي باري ۾ هڪ ٻيو بيت:

ڪانڌ تنهنجي پانڌ ريءَ، سنجهي سيءَ مران،
ڪامل ڪپاهن ۾ پيئي ٿار ٿران،
تاريءَ تنهن تران، جنءَ ور وهاڻي واريو.

(سارنگ، ٢ - ١٠)

سنجهي ڪان ئي سيءَ شروع ٿي ويو. تہ سيارو آهي. پنهنجي مڙس جي

Gul Hayat Institute

هنن بيتن ۾ گلاب، مشڪ، عطر ۽ عنبير جي خوشبو آهي ته وارن جي خوشبو به آهي. ويسن ۽ وڳن جي خوشبو آهي ته گلن جي خوشبو پڻ آهي.

خوشبو جي باري ۾ مٿين بيتن کان پوءِ هي ٻه بيت ٻه خيال سان پڙهو. انهن مان پهريون بيت سُر سهڻيءَ مان آهي ۽ ٻيو بيت سُر مومل راڻي مان. سُر سهڻيءَ وارو بيت هيءُ آهي:

لهر مڙيوئي لال، وهڻ ڪتوريان وترو،
اوٻارا عنبير جا، جر مان اچن جال،
ڪنن گهڙي ڪال، سک پريان جي سوهڻي.

(سهڻي، ۵ – ۲۰)

جڏهن سهڻي درياهہ ۾ ٻڏي ٿي ۽ مڇيون ان جو ماس ٽيون ڪائين ته سندس رت جي رنگ سان لهرون لال ٿيو وڃن ۽ سهڻيءَ جي جسم جي خوشبو درياهہ جي پاڻيءَ ۾ رلمل ٿيو وڃي. وهڪري مان ڪتوريءَ ڪان به وڌيڪ وٽندڙ، سهڻيءَ جي جسم جي خوشبو ٿي نڪري. نه رڳو ايترو پر ان عنبير جي خوشبو جا اوٻارا ٿا اچن. سڄو ماحول سهڻيءَ جي جسم جي خوشبو سان واسجي ٿو وڃي. درياهہ جي لهَرن ۾ لالائي، وهڪري ۾ خوشبو ۽ ماحول ۾ عنبير جا اوٻارا. اهڙو چٽو بيان، اهو خوشبو جو جادو پڙهندڙ کي ويڙهي ٿو وڃي.

سُر مومل راڻي وارو بيت هينئن آهي:

جنهن تڙ ڌوڙيون ڌون، چوٽا چندن چڪ ڪيو،
اچن ٻنٿور ٻنيوليا، پاڻيءَ تنهين پون،
راڻول رتو رون، ڪو وهہ لڳو واسين.

(مومل راڻو، ۲ – ۵)

هيءُ بيت مٿي ڏنل سُر سهڻيءَ واري بيت کان به اڳرو آهي. مٿين بيت ۾ ماحول تي خوشبو جو جادو ڇانئجي ٿو وڃي ۽ اهو پڙهندڙ تي اثر ٿو ڪري. پڙهندڙ کي عميق مان عنبير جي اوٻارن جو احساس ٿو ٿئي. پر هن بيت ۾ پڙهندڙ نه فقط خوشبو جو احساس ٿو وٺي، پر ان جو اثر اکئين پڻ ڏسي ٿو.

مومل، سندس ڀينر ۽ ساهيڙيون تڙ تي چندن لڳل خوشبودار وار ڌوئن ٿيون ۽ پاڻيءَ ۾ سندن وارن جي خوشبو سمائجيو وڃي. ان جو واس ايڏو ته ٿئي ٿو جو ٻونٿر به ٻلجي ٿا پون ۽ گلن جي خوشبو جي ڌوڪي ۾ اچي ان

سر ڏهر ۾ ڪونجن جي باري ۾ هيءُ بيت پڙهو:

روهہ راماڻا ڪن، اڄ پڻ هلڻ هاريون،
ڪرڪل ڪونجڙين، رائي ۾ رات ڪيو.

(ڏهر: ۴ ـ ۱)

هن بيت جي پهرين سٽ مڪمل آوازي عڪس آهي. جبل ۾ ڪونجون راڙو لڳائي ٿيون اچن، ڇوتہ هنن کي ويڇو آهي. پنهنجو ماڳ ڇڏڻ واريون آهن.

ڪونجون ٿيون ڪٽڪن، جيڪس هلڻ هاريون،
ٻچا پوءِ اٿن، وڃن وانڍا ڪنديون.

(ڏهر: ۴ ـ ۱۲)

ڪٽڪنديون ڪونجون، هلڻ واريون رڙنديون ٿيون وڃن، اڳيان پاڻ آهن تہ ٻچا پويان اٿن. هن ٻنهي بيتن ۾ ڪونجن جي آواز جي يادگيري ٿي تازي ٿئي. ٻئي بيت ڪونجن جي ڪٽڪڻ جا آوازي عڪس آهن.

سر ڏهر جو هڪ ٻيو بيت پڙهو:

منڊيءُ مٽ ڳڙن، جهوڪ ۾ سونهن ڀيڙا،
سندي سنگهارن، جوءِ جياري جڏڙي.

(ڏهر ۴ ـ ۳۱)

هن بيت ۾ ڏڌ ولوڙڻ مهل مانڌاڻين جي ڳڙڻ جو آواز سمايل آهي. مانڌاڻيءَ جي ڦرڻ سان جيڪو آواز مٽ ۾ پيدا ٿيندو آهي، هيءُ بيت ان آواز جو عڪس ٿو پيش ڪري. اهو آواز پهرين سٽ " منڊي مٽ ڳڙن" پڙهڻ سان پيدا ٿو ٿئي.

مٿي ڏنل مثالن ۾ ڌار ڌار حواسن جي باري ۾ عڪس آهن. ڪنهن جو نظر سان واسطو آهي تہ ڪنهن جو ڇهڻ سان، ڪنهن جو ٻڌڻ، ڪن تي تہ پوي تہ ڪو سنگهڻ جي حس کي ٿو جاڳائي. مطلب تہ هڪ عڪس رڳو هڪ ئي حواس کي ٿو جاڳائي، ۽ ان جي ڪيفيت ٿو بيان ڪري. اهو رڳو نظري، آوازي يا ڇهڻ جو، يا ٻيو ڪو آهي.

شاه لطيف جا ڪي اهڙا بہ عڪس آهن جيڪي هڪ کان وڌيڪ حواسن کي ڇهي، پاهرين ڪائنات جو جامع عڪس ٿا پيش ڪن.

جيڪڏهن چوڏهينءَ جي چنڊ جو بيان ڪبو تہ اهو رڳو نظري عڪس

Gul Hayat Institute

ڪنن سان مانڌائين جي گڙڻ جو آواز پيو ٻڌجي، اکين سان پرينءَ جو پيهي (قاصد) جهوڪ ۾ پيو ڏسجي. هي بيت بہ مرڪب عڪس آهي.

هيءَ مرڪب عڪس مختلف حواسن سان واسطو تا رکن، پر تڏهن بہ انهن جو ماحول هڪ آهي. هڪ ئي ماڳ تان حاصل ڪيل ڌار ڌار حِسن جي باري ۾ آهن ۽ پوءِ مختلف حِسن جي مليل جليل معلومات ڪي گڏي ان ماڳ جو چٽو ۽ گهڻ پاسو نقشو تا پيش ڪن.

## ٻٽا عڪس

جيئن مٿي لکيو ويو آهي تہ عڪس شاعريءَ لاءِ وسيلو آهي، اهو شاعريءَ جو ماڳ يا مقصد ڪونہ آهي. عڪس وسيلي شاعر پنهنجي حاصل ڪيل مشاهدي کي ماڻهن ڏي منتقل ٿو ڪري. شاعر هر مشاهدي مان ڪونہ ڪو خيال، فڪر يا عرفان ٿو حاصل ڪري، جيڪو نري حظ کان مٿاهون آهي. رڳو حواسن کي ڪليل رکڻ سان ڪجهہ نہ ٿو ٿئي، پر ان سان گڏ حواسن جي ذريعي حاصل ڪيل معلومات کي پنهنجي من (Mind) ۾ رچائي، ان مان ڪنهن مقصد ڏي اشارو ڪرڻ ئي اصل شاعري آهي. ان مقصد کي پهچڻ لاءِ جيڪي وسيلا عظيم شاعرن ڪتب آندا آهن، انهن مان ٻٽا عڪس بہ هڪ آهي.

فرانسيسي فيلسوف برگسان لکيو آهي تہ، ”گهڻا ئي مختلف عڪس، جيڪي ڌار ڌار جاين اتان کنيا ويا هجن، اهي شعور کي هڪ اهڙي نڪتي تي مرڪوز تا ڪن، جنهن مان هڪ قسم جو عرفان ٿو حاصل ٿئي.“ (18)

اهو عرفان ئي شاعريءَ جو ماڳ مقصد آهي. اهو عرفان ڪنهن واقعي يا مشاهدي جي باري ۾ هجي يا سموريءَ ڪائنات جي باري ۾ هجي. انهيءَ عرفان تائين جي شاعريءَ جي پهچ نہ ٿي ٿئي تہ اها شاعري عظيم شاعري نٿي ٿي سگهي.

Gul Hayat Institute

شاعر انهيءَ عرفان تائين پهچڻ لاءِ عڪسن جو سهارو ٿو ڪتب آڻي. عڪس جيڪي ظاهري طور هڪ ٻئي کان مختلف آهن، هڪ ٻئي سان واسطو نہ تا رکن، پر تڏهن بہ اهي من کي هڪ وحدت تي مرڪوز ڪن تا.

”هڪ عڪس لفظن سان چٽيو وڃي ٿو، جيڪو ان (عڪس) کي اکين، ڪنن يا ڇهڻ جي حواس جو حس ڏئي ٿو ۽ پيو عڪس ان جي پر ۾ رکيو

بدحاليءَ، بيوسيءَ، بدبوءِ يا درد جو هجي، هن کي هر قسم جي تاثر پيدا ڪرڻ جو فن آهي. هن جو فن ان ڪري عظيم آهي جو هو ڪائنات جو نہ فقط ڳوڙهو اڀياس ٿو ڪري، پر ان جو چٽائيءَ سان بيان پڻ ڪري ٿو.

ازرا پائونڊ لکيو آهي تہ، "وڏن وڏن ڪتابن لکڻ کان بهتر آهي تہ سڄيءَ عمر ۾ رڳو هڪڙو عڪس تخليق ڪجي." (23)

شاهہ لطيف تہ اڪيچار عڪس تخليق ڪيا آهن.

## حوالا


(1) ٿيٽري آف لٽريچر ويلڪ ۽ وارن، لنڊن، 1948ع، صفحو 19.

(2) آءِ. اي. رچرڊس، پرنسيپلز آف لٽرري ڪرٽسزم، لنڊن، 1961ع، صفحو 122.

(3) سٽنڊرس، ڊسڪوري آف پوئٽري، الينائس، 1967ع، صفحو 138.

(4) جي. آئزڪ، بئڪ گرائونڊ آف ماڊرن پوئٽري، لنڊن، 1951ع، صفحو 25-26.

(5) مڊ سينجري فرينچ پوئٽس، نيويارڪ، 1955ع صفحو 71.

(6) جي. آئزڪ، بئڪ گرائونڊ آف ماڊرن پوئٽري، لنڊن، 1951ع، صفحو 38.

(7) آرچيبالڊ مئڪليش، پوئٽري اينڊ ايڪسپيرئنس، مڊل سيڪس 1960ع، صفحو 55.

(8) ڪن عڪسي شاعرن تي مهاڳ، اميجسٽ پوئٽري، مڊل سيڪس 1972ع، صفحو 135-136.

(9) غلام محمد شاهواڻي، شاهہ جو رسالو، حيدرآباد، صفحو 33.

(10) ڪلياڻ آڏواڻي، "شاهہ". بمبئي، 1951ع، صفحو 63.

(11) ازرا پائونڊ، اميجسٽ پوئٽري، مڊل سيڪس، 1972ع، صفحو 21.

(12) آرچيبالڊ، مئڪ ليش، پوئٽري اينڊ ايڪسپيرئنس، مڊل سيڪس 1965ع، صفحو 58.

(13) آءِ. اي. رچرڊس، پرنسيپلز آف لٽري ڪرٽسزم، لنڊن 1961ع، صفحو 119.

(14) آءِ. اي. رچرڊس، پرنسيپلز آف لٽري ڪرٽسزم، لنڊن 1961ع، صفحو 123.

(15) آرچيبالڊ، مئڪ ليش، پوئٽري اينڊ ايڪسپيرئنس مڊل سيڪس 1965ع، صفحو 52.

(16) وليم ڪوهين، واڪا ان، سيزنس، ٽوڪيو، 1973ع، صفحو 24.

(17) پيٽر جونس، تعارف، اميجسٽ پوئٽري، 1972ع، صفحو 39.

(18) اميجسٽ پوئٽري، مڊل سيڪس، 1972ع، صفحو 21.

(19) آرچيبالڊ، مئڪليش، پوئٽري اينڊ ايڪسپيرئنس، مڊل سيڪس، 1965ع، صفحو 66.

(20) آرچيبالڊ، مئڪليش، پوئٽري اينڊ ايڪسپيرئنس، مڊل سيڪس، 1965ع، صفحو، 70.

(21) آرچيبالڊ، مئڪليش، پوئٽري اينڊ ايڪسپيرئنس، مڊل سيڪس، 1965ع، صفحو 60.

(22) آرچيبالڊ، مئڪليش، پوئٽري اينڊ ايڪسپيرئنس، مڊل سيڪس، 1965ع، صفحو 64.

(23) ازرا پائونڊ، لٽرري ايسز، مڊل سيڪس، صفحو 4.


Gul Hayat Institute

جي. اي. سرلاٽ، رنگن کي ٻن گروهن ۾ ورهايو آهي. هڪڙا وڌندڙ يا Advancing رنگ، جن جو مقصد تحرڪ، حاصل ڪرڻ، يا شدت آهي. اهي آهن: ڳاڙهو، پيلو ۽ اڇو. ٻئي گروهہ جا رنگ ٿڌا، موٽندڙ ۽ ڇٽندڙ آهن. انهن جو مقصد جمود ۽ ڪمزوري آهي. اهي آهن نيرو ۽ واڱڻائي. ڪارو بہ انهن ۾ شامل ٿي سگهي ٿو. سائو رنگ ٻنهي گروهن جي وچ ۾ آهي.

موسيقيءَ جا ست سُر آهن. قديم دور ۾ فقط ست گرهہ ڄاتل هئا. ساڳيءَ طرح انڊلٺ جا ست رنگ آهن.

يُنگ جي نفسياتي ڇيد موجب نيرو رنگ آسمان ۽ ڇڊي وايو منڊل جو آهي ۽ سوچ جو اهڃاڻ آهي. پيلو رنگ سج جو رنگ آهي ۽ وجدان ۽ روشنيءَ جو اهڃاڻ. ڳاڙهو، رت ۽ باهہ جو رنگ آهي ۽ چيريندڙ جذبن جو اهڃاڻ. سائو زمين ۽ ڇهڻ جهڙين، اسرندڙ شين جو رنگ آهي، ان ڪري احساسن جو رنگ آهي.

اهڃاڻي طور ڳاڙهو رنگ، رت، سورمي ۽ اوچائيءَ لاءِ ڪتب ٿو اچي. نارنگي رنگ باهہ ۽ جر جي لاءِ ۽ پيلو سج جي روشنيءَ ۽ گداز لاءِ، تہ سائو رنگ ساوڪ ۽ حياتيءَ لاءِ. هلڪو نيرو آسمان، سمنڊ ۽ ڏينهن جو اهڃاڻ آهي، گهاٽو نيرو سمنڊ، رات ۽ طوفان جو اهڃاڻ، تہ ناسي زمين جو اهڃاڻ. ڪارو رنگ اپائيندڙ زمين لاءِ ڪتب ٿو اچي تہ سونهري سج جو صوفياڻو پهلو آهي. هندستان ۾ ديوي ماتا Mother Goddess جو رنگ ڳاڙهو آهي ۽ اهو تخليق جي رنگ طور ڪتب آيو آهي. اڇو رنگ نرملتا ۽ نجپٽي جو رنگ آهي.

مهاتما ٻڌ جڏهن لاڳاپا لاٿا تہ گيڙو ويس ڍڪيائين. جيڪو ان دور ۾ موت جي سزا ٻڌايل ڏوهارين جي لباس جو رنگ هو. جڏهن هنن کي ڦاسي گهاٽ ڏي آندو ويندو هو.

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ رنگن جو اڀياس بہ ان ڪري ضروري آهي، جو ان سان هن عظيم شاعر جي ذهني رجحانن ۽ نفسياتي لاڙن جي باري ۾ ڪجهہ ڄاڻي سگهنداسين.

ڳاڙهو رنگ، شاهہ لطيف جو سڀ کان وڌيڪ مرغوب رنگ آهي. جيترن بيتن ۾ ڳاڙهي رنگ جو ذڪر آهي، اهي ٻين سيني رنگن جي بيتن جي مجموعي

Gul Hayat Institute

انداز کان وڌيڪ آهن. شاهہ لطيف ڳاڙهي رنگ کي ’لال‘، ’لالن‘، ’رت ورنو‘، ’ڪڪور‘، ’پنيو‘، ’ڳاڙهو‘، ’مجٺ‘، ’ارتو‘، ’ريٽو‘، ’رتول‘، ’ڪنهنبو‘، ’سرخو‘، ’ڪڪو‘، ’رتڙو‘ ۽ ’سرخي‘ سڏيو آهي.

شاهہ لطيف ڳاڙهي رنگ جي لاءِ سڀ کان گهڻا لفظ استعمال ڪيا آهن. مٿي ڏنل لفظ ڏيکارين ٿا تہ هڪ طرف شاهہ لطيف کي سنڌي لغت جي ڪيڏي نہ ڄاڻ هئي، تہ ٻئي طرف ڳاڙهي رنگ سان ڪيڏي نہ رغبت هيس.

شاهہ لطيف جي هن رنگ سان ايڏي تہ چاهت هئي جو هن پنهنجي لاءِ بہ فقط اهوئي رنگ پسند ڪيو آهي، ۽ پاڻ کي بہ ’لعل لطيف‘ سڏيو اٿس:

واقف نہ وڻڪار جي، باري سڄڻ بر،
لهج ’لعل‘ لطيف چئي، ڪانڌ مٺيءَ جي ڪر،
ولهي ڪري ور، مچڻ مارڳ ڇڏيين.
(سسئي آبري، ٢ - ۴)

لڙڪ ”لعل“ لطيف چئي، ور لئہ وهايان.
(سسئي آبري، ٨ - ١)

ڪيائين ”لعل“ لطيف چئي، وڏا ويس ورن،
منجهہ مرڪڻس من، سوڍي سين سڳ ٿئو.
(مومل، ٣ - ٢)

’لال‘ رنگ جو سنڌ جي ثقافت ۾ اهم حصو رهيو آهي. شاهہ لطيف کان اڳ قلندر شهباز بہ ڳاڙهو چولو پائيندو هو ۽ پاڻ کي ’لعل شهباز‘ چورائيندو هو. ان کان بہ پرتي وڃجي تہ پنجاب جو ”شاهہ حسين“ پاڻ کي ’ماڌو لال حسين‘ سڏائيندو هو.

Gul Hayat Institute

شاهہ لطيف نہ رڳو پاڻ کي ’لال لطيف‘ سڏيو آهي، پر پنهنجي محبوب لاءِ بہ اهوئي رنگ پسند ڪيو اٿس، ۽ پنهنجي محبوب کي ’لالن‘ سڏيو اٿائين. محبوب لاءِ ڳاڙهي رنگ جو فقط اهو لفظ مخصوص ڪيو اٿائين. هر هنڌ، هر سُر ۾ محبوب کي ’لالن‘ سڏيو اٿائين. سسئي هجي، مارئي هجي يا مومل، پنهنجي محبوب کي لالن ئي سڏي. ڪنيات، سريراڳ، سارنگ، رپ، بروي، توڙي پورب ۾، سندس معشوق ’لالن‘ آهي:

هينڙي سڄڻ سارئا، ڪٿي هَندم هيں،
اڄي "لالن" نہ ڏيين، متي پلنگن پيں،
تي ور وهڻ ويں، ڳجهہ ڳرهيان ڪن سين.
(ڪنيات، ٢ - ١٠)

ان ڪي "لالن" لنگهايو، سانڌارو سمونڊ جو.
(سريراڳ، ٢ - ٨)

هن بيت ۾ 'لالن' معشوق توڙي ناخدا، رهبر ۽ رهنما جي معنيٰ ۾ بہ استعمال ٿيو آهي.

ڏري ۽ ڏاري، ست سورن جي سسئي،
"لالن" جي لطيف چئي، سنهن ستي ساري،
پيائي پنهون ۽ ڏي، نرمل نهاري،
پريٿون پاري، مارڳ ۾ منڌ مئي.
(سسئي آبري، ١ - ٢)

جو تون ڏورئين ڏور، سو سدا آهي ساڻ تو،
"لالن" لئہ لطيف چئي، منجهي تي معذور،
منجها پڻ ۽ پروڙ، تو منجهہ آهس تڪيو.
(سسئي آبري، ٢ - ١٠)

موٽي مران مَ ماءُ، موٽڻ ڪان اڳي مران،
لڄي "لالن" لاءِ شال، پنديس پير تي.
(سسئي آبري، ٣ - ١٧)

توڏن تان نہ تنواريو،
منهنجو "لالن" واريو،
الله ڪارڻ ميان اونيا.
(معذوري، ٣ - وائي)

اڄي "لالن" لٽ ميان،
مئيءَ جو لوڙهہ لڪن ۾.
(معذوري، ٦ وائي)

سہ سياهي، آهي آريءَ چام ري،
ڪڏهن پَسي ڪانہ ڪا، ريءَ "لالن" لالئي.
(ديسي، ٢ - ٣)

Gul Hayat Institute

لڳڙي آهي لغار - او يار،
لنءِ لنءِ ۾ "لالن" جي.

(ديسي، ۷ - وائي)

"لالن" جي لطيف چئي سونهاري سري.
آيس تو ٻڳري، تہ سوڌا سکياڻي ٿيان.

(مومل راڻو، ۴ - ۹)

ميهي اٿي مارڱين "لالن" ساڻ لڏيندي،
مٿي ماروئڙن جي.

(مارئي، ۷ - وائي)

اڄ ٻنڻ اُتر پار ڏي، ککر کڻي چوٽي،
منداڻتي مينهن جي، کنوڻ نہ کوٽي،
آءُ "لالن" موٽي، گهوريا رسڻ ڏينهڙا.

(سارنگ، ۱ - ۹)

ٻاهر لڳهہ نہ کوءِ اندر ڄهڙ جهور وهي،
وسائيندي وڃڙي، حب جنين کي هوءِ،
"لالن" جنين لوءِ، سي اوڳائين نہ اکيون.

(رپ، ۲ - ۵)

ساڃن سياهي، آئون اوان جو آهيان،
اڃان ويل سڀ کنهين، وڃان واجهائي،
"لالن" تو لائي، کيکاريم ڪرن کي.

(بروو، ۲ - ۷)

زاغ تنهنجي ذات جو، ٿورو مٿي مون،
اڏامج عبداللطيف چئي، صبح سيٽين ڏون،
تہ "لالن" کوڏ لهون، تو جهو جهان ۾.

(پورب، ۱ - ۲۷)

قرين جو ڪانگڙو، مٿي تار تلي،
ڪٽيو ڪنياتو خبرون، کيرون ڏيو کلي،
"لالي "جنهين "لالن" سين، منهنجي بات
بلي، سو ور چشمن تي چلي، جو درباري دوس جو.

(پورب، ۱ - ۲۷)

شاهہ لطيف وٽ ڳاڙهي رنگ جي اهميت اڃان بہ واڌاري آهي. پاڻ کي، ۽

Gul Hayat Institute

سچ سياڻي جا ڪري، سائي سامهون ونڪ،
سهي نہ سگهان سات سين، تنهنجي راسن جي رونق،
ڪَ رتائين "لاک" ۾، ڪَ ڏنائين پائن پڪ،
سندي سوڍل سِڪ، ڪپر ڪورون جهليون.

(مومل راڻو: ١ - ٨)

سُر مارئيءَ جا بيت آهن:

ٽر ٽر اندر ٽاڪ، عمر ماروئڙن جا،
لاٽائون لطيف چئي، مٿان لوئيءَ "لاک"،
عمر ڪرئو اک، پهرئو ٿي پن چران.

(مارئي: ٢ - ٧)

پٽولا پنهواريون، مور نہ مٽي ڪن،
جہ "لاک رتائون" لوئيون تہ سانئا سونهن،
ان ايلاچئون اڪري بخمل بافتن،
سکر پائنيان سومرا، ڪٽي ڪان "ڪنهنن"،
جا ڏنيم ڏاڏاڻن، سا لاهيندي لڄ مران.

(مارئي: ٢ - ١)

سُر سارنگ جو بيت آهي:

سارنگ سائي سٽ، جهڙي "لالي لاک" جي،
ايئن سي اُبن انگڻا، جيئن سي ڇُنيءَ ڇٽ،
برسيو پاسي پٽ، پريائين ڪن ڪرڙ جا.

(سارنگ: ٢ - ١)

هيءَ تہ ٿيو لوئيءَ ۽ لاک جو ذڪر، جتي شاهہ لطيف ڳاڙهي رنگ ڪي لاک جي حوالي سان، ڪٿي اهڃاڻ طور، تہ ڪٿي نظاري چٽڻ لاءِ تشبيهہ طور استعمال ڪيو آهي. پر ان ڪان سواءِ قيمتي پٿرن، لعل ۽ رتول جي، ڳاڙهي رنگ ڪي پڻ شاعراڻي طريقي سان ڪتب آندو اٿائين. سر سريراڳ جا ہِ بيت پڙهو:

Gul Hayat Institute

سي پوڄارا پُر ٿئا، سمند سيوئو جن،
آندائون عميق مان، جوتي جواهرن،
لڌائون لطيف چئي، "لالون" مان لهرن،
ڪانهہ قيمت تن، مل مهانگو ان جو.
(سُر سريراڳ، ٢ - ۴)

ايَ ڳت غواصن جنءَ سمنڊ سوجهيائون،
پيهي منجهہ پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آئي ڏنائون، هيرا "لال" هٿن سين.
(سريراڳ، ٢ - ٩)

سُر ليلا چنيسر ۾ پڻ ڳاڙهن هارن جو ذڪر آهي:

سونا ڪر ڪنن ۾، ڳچيءَ "ڳاڙها" هار،
ٻانهوٽا ٻاهن ۾، سينڌ سٽيا وار،
تيلاهہ ٻيَ ٻچار، ڪانڌ مهجي ڇڏيي.
(ليلا چنيسر، ١ - ١١)

سُر سورٺ ۾ 'رتولن' جي معنيٰ محلات تيل آهي، پر ائين بہ ٿي سگهي ٿو تہ "راجا راڳ جي موٽ لعلن سان ڏني":

نرتي تند نياز سين، پيجل ٻرائي،
راجا "رتولن" ۾ ورنائي وائي،
ڪونيائين ڪوٽ ۾، ٻارت ٻاجهائي،
راجا راڳائي، هر دوئي هيڪ ٿئا.
(سورٺ، ٢ - ۴)

مومل راڻي ۾ 'رتولن جي سڙي ويڄڻ' جو ذڪر تو ڪري:
ڪاڪ ڪڙهي وڻ وٺا، ٻرٺا رنگ "رتول"،
تو پڄاڻا سپرين، هينئڙي اڄن هول،
جي مون سين ڪيٺ قول، سي سِگها پارج سپرين.
(مومل راڻو، ۵ - ١۴)

سُر ڪيڏاري ۾ شاهہ لطيف ڳاڙهي رنگ جو ذڪر رت جي حوالي سان ڪيو آهي. رت جو ڳاڙهو رنگ منظر ۾ نکريو پوي:

Gul Hayat Institute

"لڙڪ لعل" لطيف چئي، ور لئہ وهايان.

(سسئي آبري، ٨ - ١)

مٿينءَ سٽ ۾ 'لعل' جو لفظ لڙڪ، توڙي لطيف، ٻنهي سان لاڳو ٿي سگهي ٿو. ساهي لڙڪ ڪان پوءِ اچي، تہ 'لعل لطيف' ۽ جي لعل ڪان پوءِ اچي تہ 'لڙڪ لعل' لطيف چئي.

"روئي رگينديس رت سين"

ساڻ چٽاڪن چوري.

(ڪوهياري، ٦ - وائي، ٢)

آن ڪي ساڻي ڏٿ، جي مون وڃڻ وڃائيا،

رڳان رت "ميجٹ" هاڻي تن پرين ڪي.

(حسيني، ۴ - ٩)

"سب رگينديس رت" سين، ڪيچان اوري پون.

(حسيني، ٦ - ١٥)

پسو سونهن ساميءَ جي "رت ورنو" روءِ.

(مومل راڻو، ١ - ٣)

آءِ لنگوٽيا "لال"، ڪنهن پر ڏنئہ ڳجريون.

آب "ارتو" اکئين لڙڪ وهائين "لال".

ڏنئہ جي جمال، سامي ڪه نہ سلائين.

(مومل راڻو، ٢ - ١)

لڏوٽتا لوڏي ٿئا، وتن منجهہ وصال،

اڄ "ارتو" اکين ڪاڪ پيتائون ڪال،

ويٺي ويچارن وسري، صباح جي سنبال،

پري ڪان پاسي ٿئا، مامون مثال،

جانب جي جمال، "رگي سي ريتو" ڪيا.

(مومل راڻو، ٢ - ٥)

جنهن تڙ ڌوڙيون ڌون، جوتا چندن چڪ ڪئو،

اچن پونئر پنيوئا، پاڻيءَ تهين پون،

رانول "رتو" رون ڪو وهہ لڳو واسين.

(مومل راڻو، ٣ - ٧)

Gul Hayat Institute

شاهہ لطيف پيلو رنگ بہ استعمال ڪيو آهي. ’منهن پيلو ٿي وڃڻ‘ سنڌي محاورو آهي. شاهہ لطيف بہ هتي ڪمزور ٿيڻ جي معنيٰ ۾ پيلو منهن ٿيڻ ڪم آندو آهي، ۽ پيلي رنگ لاءِ لفظ ’ميڻو‘ ڪتب آندو اٿائين:

ياد ڪرو ڪن ڳوڏڙيا، ور بازار ٻيڻا،
پڙهن سُور سبحان جي، ٻين تنهن پيڻا،
جيلاهہ منهن "ميڻا"، تيلاهہ نشا چاڙهيئون نينهن جا.

(رامڪلي: ٦ - ١٦)

سون جو رنگ بہ پيلو آهي، پر ان چمڪندڙ پيلي رنگ کي سونهري يا سون ورنو رنگ سڏبو آهي. شاهہ لطيف ان رنگ جو استعمال هيئن ڪيو آهي:

"سون ورنيون" سوڍيون، رُبي رانديون ڪن،
اڪر اوطاقن ۾، ڪتوريون ڪنن،
اوتيائون عنبير جا، متي طاق تڙن،
ٻاتن ٻيليون ٻڌيون، پسڻ سونهن سڙن،
تنا لاهوتي لطيف چئي، پسڻ لئہ پرين،
اڃهي تا اڃن، ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي.

(مومل راڻو: ٣ - ٣)

۽ هيءُ بيت جيڪو مضمون جي منڍ ۾ ڏنو ويو آهي، ان ۾ بہ پيلو رنگ آهي، زرديءَ جو رنگ:

مون تان لڪائي گهڻو، روڻ ڪئي روشن،
رسيو ريزان کي، منجهان "زرديءَ" ظن،
ويري ٿئو ورن، ڳالهہ ڪيائين ڳجهہ جي.

نيرو رنگ خطرناڪ هجڻ جي اهڃاڻ طور ڪتب آندو اٿائين:

وڏا وڻ وڻڪار جا، جت ناڳ سجهڻ "نيلا"،
اتي عبداللطيف چئي، ڪيا هيڪلن حيلا،
جت ڪڙم نہ قبيلا، ات رسج رهبر راهہ ۾.

(سسئي آبري: ٢ - ٩)

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ رنگن جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ سائينءَ ڳاڙهي رنگ سان گهڻي لنوَ لاتي آهي؛ ۽ سڀ کان گهڻو استعمال ڪيو اٿس (اٽڪل ٩٠ بيتن ۾.) ڳاڙهي رنگ کي محبوب جي اهڃاڻ طور، توڙي

Gul Hayat Institute

پنهنجي پاڻ لاءِ (لعل لطيف چوي) استعمال ڪيو اٿس. لعل ٽيڻ مڪمل ٽيڻ جي معنيٰ ۾ ۽ ڪڪورڻ، ڪڪورجڻ، پڻ ساڳيءَ معنيٰ ۾ ڪم آندو اٿس. 'لڱن ڪي لالي لاٿڻ'، سينگار طور ڪتب آندو اٿائين. ڳاڙهاڻ،مستقبل جي اهڃاڻ طور، سندس شاعريءَ ۾ آئي آهي.

شاهہ جي رسالي ۾ ڳاڙهي رنگ کان پوءِ گهٽي کان گهٽا بيت ڪاري رنگ متعلق آهن، (اٽڪل ٣٢). ڪارو رنگ بُرائي جي اهڃاڻ طور بہ آيو آهي، تہ مايوسيءَ جي اهڃاڻ طور بہ. ڪٿي ڪٿي ڪارو رنگ منظر کي پوائٽو بنائڻ لاءِ بہ ڪتب آندو ويو آهي، تہ ڪٿي ماتم جي اهڃاڻ طور.

ان کان پوءِ اڇي رنگ وارا بيت اچن ٿا. اڇي رنگ کي شاهہ لطيف اڪثر روشنيءَ جي هم معنيٰ لفظ طور استعمال ڪيو آهي. ان کي نيڪيءَ، پاڪيزگيءَ ۽ نجپڻي Purity جي اهڃاڻ طور ڪتب آندو آهي. ڪٿي ڪٿي منظر جي سونهن وڌائڻ لاءِ بہ اڇي رنگ جو استعمال ڪيو اٿائين. اٽڪل سترنهن دفعا هن رنگ کي ڪم آندو ويو آهي.

اڇي کان پوءِ سائو، گيڙو، خاڪي، سونهري ۽ پيلو رنگ آهن، جن جو فقط ٽن چئن بيتن ۾ استعمال ٿيل آهي.

Gul Hayat Institute

# شاهه لطيف جي اهڃاڻي شاعري

فرينچ شاعر بودليئر هن ڪائنات کي "اهڃاڻن جو جهنگل" سڏيو آهي.

هن لکيو آهي ته، "فطرت هڪڙو مندر آهي، جنهن جون ديوارون نشانن (Symbols) سان ڀريل آهن." (1)

شاعر جي آڏو ڪائنات جي ڏٺل وائٺل شين جي اهميت انهن جي رواجي حيثيت کان وڌيڪ آهي. هن جي اونهيءَ ۽ باريڪ بين نظر ۾ دنيا جي هر شيءِ ظاهري ۽ رواجي هئڻ کان ڪجهه وڌيڪ به آهي. هن کي هيءَ ڪائنات بي معنيٰ نه پر سڄي دنيا ڳوڙهين معنائن سان ڀريل ٿي ڀانئجي. هن جي آڏو سج چنڊ تارا طبعي شيون ته آهن، پر ان سان گڏ ڪنهن محبوب جا اشارا پڻ آهن. هن جي آڏو گلن جو ٽڙڻ نباتاتي عمل نه پر هڪ رومانوي عمل ۽ هڪ حسياتي تجربو آهي. "اهڃاڻ ڪنهن شيءِ جي آرپار ڏسي پوءِ ان جي سمورين اونهاين جي پروڙ حاصل ڪري، پوءِ ان جي مثال ڏيڻ کي چئجي ٿو". (2)

"لفظ اهڃاڻ جي وسيع معنيٰ ۾ سڄي شاعري اچي وڃي ٿي. ڇوته هر ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ ڪنهن احساس، ڪنهن حقيقت، ڪنهن آئيڊيا جو اظهار هوندو آهي ۽ اهو اظهار اڻ سڌو هوندو آهي. اهو اڻ سڌو اظهار هوندو آهي، ڪن حقيقي شين جي ذريعي، جن کي ان احساس، حقيقت يا آئيڊيا سان مشابهت هوندي آهي". (3)

"سڄي شاعري اڻ سڌو اظهار آهي، ان ڪري ئي اهڃاڻ جي معنيٰ ۾ سڄي شاعري سمائجي ٿي وڃي. اهو طئه ڪرڻ مشڪل آهي ته اهو اهڃاڻ جي ذريعي اڻ سڌو اظهار شروع ڪڏهن کان ٿيو. ڪن جي نظر ۾ مغربي

شاعريءَ ۾ اهڃاڻي شاعريءَ جي شروعات صوفي شاعرن سويڊن بورگ (1688-1772ع) يا سنت مارٽن (1743-1783ع) کان ٿي". (4)

اينسائيڪلوپيڊيا برطانيڪا، 1973ع موجب فرانسيسي شاعرن اسٽيفن مئلارمي ۽ پال ورلائين 1885ع ۽ 1895ع جي وچ ۾ اها شاعراڻي تحريڪ شروع ڪئي. جيتوڻيڪ ان وقت گهڻا شاعر فرينچ نہ هئا. پر فرانسيسي ٻوليءَ ۾ لکندا هئا. ان شاعراڻيءَ تحريڪ جو پڌرنامو 18 سيپٽمبر 1886ع ۾ موريئش ڪڍيو. (5)

شپلي لکي ٿو تہ:

"سمبالزم، ڪنهن حقيقت جي هڪ سطح کان ٻيءَ سطح تي آيل حقيقت سان لاڳاپي کي چئجي ٿو". (6)

هن جي خيال ۾:

"اهڃاڻ، هڪ موضوع جي تشريح ۾ مدد ڪري ٿو، ان کي قبول ڪرڻ لائق بنائي ٿو، ان کان قرار حاصل ڪرڻ ۾ مدد ٿو ڪري، ڪن سٽل ۽ ڏپيل اظهارن کي جاڳائي ٿو، ۽ هڪ سينگار يا ڏيکاءَ طور ڪم اچي ٿو". (7)

فرانس ۾ مئلارمي ۽ ان کان پوءِ جي اهڃاڻي شاعرن شعوري طور تي اهڃاڻي شاعريءَ جي تحريڪ شروع ڪئي ۽ پوءِ اڳتي هلي ان جو پڌرنامو ڪڍيائون. اڻ شعوري طور تي مٿي ڏنل حوالي موجب دنيا جي هر ٻوليءَ جي شاعريءَ ۾ اهڃاڻ جي ذريعي حقيقتن ۽ احساسن جو اڻ سڌو اظهار موجود آهي. خود مغرب جي صوفي شاعرن توڙي رومانوي شاعرن وٽ اهڃاڻ جي استعمال جو ڏس پتو ملي ٿو.

سنڌي شاعري، خاص ڪري ڪلاسيڪي شاعري اڻ سڌي اظهار سان ڀري پئي آهي. سنڌيءَ ۾ اهڃاڻي شاعري تڏهن کان شروع ٿي ٿي، جڏهن کان نيم تاريخي داستانن جو ذڪر ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ آيو. اهي ڪردار اڻ سڌي اظهار جو هڪ بهترين ۽ مرغوب ترين ذريعو بڻجي پيا.

شاهہ لطيف کي ماضيءَ جي ورثي ۾ شاهہ ڪريم، شاهہ لطف الله قادريءَ ۽ شاهہ عنايت جي شاعري ملي. انهن شاعرن جي صوفياڻي شاعريءَ ۾ حقيقتن جي اڻ سڌي اظهار جون روايتون موجود هيون. شاهہ لطيف نہ رڳو انهن روايتن کي قائم رکيو، پر انهن کي ادب ۾ هڪ مستقل جاءِ ڏيئي

Gul Hayat Institute

ڇڏيائين. هن پنهنجي ذات ۾ ڏانوَ سان بودليئر وانگر ڪائنات کي اميجائن جو جهنگل نہ پر اميجائن جو گلزار بنائي ڇڏيائين.

انگريزي شاعر ڪولرج لکيو آهي تہ، "ڪنهن خاص شيء کي عام شيء ۾ آرپار ڏسڻ، يا ڪنهن عام شيء کي خاص شيء ۾ آرپار ڏسڻ، يا ڪنهن آفاقي حقيقت کي عام شين مان حاصل ڪرڻ، يا ڪنهن ازلي سچ کي عام وقتي ۽ فاني شين مانَ حاصل ڪرڻ جو نالو آهي اميجاڻ." هو چوي ٿو تہ، "اميجاڻ ازلي حقيقت کي سمجهہ لائق بنائڻ جو نالو آهي." (8)

"اميجائي شاعريءَ جي سموري ڳولا اها رهي آهي تہ اظهار جو اهڙو طريقو حاصل ڪيو وڃي، جنهن جي ذريعي بيان کان ٻاهر حقيقتن کي بيان ڪري سگهجي." (9)

شاهہ لطيف جا اميجاڻ رڳو مادي حقيقت ناهن، پر معنوي اشارا پڻ آهن. سندس ڪهاڻيون ۽ انهن جا ڪردار رڳو انسان ناهن، پر ان کان گهڻو مٿي آفاقي حقيقتون آهن. شاهہ لطيف برابر نيم تاريخي لوڪ ڪهاڻين جو سهارو ورتو آهي، پر شاهہ لطيف رڳو قصہ خوان يا داستان گو ناهي. هن جي هر ڪهاڻي هڪ آفاقي حقيقت ڏي اشارو آهي. هن جو هر ڪردار ڪنهن نہ ڪنهن جذبي، احساس يا ڪيفيت جي نمائندگي ٿو ڪري. ييٽس لکي ٿو تہ، "هر اهو فن جيڪو داستان گوئي يا تصوير ڪشي ناهي اهو اميجائي آهي." (10)

اميجاڻ اهو لفظ آهي جنهن جي بنيادي حيثيت کي ڪالم ڪا نمائنده معنيٰ حاصل جي وئي هجي. هونءَ تہ هر لفظ صوتي اميجاڻ آهي ڪنهن نہ ڪنهن معنيٰ يا مفهوم جو، (11) پر ادب ۾ خاص ڪري شاعريءَ ۾ اميجاڻ اهو لفظ آهي جنهن جي نمائنده معنوي حيثيت ٿي وئي هجي، ۽ ان کي بنياد طور استعمال ڪري، ان مان ڪهڙي بہ قسم جي تاويل يا تفسير ڪري سگهجي.

ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي جو ادب، خاص ڪري شاعريءَ ۾ ڪو لفظ ڪنهن معنيٰ ۾ ايترو تہ استعمال ٿيندو آهي جو ان لفظ جي معنيٰ ئي اها ٿي ويندي آهي جنهن معنيٰ ۾ هڪ شاعر يا ڪن شاعرن بار بار استعمال ڪيو هوندو آهي. مثال طور چنڊ ۽ گل بہ لفظ آهن، جيڪي شاعريءَ ۾ بار بار

Gul Hayat Institute

استعمال ٿين ٿا. جڏهن بہ اهي لفظ شاعريءَ ۾ اچن ٿا تہ اسان جو ڌيان غير شعوري طور ۾ اچانڪ سونهن ڏانهن ڪڇيو ٿو وڃي. اهي ٻئي لفظ سونهن سان هم معنيٰ ٿي ويا آهن. چنڊ معنيٰ سونهن ۽ گل معنيٰ سونهن؛ پوءِ مختلف شاعر انهن لفظن جي سهاري سونهن جي باري ۾ ڪيئي حقيقتون بيان ڪيو وڃن. سونهن جو فاني هجڻ، سونهن جو بيوفا هجڻ، چڪور جي چنڊ سان يا پونئر يا بلبل جي گل سان محبت جي شدت. اهڙا اڪيچار خيال انهن ۾ اهڃاڻن جي ذريعي بيان ڪيا ٿا وڃن.

ٽليارڊ لکيو آهي تہ، ”اهڃاڻ جي معنيٰ جيئن مون هتي استعمال ڪئي آهي سا آهي ڪنهن ڄميل ۽ اهميت حاصل ڪيل شيءِ جي، جنهن کي ڪانہ ڪا خاصيت حاصل ٿي وئي هجي.“ (12) تہ ڪو لفظ ڪنهن معنيٰ ۾ مستعمل ٿي، ڄمي، مروَج ٿي، جاري ٿي وڃي تہ اهو ٿي پوي ٿو اهڃاڻ. جيئن چنڊ ۽ گل، سونهن جو اهڃاڻ آهن، تيئن چڪور ۽ بلبل عشق جا اهڃاڻ آهن. بهار خوشيءَ جو اهڃاڻ آهي تہ سرءُ ڏک جو اهڃاڻ آهي. صبح اميد جو اهڃاڻ آهي تہ شام نااميديءَ جو. مطلب تہ هيءَ ڪائنات اهڃاڻن جو جهنگل آهي.

شاهہ لطيف جو هيءُ بيت پڙهو.

آڱ نہ گڏي پرينءَ کي، تون ٿو لهين سڄ،
آڱ جي ڏيئين سنيهڙا، نيئي پريان کي ڏڄ،
وڃي ڪيچ ڇڄ، تہ ويچاري واٽ مُئي.

(معذوري، ۷ - ۳)

هيءُ بيت سسئي جي داستان مان آهي. هن بيت ۾ 'آڱ' (سسئي)، 'پرين' (پنهون)، 'لهندڙ سڄ' ۽ 'واٽ' سڀ اهڃاڻ آهن، جن جي ذريعي ڪنهن آفاقي حقيقت جو اظهار ڪيو ويو آهي. شعر اهو سٺو جنهن جون جيتريون بہ گهڻيون معنائون ٿي سگهن؛ اوتريون چڱيون. هن بيت جون معنائون ڏسو- آڱ، پرين، سڄ ۽ واٽ. اهي لفظ معنوي حيثيت سان ڪيڏي نہ وسعت رکن ٿا. هن سٽن ۾ سسئيءَ جي پنهون ڏانهن پنڌ ڪرڻ ۽ واٽ تي ٿي سڄ لهڻ ۽ سسئيءَ جي راهہ ۾ ٿي مري وڃڻ جو ذڪر آهي تہ سهي، پر هن بيت جو مفهوم ان مخصوص واقعي تائين محدود ناهي. ان ڪهاڻيءَ سان تہ هن بيت جو ظاهري واسطو آهي، پر ان کان مٿي ٻين حقيقتن ڏي پڻ اشارو

Gul Hayat Institute

ڪري ٿو. هيءَ بيت فقط انهن ڪردارن تائين محدود ناهي، جن جو هن ۾ بيان ڪيو ويو آهي، پر ان دور توڙي مڪان جون حدون ٽپي ڪن لامحدود حقيقتن ڏي اشارو ٿو ڪري. هيءَ بيت هر هنڌ ۽ هر ماڻهوءَ لاءِ قلبي واردات جو ترجمان ٿيو پوي.

هن بيت ۾ 'آءٌ' ڪنهن جدوجهد ڪندڙ، ڪنهن ڏوريندڙ، ڪنهن مقصد کي تلاش ڪندڙ جو اهڃاڻ ٿي ويو آهي. 'پرين' (پنهون – محبوب) منزل، مقصود يا ماڳ آهي. 'لهندڙ سج' مايوسيءَ، قنوطيت ۽ وقت جي خاتمي جو اهڃاڻ آهي.

هاڻي اچو ته ان بيت کي مختلف ماڻهن جي نڪتئہ نظر سان ڏسون.

هڪ صوفي سڄي زندگي حق جي تلاش ۾ سرگردان رهيو هجي. جڏهن هن کي آخر عمر ۾ پنهنجي ناڪاميءَ جو احساس ٿيڻ لڳي ته هو اهو بيت پڙهي:

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، تون ٿو لهين سج.

منهنجي حياتي پوري ٿيڻ تي آهي، پر مون اڃان حق جو مشاهدو نہ ماڻيو آهي.

وري هڪ سياسي رهبر جنهن سڄي حياتي ڪنهن نظريي جي لاءِ محنت ۽ مشقت ڪئي هجي، اهو جڏهن پنهنجي ڪوشش جو ڦل ڏسي نہ سگهي، ۽ سندس عمر پڇاڙيءَ تي اچي پهچي ته بي اختيار چئي ڏئي ته:

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، تون ٿو لهين سج.

ساڳيءَ ريت هڪ شاگرد جيڪو پنهنجي امتحان لاءِ پوريءَ ريت تيار ٿي نہ سگهيو هجي ۽ باقي ٿورو وقت اچي رهيو هجي، ۽ آخري ڏينهن جي لهندڙ سج کي ڏسي چوي ته:

آءٌ نہ گڏي پرينءَ کي، تون ٿو لهين سج.

اهڙيءَ ريت هڪ عاشق ان بيت کي پنهنجي نموني ۾ بيان ڪري ٿو سگهي.

هن بيت جي اها هڪ سٽ ايڏي تہ وسيع آهي، جو ان کي ڪيترن ئي هنڌن تي ڌار ڌار معنائن ۾ استعمال ڪري ٿو سگهجي. اها سٽ ڪيترين ئي ڌار ڌار معنائن ۾ استعمال ٿيندي رهي آهي. اهڃاڻي شاعري هر دور ۽ هر وقت لاءِ ساڳي ئي دلچسپي قائم رکيو اچي. اهڃاڻي شاعريءَ جي تاويل هر وقت بدلبي ٿي رهي.

Gul Hayat Institute

شاهہ لطيف جي اڪثر اهڃاڻي شاعري تصوف جي رنگ ۾ تہ رڱيل آهي، پر تنهن هوندي بہ ان کي رڳو هڪڙي ئي طرف ڇڪي، ان مان هڪ ئي قسم جون معنائون ڪڍڻ ۽ انهن کي آخري ۽ قطعي سڏڻ، شاهہ لطيف جي فن جي اهميت کي گهٽ ڪرڻ بہ آهي تہ شاهہ لطيف جي اهڃاڻن کي محدود ڪرڻ بہ.

مٿي ڏنل مثال موجب ڪنهن بہ اهڃاڻ کي ڪوبہ ويس پارائي ٿو سگهجي. اهوئي سبب آهي جو شاهہ لطيف جي شعر کي هن وقت تائين رڳو هڪ ئي رنگ ۾ پڙهيو ۽ پرکيو ويو آهي. اهڃاڻن سان واقفيت شاهہ لطيف جي شاعريءَ جي اڀياس لاءِ نوان نوان رستا کوليندي ۽ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جا اهي حظ ۽ لطف ظاهر ڪندي، جيڪي هن وقت تائين لڪل هئا.

هئزارڊ آڊمس جي لکڻ موجب اڪيلي اهڃاڻ جي ڪابہ معنيٰ نہ آهي. اهڃاڻ جي معنيٰ آهي ان جي لاڳاپي ۾. لفظن، يا مصراعن توڙي سڄي سٽاءَ موجب اهڃاڻ طور ڪم آندل لفظ جي معنيٰ نڪري ٿي. (13)

هن نارٿراپ فراءِ جو حوالو پڻ ڏنو آهي. اهڃاڻن ڏانهن نئوس قدم کڻڻ جو طريقو اهو آهي تہ پهرين ڪن عڪسن سان شروعات ڪجي، جيڪي حقيقي شين جا هجن؛ ۽ پوءِ وري انهن کان ٻاهر نڪري انهن ذريعي ڪنهن آئيڊيا جو اظهار ڪجي. اها آئيڊيا جيڪا مجرد (Abstract) هجي. (14)

ايڊورڊ بيوان اهڃاڻ جي باري ۾ لکي ٿو تہ، "اهڃاڻ اهو لفظ آهي، جيڪو ڪنهن ٻيءَ شيءِ لاءِ استعمال ڪيو ويو هجي." (15)

تمثيل ۽ اهڃاڻ ۾ فرق سمجهائيندي هئزارڊ آڊمس لکي ٿو، "تمثيل ڪنهن ٻيءَ شيءِ جي بدران استعمال ٿيل لفظ آهي؛ پر اهڃاڻ شين جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي." (16)

ٿامس ڪارلائل اهڃاڻ جي باري ۾ لکي ٿو تہ، "اهڃاڻ چٽائيءَ ۽ سڌائيءَ سان ڪنهن لامحدود حقيقت جو عرفان آهي. ان ذريعي لامحدود، محدود سان رلجي ملجي ٿو وڃي. هو ڪائنات کي خدا جو هڪ وسيع اهڃاڻ ٿو سڏي." (17)

ڊبليو. بي. ييٽس جي نظر ۾، "مڪمل صوفياڻو اهڃاڻ اهو آهي جنهن جي دوران ڪابہ کهاڻي، فطرت يا فڪر جي ڪنهن بہ شعبي ۾ پڙهي سگهجي ٿي. پوءِ اهو طبعي، مذهبي، يا فيلسوفياڻو ڇونہ هجي. اهي سڀ

Gul Hayat Institute

هنن بيتن ۾ "سوري" ٻه اهڃاڻ آهي ته "عاشق" "سيڻ" ۽ "ويڄ" پڻ. عاشق يا سيڻ اهي آهن جيڪي سوري مٿي سنرا آهن. جن جي لاءِ سوري سيج آهي ۽ مرڻ مشاهدو آهي. جيڪي عشق ۾ ڪنهن به مقصود جي محبت ۾ موت پنهنجي لاءِ آرام ٿا سمجهن. ويڄ، انڌو اونڌو ويڄ آهي، اهو آهي زماني ساز ماڻهو، جيڪو پاڻ کي خوامخواهه ڏيج يا ڏاهو ٿو سڏائي. جيڪو عاشقن يا مقصد لاءِ سر ڏيندڙن کي مريض يا ائبنارمل پائيندو آهي ۽ انهن کي پنهنجا پيچ پيئاريندو آهي؛ من هو موت کان منهن موڙي سندس وانگر حالتن سان ناهه ڪري، عشق يا مقصد کان باز اچي ان لاءِ سِرَ جو سٽون ڏيڻ ڇڏي ڏين. عاشق اهڙي ويڄ کي انڌو ۽ اونڌو ٿا سمجهن. هو سوريءَ کي سيج ۽ مرڻ کي مشاهدو ٿا سمجهن.

هيءَ آهي اهڃاڻن جو هڪ رنگ محل، جنهن ۾ شاهه لطيف اهڙا اهڃاڻ ڪم آندا آهن جيڪي هر ملڪ، هر قوم، هر وقت ۽ هر نسل پنهنجي پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪري ٿو سگهي ۽ انهن جي تاويل پنهنجي پنهنجي خيال موجب ڪري ٿو سگهي. اهڙا هڪ ۾ انيڪ معنائن وارا بيت رسالي جي هر سُر ۾ موجود آهن. ڇوته شاهه لطيف بنيادي طور تي اهڃاڻي شاعر آهي. هيءَ هڪ مثال ڏسو. ساڳئيءَ سُر ڪلياڻ مان آهي.

عاشق زهر پياڪ، وهه ڏسي وهسن گهڻو،
ڪڙي ۽ قاتل جا، هو هميشه هيراڪ،
توڙي چکن چاڪ، ته به آهه نه سلن عام سين.

(ڪلياڻ، ٢ - ٣٢)

هن بيت ۾ به عاشق، زهر پياڪ، وهه، ڪڙو ۽ قاتل سڀ اهڃاڻ آهن. "عاشق" جو اهڃاڻ ته ساڳيو اڳ ڏنل بيتن وارو آهي، "وهه"، "ڪڙو" ۽ "قاتل" ساڳيو سوريءَ واري مفهوم جو جو اهڃاڻ آهي، پر هن بيت ۾ اهو اهڃاڻ رڳو موت جو ناهي، پر ان سان گڏ شراب هجڻ جي ڪري ٿورو لطف ۽ ٿورو خمار به ان موت ۾ شامل آهي، جنهن جي ڪري موت جو تصور رومان سان پُر ٿيو پوي. اهو موت، خمار ۽ لطف حاصل ڪرڻ کان پوءِ موت آهي. ان موت ۾ هڪ نشو آهي، هڪ خمار آهي.

عاشقن سان گڏ سَڏڙيا به آهن، جيڪي رڳو لطف ۽ خمار جون پچارون ٿا ڪن. انهن جو مقصد سان ڪوبه لڳاءُ ناهي، انهن کي رڳو مزو ڪپي، اهي

Gul Hayat Institute

غور ڪريو تہ انهن جي اهڃاڻي معنيٰ ڪيڏي نہ وسيع آهي.

سڪڻ ايءَ نہ سڌ، جو ڪليو ڪايو سمهين،
ٻئي پريان جي تہ ٿيين، متي اڳڻ اڌ.
(ايمن ڪليان: ٧ ـ ٩)

اڃا تو منجهاءِ ڪڪ، جتي رت نڪري،
منهن ۾ محبوبن جا، تون ڪيئن جهليندين گهاوَ،
تون پوءِ ڪڄاڙئا، سڪڻ جون سڌون ڪرين.
(ايمن ڪليان: ٧ ـ ٧)

انگريزي شاعر ڪولرج لکيو آهي تہ، ”اهڃاڻ ڪنهن خاص شيءِ ڪي عام انداز ۾ آرپار ڏسڻ، يا ڪنهن عام شيءِ ڪي خاص انداز ۾ آرپار ڏسڻ، يا ڪنهن آفاقي حقيقت ڪي عام ڳالهين مان حاصل ڪرڻ، يا ڪنهن ازلي سچ ڪي وقتي يا فاني شين مان حاصل ڪرڻ جو نالو آهي.“

ڪولرج جيڪي اهڃاڻ جون خصوصيتون بيان ڪيون آهن، انهن جو تت هيءُ ٿو نڪري:

(1) خاص ۾ عام ڪي آرپار ڏسڻ.
(2) عام ڪي خاص ۾ آرپار ڏسڻ.
(3) آفاقي حقيقت ڪي عام ڳالهين مان حاصل ڪرڻ.
(4) ازلي سچ ڪي وقتي ۽ فاني شين مان حاصل ڪرڻ.

پهرئين نڪتي موجب شاعر جيڪي عام شيون روزاني زندگيءَ ۾ ڏسي ٿو، انهن جو بيان اهڙيءَ طرح ڪري جو اهي ڪنهن خاص حقيقت ڏي اشارو ڪن. ايئن عام رواجي شين جي ڳالهہ مان ڪا خاص حقيقت آرپار ڏسجي. ٻئي نظر ۾ هجن، نہ اصلي شيءِ نظر کان اوجهل ٿئيءَ نہ وري جنهن شيءِ ڏانهن اشارو ڪيو ويو هجي، اها ئي ڏنڌلي ٿئي.

متي ڏنل بيتن ۾ عام شيون آهن پتنگ، آڳ، سوري ۽ عشق. پر بيتن ۾ اهي ڪنهن خاص شيءِ ڏي اشارو ٿيون ڪن.

راند بہ عام شيءِ آهي، طبيب، دارون، درد سڀ روزاني زندگيءَ جون عام رواجي حقيقتون آهن. انهن عام حقيقتن جو اشارو ڪن خاص ڳالهين ڏانهن آهي. شاعريءَ ۾ ڪيترين ئي شين جو ذڪر ٿيندو ٿو رهي. انهن ۾ عام بہ آهن تہ خاص بہ. پر عظيم شاعريءَ جو مقصد رڳو انهن شين جو بيان

Gul Hayat Institute

نہ هوندو آهي، پر عظيم شاعرن لاءِ اهي شيون فقط هڪ ذريعو هونديون آهن.
اهي ذريعو هونديون آهن، ڪنهن مٿيري مقصد جي اظهار جو.

سُر سريراڳ جا هيٺيان بيت پڙهو:

مان پڇنئي سپرين، چت ۾ چيتاريج،
ڪڏي ڪاٿي ڪچ ڪي، ڪوڙ مَ ڪمائيج،
وڻج وهائيج سڀ، سوداگر سچ جو.

(سريراڳ، ١ ـ ۴)

ڪاٿو ڪمايوم، موتي مون نہ وڻجيا،
سيهي جو سيد چئي، وکر وهايوم،
هڙو حال سندوم، توهہ تنهنجي ابهان.

(سريراڳ، ١ ـ ٧)

هنن بيتن ۾ ڪاٿو ۽ ڪچ بئي شيون عام آهن، وکر ۽ موتي بہ اهڙيون شيون آهن جيڪي روزاني وڻج واپار ۾ ڪم اينديون آهن. هنن بيتن مان شاهہ لطيف جو مقصد وڻج واپار جي بيان جو ناهي، پر انهن عام شين مان اهڃاڻ جي ذريعي ڪن خاص ڳالهين ڏي اشارو ڪري انهن ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ آهي. هنن جي آڏو ڪاٿو ڪچ بہ اهڃاڻ آهن تہ موتي بہ. هو ڪوڙ ڪي ڏکارڻ ۽ سچ ڪي پنهنجي ڪرڻ جي صلاح ٿو ڏئي. هو سوداگر ڪي سچ جي وڻج وهائڻ جو مشورو ٿو ڏئي. هو سپرين جي آڏو ڪاٿي ۽ ڪچ ڪي ڪڏي ڇڏڻ لاءِ ٿو چوي، هن جو سپرين بہ اهڃاڻ آهي. اهو اهڃاڻ آهي الله جو.

ڪوڙ ڪماءِ مَ ڪچ، اڙي اور الله سين،
محبت سندو من ۾، مائڪ ٻارج مچ،
ان پر ائي اچ، تہ سودو ٿيئي سڦرو.

(سريراڳ، ١ ـ ٩)

لطيف وٽ عام شيون ڪاٿو ۽ ڪچ ڪنهن خاص شيءِ ڏي اشارو ٿيون ڪن. هن وٽ وڻج واپار جو عام واهپو بہ ڪنهن خاص مقصد ڏي اشارو ٿو ڪري. عام جو خاص ۾ ڏسجڻ، اهو آهي اهڃاڻي شاعريءَ جو طريقو.

Gul Hayat Institute

ڏاتار ۾ مڱڻي، ڪونہ وسيلو وچ،
سائي تار تندن جي، سائي چارڻ چت،
سو هتي سو هت، سو ويري سو واهرو.
(سورٺ، ٢ ـ ٥)

هيءُ بيت بہ تصوراتي معنيٰ وارو آهي. هي بيت گهڻ مقصدو بہ آهي. هن بيت ۾ هڪ آئيڊيا ٿي جنم وٺي. اها آئيڊيا ڏيڻ واري يا گهرڻ واري جي وچوارا سڀ فاصلا ختم ڪيو ٿي ڇڏي.

سُر مومل راڻي ۾:

نئون نياپو آئيو، راڻي ملان رات،
لڏي سون لطيف چئي، ڪنان ڏاتر ڏات،
ڪانہ ٻيجي تو ذات، جي آيا سي اڳهيا.
(مومل راڻو، ٩ ـ ٥)

هيءُ بيت ظاهري طور راڻي- هڪ وقتي ۽ فاني ڪردار جي متعلق آهي؛ پر ان بيت مان جيڪو نياپو ۽ سو بہ نئون نياپو ٿو ملي، اهو وقت گذرڻ سان بہ پراڻو نہ ٿيو آهي، اهو نياپو آفاقي آهي. اهو نياپو لامحدود وسعتن تائين ڦهليل آهي. اهو رڳو مومل يا رڳو راڻي تائين يا انهن جي دور تائين نہ آهي، پر ان جي اهميت اڄ بہ اوتري آهي جيتري تڏهن هئي. اهو نئون نياپو آهي هڪ آئيڊيا، اهو نئون نياپو آهي تصور (Concept) اهو تصور تہ ذات ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي. ذات ڪڏهن بہ ڪانہ پڇي ويندي آهي، اصل مقصد آهي اچڻ، پنڌ ڪرڻ، اچڻ وارو ٿي اڳهيو. پوءِ اهو ڪهڙيءَ بہ ذات وارو هجي.

ساڳئي سُر جو هيءُ بيت پڙهو:

ڪاڪ نہ جهلنا ڪاپڙي، موهنا نہ محلن،
ٻاين ۾ ٻانهن جي، پنڌڙ ڪين پڇهن،
لکين لاهوتين، اهڙيون اوريان ڇڏيون.
(مومل راڻو، ٢ ـ ١٥)

ڪاڪ، شاهہ لطيف وٽ تصور آهي. اهو تصور آهي ڳجهارت جو، مونجهاري جو، اهو اهڃاڻ آهي پنيلائيندڙ ۽ ڀلائيندڙ نظارن جو، نظر جي دوکن (Illusions) جو. ڪاپڙي اهو آهي، جيڪو پهتل هجي، جيڪو ساڃهہ وارو هجي، جيڪو باشعور هجي، جيڪو هوشيار هجي. زيرڪ هجي، جيڪو

Gul Hayat Institute

ڪاڪ (مونجهاري) کي پرکي ۽ پروڙي وڃي. ڳجهارتن، نظر جي دوکن، فريبن، پلائيندڙ نظارن کي ۔مجهي وڃي. ٻاين ۽ ٻانهين (هيٺئين درجي جي لذتن) کي نہ پڇي، رواجي ڪشش ڪان متھرو هجي. انهن کي رستي ۾ ڇڏي، پاڻ اڳيرو نڪري وڃي. اهي سڀ تصور (Concept) آهن. ڪاڪ، ڪاپڙي، محل، ٻايون، ٻانهيون، لاهوتي اهي سڀ آئيڊيا آهن. اهي مومل راڻي جي داستان جا ڪردار تہ آهن، پر ان کان اڳتي بہ ڪجھ آهن.

ساڳئي قسم جو هڪ ٻيو بيت؛

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، موهيا ڪنهن نہ مال،
جت ڇورين ڏنا ڇال، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا.

(مومل راڻو، ٢ ـ ١٥)

هيءُ بيت بہ گھڻ معنائو ۽ گھڻ مقصدو آهي. هن ۾ ڪاڪ، ڪاپڙي، مال ۽ ڇوريون، انهن جا ڇال ڏيڻ، اهي سڀ اهڃاڻ آهن. اهي ڪردار تہ آهن، پر انهن مان ايرندڙ تصور (Concepts) آهن. هن بيت کي ڌار ڌار ماڻهو ڌار ڌار حالتن آهر پنهنجي پنهنجي لاڳاپي سان استعمال ڪري سگهن ٿا.

سر ڪارايل جا هيءُ بيت پڙهو؛

وٺا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو،
وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانيرن جو.

(ڪارايل، ١ ـ ٢٩)

آءُ اڏامي هنجڙا، سر ۾ سارينئي،
متان مارينئي، پاڙهيري پھ ڪري.

(ڪارايل، ١ ـ ١٧)

سر ۾ پکي هيڪڙو پاڙهيري پنجاھ،
سنڌي آس الله، لڌي لهرن وچ ۾.

(ڪارايل، ١ ـ ٨)

هنج مڙيوئي هنج، ميرو منجهن ناھ ڪو،
جتي رهن سنجھ، سو سر ڪن سَرھو.

(ڪارايل، ١ ـ ٢٧)

سرھو سر وڃائيو، ڪوڙن ڪانيرن،
رٺا روھ وڃن، ڪھ هيٺائي ڪان هنجڙا.

(ڪارايل، ١ ـ ٣٠)

Gul Hayat Institute

هڪ لافاني حقيقت جو اظهار. هڪ اڻ ٽر اصول جو بيان، جز مان هڪ ڪل جي پروڙ.

انهن حقيقتن جو هڪ ٻئي بيت ۾ اظهار ڏسو:

محلين آيو مڱڻو، ڪٺي ساز سري،
لڳي تند تنبير کي، پٺا ڪوٽ ڪِري،

(سورٺ، ٢ - ۴)

يا

هنڌين ماڳين هوءِ ني، تنهنجي ٻيجل دانهن ٻري،
جهونا ڳڙهہ جهري، پئندي جهانءِ جهروڪ ۾.

(سورٺ، ٢ - ١۴)

هن بيتن ۾ جهونا ڳڙهہ به اهڃاڻي معنيٰ ۾ آيو آهي.

سُر پرڀاتيءَ ۾ ساڳئي موضوع تي بيت پڙهو:

اڀءِ ته پاڻن پير، جنءِ ڪينر ڪيري نڪٽو،
سنهاري صبوح سين، وڄهي ويٺين وير،
توکي چوندو ڪير، ڪيرت ڏاران مڱڻو.

(پرڀاتي، ١ - ١)

ستو ڪڻن تندون ڪرين، ور وهائي ووءِ،
سيا ساز سندوءِ، پيو هوندو پٽ ۾.

(پرڀاتي، ١ - ٢)

هنن بيتن ۾ ڪينر، ڪيرت، مڱڻو، اهي سڀ اهڃاڻ آهن.

سُر مارئيءَ ۾ اهڃاڻ ڏسو:

جيها سي تيها، مون مارو ميٺا،
مون جيڏيون ملير ۾، چوندن موڪ مها،
اتر آس اها، ڪڏهن ڪيرائندين ڪوٽ کي.

(مارئي، ابيات متفرق - ٩)

هن بيت ۾ مارو، مارئي، ۽ ڪوٽ ٽيئي اهڃاڻ آهن. مارو جهڙا آهن پنهنجا آهن. ملير ۾ جيڏيون آهن ۽ ڪوٽ ڪيرائڻ جي آس آهي.

Gul Hayat Institute

ذريعي سان سمجهايو ويو آهي.

شاهہ لطيف جو هيءُ بيت تہ تمام گهڻو مشهور آهي ۽ تمام گهڻو ورجايو ويو آهي.

تتيءَ تڏيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل وهڻ جي،
متان ٿئي اونداهہ، پير نہ لهين پرين جو.

(حسيني، ٢ - ١٨)

ڪيترا نہ اهڃاڻ آهن بہ سٽي بيت ۾. تتي، تڏي، اونداهہ ۽ پرينءَ جو پير. ڪيڏي نہ وسيع معنيٰ آهي انهن ٿورن لفظن ۾. تتي معنيٰ مشڪل حالتون، تڪليف ڏيندڙ ماحول، تڏي معنيٰ سازگار ماحول. پنهي حالتن ۾ ڪاهڻو آهي، پنڌ ڪرڻو آهي، اڳتي وڌڻو آهي، مقصد لاءِ جدوجهد ڪرڻي آهي. پوءِ اهو پرين، يا مقصد هر ڪنهن لاءِ پنهنجو آهي، پر حالتن جي سازگار يا ناساز هجڻ جي ڳالهہ سيني سان لڳي ٿي سگهي. اڻ سازگار حالتن ۾ بہ هلڻو آهي، متان اونداهہ ٿي وڃي، اونداهہ معنيٰ انتهائي اڻ سازگار حالتون، جن ڪان پوءِ ڪڏهن بہ حالتن جي سڌرڻ جو امڪان نہ هجي. متان ايڏي دير پئجي وڃي، متان حالتون هٿن ڪان نڪري وڃن، متان پرينءَ جو پير نظر نہ اچي. يعني متان آخري سهارو بہ هٿن مان هليو وڃي. متان مقصد تي رسڻ جو معمولي ذريعو بہ هٿن مان هليو وڃي.

هيءُ بيت ڪن بہ انتهائي پيچيدهہ سياسي حالتن تي استعمال ڪري سگهجي ٿو. عشق جي نازڪ ترين مرحلن تي لهڪائي ٿو سگهجي، مذهبي معنيٰ ڏي موڙي ٿو سگهجي. هن بيت ۾ (Particular) خاص ۾ (Universal) آفاقي واري ڳالهہ ملندي.

ازرا پائونڊ لکيو آهي تہ، "فطري شيون مڪمل اهڃاڻ آهن. پر انهن کي اهڙي ماهرائي نمونے ۾ استعمال ڪرڻ کپي جو انهن جو مفهوم انهن لاءِ بہ ضايع نہ ٿئي، جيڪي اهڃاڻي معنيٰ کي سمجهي نہ سگهندا هجن." (22)

فطرتي نظارن وارا اهڃاڻ ڏسو:

سج سيائي جا ڪري، سائي ساميءَ روءِ،
اچي ٿي عطر جي، منجهان مکڻ بوءِ،
سا ڏيکاريهون جوءِ، جتان لاهوتي لعل ٿيو.

(مومل راڻو، ١ - ٧)

Gul Hayat Institute

پَٽَ نہ پهريان سومرا، جانکي تان جيان،
آءُ کيئن لوئي لاهيان، کارڻ ٻن ڏينهان،
جانسين تي جيئان، ڪاڻ نہ ڪنديس ڪو ٻئو.

(مارئي، ٢ - ٧)

هنن بيتن ۾ بہ مارئي، ماڙيون، مارو، سومرو ۽ لوئي سڀ اهڃاڻ آهن. انهن لفظن جي سطحي معنيٰ بہ اوڏو ئي لطف ۽ حظ ڏئي ٿي، جيترو انهن شعرن جي اهڃاڻي تشريح. مارئي، مارن جي نينگري عمرڪوٽ ۾ قيد ٿيل آهي ۽ پنهنجي مارن ڪي ساري ٿي ۽ لوئي نہ ٿي لاهي، تڏهن بہ هيءُ بيت پيارو ۽ پر معنيٰ آهي ۽ جي مارئي حب الوطنيءَ جو اهڃاڻ ۽ مارو هم وطنين جو اهڃاڻ آهن، سومرو غاصب ۽ غلام بنائيندڙ ۽ ڪوٽ غلامي يا قيد آهي، تڏهن بہ هي بيت وڻندڙ ۽ معنيٰ خيز ٿو لڳي.

ساڳيءَ ريت شاهہ جي سيني ئي تاريخي قصن جي ڪردارن جي باري ۾ چيل بيت پنهي صورتن ۾ جامع ۽ وڻندڙ آهن. جي قصي جي ٽاٽي (Situation) طور ڏسجن، تڏهن بہ ڏاڍا رومانوي ۽ حسياتي آهن ۽ جي انهن کي اهڃاڻ سمجهجي، تڏهن بہ لطف ٿا ڏين. "ڪلياڻ" جي موکي ۽ ان جا متارا، "حسينيءَ"، "معذوريءَ"، ۽ "سسئي آبري" جي سسئي، پنهون، ڏونگر، ڏير، پب، ڏاڪها، "سهڻيءَ" جو درياهہ، ڏمر، ڪچو گهڙو، "مومل راڻي" جي ڳاڪ، مومل راڻو، ڪاپڙي، "سورٺ" جو ٻيجل، مڱڻو، ڏياچ، جاجڪ، ساز، ان جون تندون، سر "ساموندي" جو ساموندي وڻجارو ۽ بندر تي بيٺل ان جي محبوبا، سر "ليلا چنيسر" جو چنيسر، ليلا، ڪونئرو، هار، مٺيو، سر "ڪاموڏ" جو تماچي ۽ نوري، سر "ڪارايل" جو ڪنگ ۽ هنج، سر "ڪاهوڙيءَ" جو ڪاهوڙي، سر "گهاتوءَ" جو موروڙو ۽ مڇ، اهي سڀ عام فهم معنيٰ ۾ پڙهو، تڏهن بہ ايڏا ئي چمڪندڙ، چڀندڙ ۽ تڙپائيندڙ شعر آهن، جيڏا پنهنجي اهڃاڻي مفهوم ۾، ان جي پروڙڻ کان پوءِ.

پنهنجي اهڃاڻي معنيٰ ۾ اهي بيت وسيع آفاقي ۽ بين الاقوامي حيثيت جا حامل ٿي وڃن ٿا، جن جي اهميت دنيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين ۽ ازل کان ابد تائين قائم آهي. اهي زمان ۽ مڪان کان آجا ٿي هر وقت ۽ هر

Gul Hayat Institute

ڏور ۾ جر جر جرڪندا رهندا.

آء. اي. رچرڊس لکيو آهي ته، "نشانيون توڙي اهڃاڻ اهڙا ذريعا آهن، جن سان اسان جي ماضيءَ جا تجربا اسان جي حال جي ردِ عمل کي مدد ڏين ٿا." (23)

ان روشنيءَ ۾ هيءُ بيت پڙهو:

اٺ مَ اوري آڻ، ڏاگهن ڏڌي آهيان،
هٿي هٿ هين ڪي، پري نيئي پلاڻ،
هوت مهجو هاڻ، پنهون نيائون پاڻ سين.

(معذوري: ١ ـ ۴)

هنجن سين هيڪار، جي ڳڻ ڪري نهارين،
ٻگهن سين پيهار، پيلهہ نہ پڏين ڪڏهين.

(ڪارايل: ١ ـ ٢)

هنن بيتن ۾ ماضيءَ جي تجربن جو ذڪر بہ آهي تہ حال ۾ انهن تجربن مان مدد وٺي ٿيندڙ ردعمل جو ذڪر پڻ آهي. خيالن جي واسطي سان (Association of Idea) هنن بيتن جو مفهوم ڏاڍو چٽو ٿي پيو آهي، ۾ اهي سڀ ڳالهيون آهن اهڃاڻن جي ذريعي سان. پهرئين بيت ۾ اٺ ۽ ڏاگها، سسئي ۽ پنهون، سڀ اهڃاڻ آهن. سسئي جي ماضيءَ ۾ انن ڪيس نقصان پهچايو آهي. ڏير پنهونءَ کي انن تي ئي کڻي ويا هئا. ان ڪري نفسياتي طور تي هوءَ انن جي ويجهڙائي کان گهبرائي ٿي. ان ڪري جو هوءَ ڏاگهن ڏڌي آهي. هتي اهڃاڻن ذريعي، سسئيءَ، پنهونءَ ۽ انن جي علامتن سان ماضيءَ جي تجربي ۽ حال ۾ ان جي ردِعمل جو ذڪر آهي. هيءُ اهڃاڻ هر انهيءَ شيءِ سان لڳي سگهن ٿا، جنهن ڪنهن کي ماضيءَ ۾ نقصان پهچايو هجي ۽ سڄي زندگي ان جي ويجهو ويندي ڏپ ٿئيس. اهڙي هر مقام تي هيءُ بيت نهايت سگهجي ٿو.

ٻئي بيت ۾ بہ هنجن ۽ ٻگهن جا اهڃاڻ آهن. هنج سٺين عادتن وارا ۽ سهڻا آهن، ٻگهہ بڇڙين عادتن وارو ۽ بدصورت آهي. جنهن کي ماضيءَ ۾ چڱين خصلتن وارن ۽ سهڻن سان سنگت جو تجربو هوندو، اهو ڪڏهن بہ بڇڙين عادتن وارن سان سنگت نہ ڪندو، نڪو ئي بدشڪلن جي ويجهو ويندو. پاڻ ٻين کي بہ اهو ڏس ڏيندو تہ:

سهسين سانر ٻوڙيون، منڌ ٻوڙيو مهراڻ،
وهہ وڃايو پاڻ، هٿي ڪنڌ ڪپن سين.

(سهڻي، ٦ - ١٨)

هن بيت ۾ منڌ مهراڻ ڪي ٿي ٻوڙي، سهڻيءَ سنڌوءَ کي ٻوڙي ڇڏيو، پر هيءَ قصو سهڻيءَ ميهارَ ۽ مهراڻ جو نہ آهي، هيءَ قصو آهي عزم جو ۽ مصيبت جو. سهڻي مهراڻ کي ٻوڙي ٿي وڃي؛ هتي سهڻي، سهڻي ناهي؛ عزم جو، محبت جو ۽ عشق جو اهڃاڻ آهي.

شاهہ لطيف جي سچي شاعري ايئن آهي. سسئي پنهون هجي توڙي عمر مارئي، شاهہ لطيف جو مقصد ڪو ٻيو آهي. شاهہ لطيف اصلي شيءِ جي نالي وٺڻ کان سواءِ رڳو ان ڏي اشارو ٿو ڪري. اشاري واري شاعري ٿي اهڃاڻي شاعري آهي. اها اڻ سڌي اظهار واري شاعري آهي. جڏهن جو سڌو سنئون اظهار نہ عام ماڻهو بہ ڪري سگهن ٿا.. شاعر جو اظهار آهي ٿي اڻ سڌو. ڳالهہ هڪ شيءِ جي ڪجي ۾ اشارو ٻيءَ ڏانهن هجي. ڳالهہ هجي عمر مارئي جي ۽ مقصد هجي حب الوطني. قصو هجي موڪيءَ ۽ متارن جو اصل مقصد هجي سر جي سٽ ڏيڻ جو اظهار. بيان هجي سسئيءَ جو نہ مفهوم نڪري مقصد جي واٽ ۾ محنت ۽ مشقت جو. ڳالهہ هجي ٻيجل جي نہ مطلب هجي فنڪار ۽ ان جي فن جي طاقت سان.

سُر ڪارايل جو هيءَ بيت ان ڳالهہ کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيندو:

اڃو پائي لڙ ٿئو، ڪالوڙئو ڪنگن،
ايندي لڄ مرن، تنهن سر متي هنجڙا.

(ڪارايل، ١ - ٧)

هن بيت ۾ هنج ۽ ڪنگ بہ پکي آهن، انهن جي عادتن ۽ خصلتن کي اهڃاڻ طور اهڙين ٿي عادتن ۽ خصلتن وارن ماڻهن سان تشبيهہ ڏني وئي آهي. اهو اڻ سڌو اظهار آهي. هن بيت ۾ شاهہ لطيف اصلي شيءِ جو نالو ٿي نہ ورتو آهي، ان ڪري ٿي هن سٽن جو لطف قائم رهيو آهي. جي شاهہ لطيف سڌو سنئون چئي ها تہ "غلط قسم جي ماڻهن ماحول کي خراب ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري ان ماحول کان سڌي سنئين قسم جا ماڻهو گهٻرائين ٿا، ۽ اتي ايندي

Gul Hayat Institute

هن بيت ۾ پرينء جو منهن ۽ محراب، ٻئي اهڃاڻ آهن. پرينء جو منهن محراب آهي ۽ سڄو جهان جامع آهي، مڪمل آهي، هڪ وحدت آهي ۽ سڄي جهان ۾ سبحان آهي، سيوئي سبحان آهي، ڪائنات جي انهن گوناگون مظهرن ۾ وحدت آهي. اهي گوناگون مظهر، اهو منهن محراب پرينء جو، سيوئي سبحان آهي. ڪاڏي منهن ڪري عبادت ڪجي. ڪاڏي منهن ڪري نماز نتيجي؟ "منهن محراب پرينء جو" ۽ "جامع سڀ جهان" هڪ ازلي سونهن ۽ ان جي وحدت ڏي اشارو ٿا ڪن.

سُر ڪارايل ڏي اچو:

سو پکي، سو پڃرو، سو سر سوئي هنج،
ٻنهي جان پروڙئو، مون پنهنجو منجهہ،
ڏيل جهہ جو ڏنجهہ، سو ماري ٿو منجهہ ڦري.

(ڪارايل: ٢ ـ ١)

هن بيت ۾ پکي، پڃرو، ماري، سر ۽ هنج اهي سڀ لفظ اهڃاڻ طور ڪتب آيا آهن. پکي قيدي بہ آهي تہ من بہ آهي، جيڪو هن دنيا جي اسرارن (پڃري) ۾ قيد ٿيل آهي. سر هيء وسيع ڪائنات آهي، هنج پنهنجو پاڻ يا (Subjective Reality) آهي، ماري دشمن آهي، جيڪو هنج يا پکيء جي تاڙ ۾ آهي. شاهہ لطيف جي آڏو پکي ۽ پڃرو ٻئي هڪ آهن. انسان بہ ڪائنات جي ڪل جو جز آهي. هو ڪائنات جو حصو آهي. سر ۽ هنج جدا حقيقتون نہ پر لازم ۽ ملزوم آهن. جتي سر آهي اتي هنج آهي. هنج جو وجود سر کان سواء نامڪمل آهي، ان ڪري ئي شاهہ لطيف چيو آهي تہ:

سو پکي سو پڃرو، سو سر سوئي هنج.

هن بيت ۾ ماريء جو تصور بہ خارجي نہ پر داخلي آهي. خاتمو، انتها يا تخريب، هن ڪائنات جي سرشت ۾ سمايل آهي. اها ڪا خارجي قوت نہ آهي، جيڪا انت آڻي. انسان جي وجود ۾ ئي وقت گذرڻ سان پوڙهاپ ۽ پوء موت جو عنصر سمايل آهي. سندس وجود جي اندر ئي خاتمي جي خاصيت موجود آهي. ماري منجهہ ئي آهي. ساڳيء ريت سموريء ڪائنات ۾ بہ اهڙو عنصر سمايل آهي، جيڪو ان جي خاتمي جو سبب ٿيندو. اهو سڀ ڪجهہ داخلي آهي، اندروني آهي، ماري منجهہ ئي ٿو ڦري.

Gul Hayat Institute

ڪري، تہ اهوئي ويڄ اڻ ڄاڻ طبيب آهي، جنهن کي دل جي درد جي پرواهہ ڪانهي.

هڏ نہ وٺي هاڻ مون، ويڄن جي وصال جي،
من منهنجي حال، حبيب ئي هادي ٿيو.

(ڪلياڻ، ٣ – ٢)

هن بيت ۾ ويڄ کان گريز آهي، ويڄ اڻ وڻندڙ هستي آهي. حال جو اصلي هادي حبيب آهي، جيڪو ويڄ کان مٿاهين حقيقت آهي. هتي ويڄ اهڃاڻ آهي اڻ پوري همدردي جو.

هاڻي وري ٻيو بيت پڙهو:

پاڙي ويڄ هئام، تان مون مور نہ لکئا،
تيلاهين پئام، موريسر اکين ۾.

(ايمن ڪلياڻ، ٢ – ٧)

هتي ساڳيو ئي لفظ ويڄ انهي ئي معنيٰ ۾ آيو آهي، جنهن ۾ اڳئين بيت ۾ لفظ حبيب آيو آهي. پاڙي ۾ پرين هئا، محبوب ويجها هئا، درد جي دوا ڪرڻ وارا پري نہ هئا. پر مون انهن کي نہ پڇيو، تڏهن ئي منهنجي اکين ۾ موريسر پيا آهن.

سر ڪلياڻ ۽ ايمن ڪلياڻ ۾ حبيب ۽ ويڄ جي اهڃاڻ جي گلڪاري آهي. ڪٿي ويڄ درد جي دوا ڪرڻ وارو آهي تہ ڪٿي انڌو اونڌو آهي. ڪٿي "ويڄنئا ويئي، تي وهيئي سڄڻين" جو اظهار آهي تہ ڪٿي "پاڙي ويڄ هئام، تا مون مور نہ لکئا" جو پڇتاءُ آهي.

شاهہ لطيف وٽ اهڙو ٻيو اهڃاڻ آهي "آتڻ".

سُر سسئي آبري ۾ چوي ٿو:

آتڻ ۾ پريان، هو سيني جيڏين،
مون سياڳيءَ سان، ڪير ڇلندي ڇيرين.

(سسئي آبري، ٣ – ٣)

هن بيت ۾ آتڻ جي محبت کي گهر ويٺي جي سک جي اهڃاڻ طور ڪتب آندو ويو آهي. عام ماڻهو روزمرهہ جي ڪم ڪار سان ئي دل ٿا لائن. گهر ڇڏي ڇپرن ۾ ڇلڻ جي تڪليف کان گهٻرائن ٿا. هن بيت ۾ آتڻ اصلي مقصد کان هٽائڻ واريءَ شيءِ جو نالو آهي. اها شيءِ جيڪا هر عام ماڻهوءَ جي پسند جي شيءِ آهي. ان کي عام ماڻهو تڪليفن ۽ مصيبتن کان فراريت

Gul Hayat Institute

سسئي. ڪٿي سسئي ڏاگهن جي ڏکن ڪان ڏڏي آهي تہ ڪٿي وار وڏي، انهن ئي ڏاگهن جون واڳون ناهڻ تي چاهي ۽ پنهنجو پاڻ کي پلاڻ ڪري انهن ئي اٺن تي پوڻ ٿي چاهي.

سسئيءَ جي داستان جي هيءَ سٽ وري پڙهو:

ڏاگهن ڏيرن ڏونگر، ڏکن آءٌ ڏڏي.

۽ پوءِ سُر مومل راڻي جي وائيءَ جي هيءَ سٽ پڙهو:

آءٌ راڻا رهہ رات، تنهنجي چانگي ڪي چندن چاريان.

ساڳيو اٺ جو اهڃاڻ، پر ڪيڏو نہ فرق آهي. ڪٿي اٺ ويري آهي تہ ڪٿي اٺ محبوب جي سواري آهي.

شاهہ لطيف جي فن جو ڪمال آهي جو ساڳي ئي شيءِ کي مختلف مقامن تي مختلف معنيٰ ۽ مفهوم جي اهڃاڻ طور استعمال ڪري سگهي. ساڳي ئي شيءِ هن جي فنڪاريءَ جي رنگ سان نفرت لائق ٿيو پوي تہ ساڳي ئي شيءِ محبت ڪرڻ جي قابل بہ ٿي پوي ٿي. ساڳي شيءِ اڻ وڻندڙ آهي تہ ساڳي ئي شيءِ وڻندڙ پڻ. فرق رڳو بيان جو آهي ۽ شاهہ لطيف وٽ بيان جو ڪمال آهي.

شاهہ اهڃاڻ جو بہ اهڃاڻ پيش ڪيو آهي:

ڏکوين اهڃاڻ، ڪلهي قاتل ڪُنجرو،
وجن ڪندر ڳڏيون، لوڪ نہ آڇن پاڻ،
سُورن اسان ساڻ، نينديئي نينهن ڪئو.

(حسيني: ١٢ ـ ٣٦)

## حوالا


(1) اينسائيڪلوپيڊيا برطانيڪا، 1973ع.

(2) شپلي، جوزف، ٽي: ڊڪشنري آف ورلڊ لٽرري ٽرمس، لنڊن، 1970ع، صفحو 323.

(3) شپلي جوزف ٽي: ڊڪشنري آف ورلڊ لٽرري ٽرمس، لنڊن، 1970ع، صفحو 325.

(4) چارلس بودليئر، فلاورس آف ايول، لنڊن 1962ع، صفحو 25.

(5) اسٽيفن اسپينڊرڊ ۽ ڊونالڊ هال ـ دي ڪنسايز اينسائيڪلوپيڊيا آف انگلش ائنڊ آمريڪن پوئٽس ائنڊ پوئٽري، نيويارڪ، 1963ع، صفحو 323.


Gul Hayat Institute

# شاهہ لطيف جا سورما ۽ سورميون

ڪنهن بہ قوم يا ٻوليءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جا سورما ۽ سورميون، ان ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن، ۽ ان ملڪ جي ماڻهن جي مجموعي احساسن ۽ مجموعي نفسياتي ڪيفيت ڏي اشارو ڪندا آهن. شاعرن، خاص ڪري عظيم ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ ۾ آندل سورمن ۽ سورمين جي ڪردارن جي اڀياس مان اسان کي خبر ٿي پوي، تہ ان ملڪ جا ماڻهو يا ان ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ ڪهڙي قسم جا اجتماعي جذبا رکن ٿا. انهن جا اجتماعي احساس ڪهڙا آهن. هو ڪهڙين ڳالهين کي پسند ڪن ٿا ۽ ڪهڙين کي ناپسند. ڪهڙي قسم جي ڪردارن سان انهن کي عقيدت آهي، ڪهڙي قسم جي ڪردارن سان انهن کي محبت آهي، ۽ ڪهڙي قسم جي ڪردارن سان انهن کي نفرت آهي. ان قوم ۽ ان ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جا اجتماعي قدر ڪهڙا آهن. اهي اجتماعي قدر، توڙي سماجي هجن، توڙي اخلاقي، يا جمالياتي؛ انهن اجتماعي قدرن جي پروڙ اسان کي عظيم ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪردارن جي اڀياس مان ٿي پوي.

ماڻهو جيڪو سوچين ٿا، جيڪي چاهين ٿا، ان جو چٽو نقشو بہ سورمين ۽ سورمن جي ڪردارن ۾ ملي ٿو. هر قوم جي ماڻهن جا ڪي تصور هوندا آهن. انهن جون ڪي تمنائون هونديون آهن. انهن جون ڪي اميدون ۽ آسرا هوندا آهن. انهن جا ڪي خواب هوندا آهن. انهن خوابن جي تعبير انهن سورمن ۽ سورمين جي ڪردارن ۾ هوندي آهي. ماڻهن جون خواهشون، امنگون ۽ ارمان سڀ مجموعي طرح سان گڏجي انهن ڪردارن ۾ سمائجي

Gul Hayat Institute

سچل، بيدل، بيڪس، حمل، خليفي نبي بخش، نانڪ يوسف، روحل، غلام حيدر شر، مصري شاهہ کان وٺي، غزل جي شاعرن گل، فاضل، سانگيءَ، حامد ٽڪڙائي، انهن سڀني شاعرن کان ٿيندا، اهي ڪردار اڄوڪي دور جي شاعريءَ ۾ نئين سر ۽ نئينءَ معنيٰ سان اسريا آهن. ان حقيقت مان اها خبر پوي ٿي، تہ سنڌ جي ماڻهن جي نفسياتي بناوت يا انهن جا نفسياتي لاڙا اجا تائين انهن ڪردارن کي قبول ڪيو بيٺا آهن، ۽ انهن ڪردارن جي حيثيت، زماني جي حدن کان اڳتي اڪري وئي آهي.

شاهہ لطيف، انهن سورمن ۽ سورمين جي ڪردارن کي، (جيڪي اڳ ۾ ئي سنڌي شاعريءَ ۾ موجود هئا.) اهڙيءَ چٽائيءَ ۽ اهڙي رچاءَ سان بيان ڪيو آهي، انهن کي اهڙيءَ پختگيءَ سان ڳايو آهي، جو اهي ڪردار ڪلاسيڪي حيثيت حاصل ڪري ويا. اها ڪلاسيڪي حيثيت، شاهہ لطيف کان اڳ انهن ڪردارن کي حاصل نہ هئي. ڪلاسيڪي حيثيت حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ اهي ڪردار 'اهڃاڻ' بنجي پيا. اها پختي اهڃاڻي حيثيت بہ انهن ڪردارن کي شاهہ لطيف کان اڳ حاصل نہ ٿي هئي.

هاڻي اچو تہ انهن ڪردارن جو تجزيو ڪريون. ننڍي کنڊ جي سمورين اهم زبانن جي ڪلاسيڪي شاعري عورت جي زبان مان چورائي وئي آهي. شاهہ لطيف بہ پنهنجي سموري شاعري عورت جي زبان مان ادا ڪئي آهي. ننڍي کنڊ جي سماج ۾ عورت، منڍ کان وٺي اڄ تائين تمام مجبور، محڪوم ۽ ڪمزور رهي آهي. اسان جي سماج ۾ هميشہ عورت کي ثانوي حيثيت رهي آهي. عورت کي ڪڏهن بہ پاڻ وهيڻي ٿيڻ جو اختيار نہ ڏنو ويو آهي. سماجي، اخلاقي، سياسي توڙي اقتصادي کيترن ۾ عورت جي اها ئي ثانوي حيثيت آهي. ڏسجي ٿو تہ شاهہ لطيف، توڙي ننڍي کنڊ جي ٻين ڪلاسيڪي شاعرن جو پنهنجي شاعريءَ کي عورت جي واتان چورائڻ جو مقصد رڳو اهو ئي ٿي سگهي ٿو تہ ڪمزور، لاچار، نحيف ۽ مجبور ڪردارن کي وڏيڪ اهميت ڏجي. شاهہ لطيف جي دور ۾، عام ماڻهو بہ عورت وانگر ئي ڪمزور، محڪوم ۽ مجبور هو. هو پاڻ وهيڻو نہ هو. ان ڪري شاهہ لطيف جون امنگون، سندس ارمان ۽ سندس همدرديون جي ڪنهن طبقي سان هيون تہ اهو ڏتڙيل پيڙهيل ۽ ڦريل عام ماڻهو هو. ان ڪري ئي هن پنهنجي

سموري شاعري عورت جي واتان چئي آهي. جيئن ظاهر ٿئي ٿو تہ سندس همدرديون محڪوم، مجبور ۽ ضعيف ماڻهن سان آهي.

انهن سورمن ۽ سورمين جي ڪردارن تي غور ڪجي تہ اهي ڪهڙي طبقي مان ڪنيا ويا آهن. شاهہ لطيف کان اڳ بہ جيڪي بہ عظيم شاعر ٿي گذريا آهن، شاهہ لطيف جي دور کان اڳ جيڪا بہ دنيا جي عظيم شاعري آهي، ان جا سورما ۽ سورميون يا تہ ديويون ۽ ديوتا هوندا هئا، جيڪي مافوق الفطرت ۽ فوق الانسان هوندا هئا. انهن جو ذڪر ڪيو ويندو هو شاعريءَ ۾ - انهن جو بيان هوندي هئي شاعري. ان کان پوءِ جڏهن شاعري آسمان کان هيٺ لهي زمين تي آئي، تہ بادشاهہ، امير، فوجي، جرنل، مذهبي اڳواڻ ۽ ٻيا ان قسم ۽ ان طبقي جا ماڻهو شاعرن جا سورما بڻيا. ان قسم جي ماڻهن کي ڳايو ويندو هو. انهن جي روزاني زندگي، رعب، شان، دٻدٻو، انهن جي پوشاڪ، ان جو ذڪر شاعريءَ ۾ ٿيندو هو. اهي سڀ شاعريءَ جا موضوع هئا. شاهہ لطيف انهن سڀني ڳالهين کان هٽي، پورهيت ۽ غريب طبقي جي ماڻهن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو. هن نہ فقط انهن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو، پر انهن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ اولين حيثيت ڏني. انهن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ سورمن ۽ سورمين جي حيثيت ڏني. مثال طور، مارئي آهي - تہ مارئي ڇيلا چاريندڙ ڇوڪري آهي. سهڻي آهي - سهڻي ڪنير جي ڌيءَ آهي. ٻيجل چارڻ آهي. سسئي آهي، تہ اها بہ ڌوٻياڻي آهي. نوري آهي - سا بہ نماڻي مهاڻي آهي. راءِ ڏياچ بادشاهہ آهي - سورٺ راڻي آهي، پر ٻيجل غريب طبقي جو آهي - سواءِ مومل راڻي، ليلا چنيسر جي شاهہ لطيف جا اڪثر سورما ۽ سورميون غريب ۽ پورهيت طبقي مان آهن. شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ گهڻو ڪري عام طبقي جي روزاني زندگي بيان ڪئي آهي، ۽ ان طبقي سان ئي محبت ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪيو اٿائين.

هاڻي اڳتي ڏسجي، تہ شاهہ لطيف سنڌي سماج جي ڪمزور نٻل ۽ لاچار عورت، ۽ سنڌ جي غريب ۽ پورهيت ڏتڙيل ڏٻايل ۽ هيسايل طبقي ڪي ڪهڙيءَ ريت پيش ڪيو آهي: سسئي چوي ٿي تہ:

"اڙر نڙر ايري، اسونهين آئون."

اها ساڳي عورت، جيڪا ايري آهي، ڪمزور آهي، نٻل آهي، نڌڻڪي ۽

Gul Hayat Institute

مجبور ماڻهو آهي جيڪو اڪيلي سر ڪاهي وڃي ٿو ۽ ڪلاچيءَ جي ڪُن ۾ گهڙي پوي ٿو. ٻنهي ڪردارن ۾ فرق آهي حاصلات جو - بهرحال، اهي سڀ ڪردار - سسئي، ٻيجل، مارئي ۽ مورڙو - سڀ پيڙهيل طبقن جا آهن. ڪمزور ۽ نحيف هوندي بہ اسان کي تمام وڏيءَ همت ۽ وڏي عزم ۽ استقلال وارا ٿا ڏسجن - ۽ وڏا وڏا ڪارناما سرانجام ٿا ڏين.

شاهہ لطيف جي سورمن جي باري ۾ هڪ ٻي انوکي ۽ عجيب ڳالهہ آهي. جيئن مون پهريون عرض ڪيو تہ شاهہ لطيف جي دور ۾ سورمن ۽ سورمين کي Symbolic يا اهڃاڻي حيثيت حاصل ٿي. شاهہ لطيف جا ڪردار، رڳو ڪردار ناهن. شاهہ لطيف جا سُر رڳو ڪهاڻيون ناهن. شاهہ لطيف جي سسئي رڳو ڌوٻيءَ جي ڌيءَ نہ آهي. شاهہ لطيف جي مارئي رڳو مارن جي ڇوڪري نہ آهي. اهي ڪردار، پنهنجي ڪردار واريءَ حيثيت کان اڳتي وڌي، اهڃاڻي طور تصور Conception ٿي وڃن ٿا. اهي ڪنسيپشن، اسان جي سنڌي سماج جي سوچ ۽ امنگ جي سڀ کان اوچي حاصلات آهن. اهي تصور اسان جي قدرن جي ترجماني ڪن ٿا. جڏهن اڄڪلهہ اسين سسئيءَ جي ڳالهہ ڪريون ٿا، تہ سسئيءَ سان گڏ سندس سڄو پس منظر اکين آڏو اچي ٿو وڃي. سسئي هڪڙو ڪنسيپشن ٿي پوي ٿي. هڪ تصور ٿي پوي ٿي. هڪ اهڃاڻ ٿي پوي ٿي عزم جو، همت جو، استقلال جو، جدوجهد جو - ساڳئيءَ طرح جڏهن اسين مارئيءَ جو نالو ٿا وٺون، تہ مارئي بہ هڪ پيڪر ٿي پوي ٿي. حب الوطنيءَ جو - جڏهن ٻيجل جو بيان ٿو نڪري، تہ هڪڙي فنڪار جو تصور اڀريو اچي. اهو فنڪار، جيڪو چوي ٿو تہ:

هاڻيءَ ڪارڻ هيڪڙي، اَڳون ڪا تند هئان،
جا مٿي تو مٿيان، تنهن سِر جو آهيان سيڪڙو.

تہ شاهہ لطيف پنهنجي سيني سورمن ۽ سورمين کي اهڃاڻن ۽ تصورن جي صورت ۾ استعمال ڪيو آهي. هر سورمو يا سورمي ڪنهن نہ ڪنهن قدر Value جو اهڃاڻ آهي. شاهہ لطيف جا سڀ ڪردار ايترو تہ رچي ويا آهن، ايترو تہ Establish ٿي ويا آهن، ايترو تہ ڄمي ويا آهن، جو هن وقت تائين انهن ڪردارن جي اهڃاڻي ۽ ڪنسيپچوئل Conceptual حيثيت قائم آهي.

شاهہ لطيف جي سورمن ۽ سورمين جي ڪردارن جو اڀياس ڪندي هڪ

Gul Hayat Institute

# شاهہ لطيف شاعريءَ ۾ زورائتو اچار

هر ٻوليءَ جو پنهنجو مزاج ٿيندو آهي، ۽ ان ٻوليءَ جا لهجا ان جي مزاج موجب ٺهندا آهن. ڪن ٻولين ۾ لفظن جا اچار مقرر ۽ مستقل ٿين ٿا. انهن ٻولين ۾، لفظن کي فقط هڪڙيءَ ئي ريت اچاري سگهجي ٿو، ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ انهن جي اچار ۾ ڦير گهير نہ ٿي ڪري سگهجي. لکيل صورت ۾ انهن ٻولين جون اعرابون مستقل آهن. مثلاً عربيءَ جو لفظ مَحَبَت آهي، تہ عربيءَ ۾ اهو لفظ هر حالت ۾ انهي ئي طريقي سان اچاريو ويندو. جيئن لکيو ويو آهي، يعني م ۽ ح تي زبر، ب تي شد ۽ ت تي جزم. ڪنهن بہ صورت ۾ ان جي اچار ۾ ڦير گهير نہ ايندي. عربي، فارسي ۽ فرينچ ٻوليون اهڙيون آهن، جن ۾ لفظن جا اچار متعين آهن ۽ هر حال ۾ ساڳيا هوندا آهن. ان جي برعڪس، ڪن ٻولين ۾، ڪن لفظن جا اچار مستقل نہ هوندا آهن، انهن کي ڳالهايل ٻوليءَ، توڙي لکيل ٻوليءَ ۾ گهٽائي يا وڌائي سگهبو آهي، يا ڪن حالتن ۾ جهڪي تائين سگهبو آهي. يورپي ٻولين مان اهڙي هڪ ٻولي آهي انگريزي ۽ ننڍي کنڊ جي ٻولين مان اسان جي سنڌي ٻولي هڪ آهي.

هر ٻوليءَ وانگر سنڌي ٻوليءَ کي بہ لهجو آهي، جيڪو اچارن جي بنياد تي ٻڌل آهي ۽ ٻين ٻولين جي لفظن جي اچار کي پنهنجي لهجي آهر مٽائي ٿي ڇڏي. جيئن مٿي ڄاڻايل عربيءَ جو لفظ "محبت" سنڌيءَ ۾ لهجي جي اثر هيٺ "مَحبتَ" ٿيو وڃي، شاهہ لطيف بہ چيو آهي:

"مَحبتَ پائي من ۾ رندا روڙيا جن".

Gul Hayat Institute

هر ٻوليءَ ۾ ڌارين ٻولين مان آيل اچارن جي تبديلي ملندي. لفظ ميڪائيل، عربيءَ ۾ ميڪائيل، روسيءَ ۾ ميخائيل، انگريزيءَ ۾ مائيڪَل، فرينچ ۾ مِشي ۽ اطالويءَ ۾ مِڪيل اچارجي ٿو.

سنڌيءَ ۾ آيل عربي فارسي لفظن کي سنڌي لهجي موجب اچارڻ، ۽ ان کي شاعريءَ جي بحر وزن ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ ڪشنچند بيوس ڪراچيءَ ۾ تقرير ڪئي هئي، تہ اسان جا گهڻا عالم ان تي ڪاوڙيا ۽ مخالفت ۾ طوفان ڪڙو ڪيائون. حالانڪ ڪشنچند بيوس ڪا نئين ڳالهہ نہ ڪئي هئي، ۽ اسان جي اساسي توڙي ڪلاسيڪي شاعرن، شاهہ لطيف سوڌو، انهن لفظن کي سنڌي لهجي ۾ بدليل اچارن سان ڪتب آندو آهي، نہ ائين جيئن هو پنهنجي اصلي ٻولين ۾ اچاريا ٿا وڃن.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اچار جي تبديلي موڊ سان ٿيندي آهي. ساڳيو ئي لفظ، زورائتي، ۽ بنا زور جي نموني سان اچاري سگهجي ٿو. شاهہ لطيف مان ئي اهڙا ڪيترائي مثال ملندا. مومل راڻي جي هڪ بيت جي سٽ آهي:

جهڙا پاڻن پنَ، تهڙيون شالون مٿن سائيون.

هڪ ٻئي بيت جي سٽ آهي:

پَنَ ٻوڙين پاتال ۾، پاهڻ تارين تون.

مٿين ٻنهي سٽن ۾ لفظ "پن" جو اچار ڌار ڌار نمونن ۾ ڪيو ويو آهي. پهرينءَ سٽ ۾ لفظ پنَ نُونَ جي شد سان آيل آهي، تہ ٻيءَ سٽ ۾ بنا شد جي. چو تہ پهرئين ڏنل مثال ۾ شاعر لفظ 'پن' تي زور ٿو ڏئي، جن جهڙيون سايون شالون آهن. ٻيءَ سٽ ۾ لفظ 'پن' رواجي معنيٰ ۾ ڪم آيو آهي.

عام طرح جي ڳالهہ ٻولهہ ۾ بہ اسان لفظن تي، موڊ ۽ خيال آهر زور ڏيندا آهيون. جيئن: "مون کي ڇڏ". هن جملي ۾ ڪوبہ زور ڪونهي، پر جي زور ڏيڻو هوندو تہ چئبو "ڇڏّ" يعني جڏهن امر تو ڪجي يا ڪنهن ڳالهہ تي زور ڏيڻو ٿو پوي تہ ان جي آخري حرف کي ڇڪڻو ٿو پوي.

سٽنڊرس انگريزيءَ ۾ زورائتي اچار Stressed Sylable جو مثال ڏنو آهي.

<u>I</u> Love You

I <u>Love</u> You

I Love <u>You</u>

Gul Hayat Institute

ماترائن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪتب نہ آندو آهي، پر اهو زوراڻتو اچار هڪ فني خوبي آهي، جيڪا هن سنڌي ٻوليءَ جي لهجي جي آزاديءَ جي فنائتي استعمال سان، پنهنجي خيال کي ادا ڪرڻ، ۽ ڪن لفظن ۾ آيل خيال کي زور ڏيڻ لاءِ ڪتب آندي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي نوجوان شاعرن سنڌي ٻوليءَ جي ان لهجي جي آزاديءَ جو ناجائز استعمال ڪيو آهي. خاص ڪري آزاد نظم، نثري نظم، تجريدي نظم ۽ هائيڪو ۾. انهن کي رڳو هڪ ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي. هو شاهہ جو رسالو پڙهن، ۽ هن مضمون جي روشنيءَ ۾ ڏسن تہ شاهہ لطيف، ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڇو اها آزادي ڪتب آندي آهي، ۽ پوءِ هو پنهنجي شعر کي پڙهن، يا ٻئي ڪنهن کي پڙهائن. ۽ پوءِ ڌيان ڏين تہ سندن شعر ۾ آيل زوراڻتا اچار "ڳالهايل ٻوليءَ" ۾ صحيح نموني ۾ لهڪي اچن ٿا يا نہ ـ ائين تہ ناهي جو ائين لڳي تہ لفظن کي زوراوري ڪري ڇڪي تاڻي وزن بحر يا ڇند جي ماترائن ۾ آندو ويو آهي. فطري، ڳالهايل ٻولي ئي شاعريءَ جي صحت جو ماپو آهي، ۽ ان جو بهترين مثال "شاهہ جو رسالو" آهي.

Gul Hayat Institute

انت ڪونهي، ڪابہ انتها ناهي.

نہ ڪا ابتدا عبد جي نہ ڪا انتها،

انهي سڄڻ، سونهن ۽ سرت، جي تلاش ازلي ۽ ابدي آهي.هر ماڳ، هڪ نئين ماڳ جي سفر لاءِ شرعاتي سراء آهي. چو تہ:

نہ ڪو سنڌو سوو جو، نہ ڪو سنڌو سڪ،
حد ناهي حشق، پڄاڻي پاڻ لهي.

Gul Hayat Institute

# سُر گهاتو جو ابياس

گهاتوءَ جو موضوع سڀ کان پهريائين شاهہ لطيف وٽ باقاعدي سُر جي صورت ۾ ملي ٿو. هن کان اڳ وارن رسالن، مثلاً ميين شاهہ عنات يا شاهہ لطف الله قادريءَ وٽ، ان موضوع تي سُر تہ نهيو، پر هڪ بيت بہ نہ ٿو ملي.

تنهن هوندي بہ اهو موضوع سنڌي شاعريءَ لاءِ تمام پراڻو آهي. سنڌيءَ جي تمام اوائلي شاعريءَ ۾، شيخ چوهڙ جي سماع جي محفل ۾ ڳايل سنڌي بيتن مان هڪ بيت گهاتوءَ جي موضوع تي آهي. اهو هيئنءَ طرح آهي ۽ شاهہ جي رسالي ۾ بہ آهي:

جو گهڙي سو ني، ڪو جو تهر ڪلاچ جو،
خبر ڪونہ ڏي، رڇ ڪڇاڙي رنديو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق موجب اهو بيت سن 1504ع کان اڳ جو آهي، ۽ سمن جي دور جو آهي. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ 'ڪلاچي جو ڪُن' ۽ گهاتوءَ جو موضوع سورهين‌ءَ صديءَ عيسويءَ ڌاري شروع ٿيو. سنڌيءَ جي اساسي شاعريءَ ۾، قاضي قادن، شاهہ لطف الله قادريءَ، ميين شاهہ عنات ۽ خواجہ محمد زمان لنواريءَ واري وٽ ان موضوع تي هڪ بہ بيت نہ ٿو ملي. پر شاهہ ڪريم بلڙيءَ (1530ع) واري جي ڪلام ۾ ٻہ بيت گهاتوءَ جي موضوع تي ملن ٿا، جيڪي مرزا قليچ بيگ جي رسالي ڪريمي ۾ موجود آهن. اهي بيت هيئنءَ ريت آهن:

ڪلاچيءَ جي ڪَنان، موٽي ڪونہ آئيو،
ڪني رڇ وڇائيا، ڪني توبہ تاءِ.

(بيت، ٧١)

ڪَن ڪلاچيءَ پار، سنڌ نہ سجهي سائين،
گهاتوئن سندا مڪڙا، ڪي تڙ ٻئي نهار.

(بيت، ٧٢)

شاهہ ڪريم وٽ ’ڪَن‘، ’ڪلاچي‘ ۽ ٻين لفظن سان گڏ لفظ ’گهاتو‘ پڻ ملي ٿو. جيڪو اڳتي هلي هن نيم تاريخي داستان توڙي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي سُر جو عنوان بڻيو.

شاهہ لطيف پهريون شاعر آهي، جنهن هن نيم تاريخي قصي کي هڪ الڳ سُر ۾ بيان ڪيو، ۽ ان جو هڪ مستقل عنوان ’گهاتو‘ ٿيو.

سُر ’گهاتوءَ‘ جي ڪهاڻيءَ جو سورمو هڪ جڏڙو ۽ معذور نبل ۽ نحيف مهاڻو مورڙو آهي. شاهہ لطيف جي اڪثر سورمن وانگر هيءُ ڪردار بہ سنڌ جي عام، غريب ۽ پورهيت طبقي جو آهي، جنهن پنهنجي معذور هجڻ جي باوجود بہ، ڪلاچيءَ جي خطرناڪ ڪُن ۾ وڃي، هڪ طاقتور مانگر مڇ کي مات ڪيو ۽ پنهنجي ڀائرن جو بدلو ورتائين.

مورڙي ميربحر ۽ ارنيسٽ هيمنگوي جي ”پوڙهي ۽ سمنڊ“ Old man and Sea ۾ مشابهت آهي. ٻئي ڪمزور ۽ نبل آهن. ٻنهي وٽ وسيلا ۽ ذريعا ڪونهن. هڪ اٿاهہ سمنڊ ۾ اڪيلو ڪاهي ٿو پوي، تہ ٻيو ڪلاچيءَ جي خطرناڪ ڪُن ۾ ڪهڙي ٿو پوي. جدوجهد، عزم، توڙي فطرت سان هم آهنگي ٻنهي ڪهاڻين جي ڪردارن وٽ آهي. پر هيمنگوي جي پوڙهي، ۽ شاهہ جي مورڙي جي ڪهاڻيءَ ۾ وڏو فرق آهي. فرق نہ پر تضاد آهي. اهو روش Attitude جو. هيمنگوي جو پوڙهو - سخت جدوجهد کان پوءِ مانگر مڇ کي ماري تہ سگهي ٿو، پر جيستائين موٽي ڪناري تي پهچي ٿو، تہ سمنڊ جون مڇيون ان مانگر مڇ جو ماس کائي ٿيون وڃن، ۽ هو فقط مانگر مڇ جو ڪرنگهو کڻي، نڍال ۽ بيحال ٿي ڪناري تي پهچي ٿو. هيمنگوي وٽ پوڙهي جي مسلسل جدوجهد جو ڦل ڪجهہ بہ ناهي. هن وٽ جدوجهد لازمي تہ آهي، پر ڦل کان سواءِ - (شايد ان ڪري ئي هن خودڪشي ڪئي.) پر شاهہ لطيف جو مورڙو پنهنجي جدوجهد کان پوءِ بہ، پنهنجي ڀائرن جي لاشن جا ڪرنگها حاصل ڪري، پنهنجي فتح تي خوش ٿو ٿئي.

’ٻَري تي ٻيڄ‘ سُر گهاتوءَ جو روح آهي. اهو جملو ازلي ۽ ابدي جدوجهد جو نشان آهي، جيڪا جدوجهد آهي برائيءَ خلاف. پوءِ برائيءَ خلاف چڱائي ڀلي ڪمزور هجي، نبل هجي، معذور هجي، پر ٻري تي ٻيڄ ڪرڻي آهي -

Gul Hayat Institute



Gul Hayat Institute

**A ROSHNI BOOK**

Latifyat

Pakistan Rs. 150.00